


پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏجي
ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز اوجها سينيٽوريم ۾ ڪئنسر مرڪز جي پيڙهه جو پٿر رکڻ لاءِ
تختي جي نقاب ڪشائي ڪندي، پورهئي جو وزير سعيد غني پڻ موجود آهي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾
آئيڊياز 2022 جي هڪ اسٽال جو معائنو ڪندي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پاڪستان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح رحہ | ايڊيٽوريل | 02 |
| سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جون نصيحتون | عبدالستار بلوچ | 03 |
| قائد اعظم محمد علي جناح جنهن پاڪستان جو تصور حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاريو! | طارق احمد | 05 |
| علامہ اقبال جي فڪر جي روشنيءَ ۾ خوديءَ ۽ بي خوديءَ ۾ فرق | نورافشان | 13 |
| سنڌ جي عظيم تعليمي درسگاهہ "سنڌ مدرسۃ الاسلام" | نعمت الله سومرو | 15 |
| اقتصادي واڌ ۽ ترقي ڪيئن ممڪن آهي؟ | عمران علي ابڙو | 19 |
| انگريزن کان اڳ واري سنڌ | نزاڪت علي | 21 |
| سنڌ اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس، ڇا وهيو ڇا واپريو؟ | فرحان تنيو | 24 |
| سنڌ جي آبپاشي، زرعي ۽ نهري نظام ۾ بهتريءَ جي ضرورت | حبيب الرحمان چنو | 27 |
| ماحول ۾ گدلاڻ جا سبب گهٽائي سگهجن ٿا | رياض حسين مسڻ | 35 |
| سنڌي ٻوليءَ جي پرائمري درسي ڪتابن جو تنقيدي جائزو | علي محمد سومرو | 38 |
| سنڌي ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ ثقافت ۽ سياحت کاتو سرگرم عمل | غلام عباس | 43 |
| سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاريءَ جو مختصر جائزو | طارق عزيز شيخ | 46 |
| سيد ميران محمد شاهہ | هدايت الله سومرو | 51 |
| معاشري مان موڪلائي ويل احساس | مير ذوالفقار چانڊيو | 54 |
| قديم چيني ڏاهپ ۽ فلسفو | شبير احمد مغيري | 56 |
| ڊاڪٽر ڪمال واقعي نالي جيان ڪمال هو! | ڊاڪٽر علي جان ٻرڙو | 58 |
| ٻوائِتي تصوير (ڪهاڻي) | محمد علي پناهڻ | 60 |


www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
www.twitter.com/Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid
021-99202610

ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي
9 ماڙ، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. 021-35210405

ماهوار پيغام ڪراچي
جلد 26، شمارو 12، ڊسمبر 2022ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عمران عطا سومرو**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.......
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

ايڊيٽر
**علاب علي ڏيٿو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي کوکر**

ڪمپوزنگ
**مجيب سنڌيلو**

ماھوار پيغام ڪراچي
ڊسمبر 2022ع

## ايڊيٽوريل

# پاڪستان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح رحہ

پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جو جنم 25 ڊسمبر 1876ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. محمد علي جناح جو والد جيڻا پونجا گجرات ۾ چمڙي جو واپاري هو. جيڪو محمد عليءَ جي جمڻ کان اڳ ڪاٺياواڙ مان لڏي سنڌ ۾ جهرڪن ۾ اچي وينو. سندن مادري ٻولي گجراتي هئي، پر سنڌ ۾ رهڻ ڪري سنڌي ٻہ ڳالهائيندا هئا.

قائد اعظم محمد علي جناح ولايت مان اعليٰ تعليم پاس ڪرڻ بعد ننڍي ڪنڊ جي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. ڪيس هندو مسلم اتحاد جو سفير چيو ويندو هو. پر سندس تمام ڪوشش باوجود هندو پنهنجي هٺ ڌرمي کان نہ هٽيا، جنهن ڪري هن مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. ڪيس سنڌ جي عوام طرفان تمام گهڻي موٽ ملي. آڪٽوبر 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏي پيماني تي مسلم ليگ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. هن ڪانفرنس جا محرڪ اڳواڻ جي. ايم. سيد، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد ايوب کهڙو، پير علي محمد راشدي، ميران محمد شاہ ۽ محمد هاشم گزدر هئا. هن ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالجميد سنڌيءَ مسلمانن لاءِ ڌار ملڪ (آزاد رياستن جي صورت ۾) جي گهر جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. هن ڪانفرنس کان پوءِ مسلمانن جو آواز ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويو.

12 مئي 1946ع تي قائداعظم تجويز پيش ڪئي تہ پاڪستان جي حدن ۾ ايندڙ صوبن جو گروپ ۽ هندستان جي حدن ۾ ايندڙ صوبن جو گروپ الڳ الڳ تشڪيل ڏنا وڃن ۽ سندن دفاعي حدون بہ مقرر ڪيون وڃن. آڪٽوبر 1946ع ۾ مسلم ليگ، عبوري حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. 7 آگسٽ 1947ع تي جناح صاحب دهليءَ کان ڪراچيءَ پهتو. برصغير کي 14 آگسٽ 1947ع جي رات ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. اهڙو اعلان لارڊ مائونٽ بيٽن آل انڊيا ريڊيو تان ڪيو. ائين بہ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ پاڪستان ۽ ڀارت وجود ۾ آيا. پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل جناح صاحب ٿيو ۽ ڀارت جو پهريون گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن ٿيو. جناح صاحب سان سندس ڀيڻ فاطمہ جناح جو وڏو ساٿ رهيو هوءَ پاڪستان جي پهرين خاتون اول سڏي وئي. پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو.

قائداعظم، پاڪستان کي هڪ سيڪيولر، ترقي پسند ۽ مذهبي اختلافن کان پري ملڪ ڏسڻ جو حامي هو ان ڏس ۾ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، اُن جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ آڏو 11 سيپٽمبر 1947ع تي سندس ڪيل تقرير ان جو ڪليل ثبوت آهي:”آءٌ سمجهان ٿو تہ هينئر گذشتہ وقت کي درگذر ڪري، اوهان کي هر هڪ ملڪي باشندي کي، پوءِ اهو ڪهڙي بہ فرقي جو هجي.... يا ڪهڙي بہ رنگ، جاتيءَ ۽ متن جو هجي، ساڳئي ملڪ جو شهري، هڪجهڙن حقن ۽ جوابدارين سان شمار ڪرڻ گهرجي... اسان کي اهڙي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جو هي سڀ تفاوت، اقليت واري فرقي ۽ اڪثريت واري فرقي، هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا... سڀ گم ٿي وڃن... مون کان جيڪڏهن پڇو تہ سچ پچ تہ اها ڳالهہ هندستان جي آزاديءَ جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ هئي... اوهان هن پاڪستان جي حڪومت ۾ آزاد آهيو تہ پنهنجي مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃو. اوهان جي مذهب يا فرقي يا متن کي ملڪ جي ڪاروبار سان ڪو بہ واسطو نہ آهي.“

1948ع جي ابتدا ۾ جناح صاحب سخت بيمار ٿي پيو. 15 اپريل 1948ع تي هن جي طبيعت (سلهہ سبب) وڌيڪ بگڙي وئي، ان ڪري هن کي ڪوئيٽا کان پري زيارت ۾ آرام لاءِ آندو ويو. پر هن ڊاڪٽرن جي منع جي باوجود پنهنجو ڪم ڪار جاري رکيو. سندس ڀيڻ فاطمہ جناح آخري وقت ۾ سندس نہ رڳو تيمانداري ڪئي، پر سندس سياسي سرگرمين ۾ بہ شامل رهي. 11 سيپٽمبر 1948ع تي ڪراچي ايندي سندس حالت خراب ٿي وئي ۽ رات جو 10:20 وڳي وفات ڪيائين.

منصور احمد راجپوت
(چيف ايڊيٽر)

# سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جون نصيحتون

عبدالستار بلوچ



انساني تاريخ اهڙين ڪيترين ئي عظيم شخصيتن جي مثالن سان ڀرپور آهي جن پنهنجي بينظير ڪارنامن، سيرت ۽ ڪردار جي پاڪائي ۽ نيڪ ناميءَ سبب نہ رڳو پنهنجي دور ۾ عزت ۽ ناموس ماڻيو پر بعد ۾ پڻ ماڻهن جي دلين ۾ ڌڙڪن وانگر سمايل رهيا. اهڙين عظيم شخصيتن ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جو نالو خاص طور سرفهرست آهي. سندن نالو عبدالقادر، ڪنيت ابو محمد ۽ لقب محي الدين هو. سندن والد سڳوري جو نالو سيد ابو صالح موسيٰ ۽ والده جو نالو ام الخير فاطمہ هو. سندن نسبي سلسلو والد سڳوري جي طرف کان يارنهن واسطن ۽ والده سڳوريءَ جي طرف کان چوڏهن واسطن سان اميرالمومنين حضرت سيدنا علي رضہ سان وڃي ملي ٿو.

حضرت غوث اعظم رح جي ولادت جي تاريخ (اڪثر روايتن مطابق) پهرين رمضان المبارڪ 471هہ آهي، پاڻ ايران جي شهر گيلان يا جيلان ۾ پيدا ٿيا. بغداد ۾ پاڻ جن عالمن ۽ بزرگن کان پڙهيا انهن جا نالا هي آهن: ابوالوفاء علي بن عقيل، ابوالخطاب محفوظ الڪلووائي، ابوالحسن محمد بن قاضي، ابي يعلي، محمد بن حسين بن محمد مفراء، قاضي ابو سعيد مبارڪ بن علي مخرمي، ابو غالب محمد بن الحسن الباقلاني، ابو سعد محمد بن عبدالڪريم، ابوالغنائم محمد بن علي بن ميمون الرسي، ابوبڪر احمد بن مظفر، ابو محمد جعفر بن احمد، القادري السراج، ابوالقاسم علي بن احمد الڪرخي، ابو عثمان اسماعيل بن محمد الاصيهاني، ابو طالب عبدالقادر بن محمد بن عبدالقادر بن محمد يوسف، ابو نصر محمد ابو غالب احمد، ابو عبدالله يحيٰ، ابناءَ الامام ابي علي الحسن بن البنا، ابولعز محمد بن مختار الهاشمي، ابوالحسين المبارڪ المعروف يابن الطيوري، ابو منصور عبدالرحمان القزاز، ابوالبرڪات طلمتہ العاقولي ۽ علامہ ابوذڪريا يحيٰ بن علي التبريزي رحمهم الله تعاليٰ. ظاهري علمن حاصل ڪرڻ کانپوءِ پاڻ باطني علمن طرف متوجهہ ٿيا، ان سلسلي ۾ 25 سال مجاهدن ۽ رياضتن ۾ گذاريائون. پوءِ حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ بيعت ڪري سندن حلقہ ارادت ۾ شامل ٿيا. حضرت قاضي ابو سعيد مبارڪ مخرمي جڏهن سيدنا غوث اعظم کان بيعت وٺي چڪا تڏهن کين پنهنجي هٿن سان ماني کارايائون.

حضرت غوث اعظم فرمائن ٿا ته منهنجا شيخ طريقت جيڪو گرهه منهنجي وات ۾ وجهن پيا ته اهو منهنجي سيني ۾ معرفت جو نور پري ڇڙي پيو. حضرت شيخ ابو سعيد مبارڪ حضرت غوث اعظم کي ولايت جو خرقو پارايوءِ فرمايو "اي عبدالقادر! هيءُ خرقو جناب سرور ڪائنات رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن حضرت علي ڪرم الله وجه کي عطا فرمايو هو انهن حضرت خواجه حسن بصري کي عطا فرمايو ۽ انهن کان هٿون هٿ مون تائين پهتو." حضرت سيد شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جن ظاهري ۽ باطني علمن جي تڪميل بعد عام ماڻهن توڙي عالمن ۽ صوفين جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ درس تدريس ۽ تعليم تربيت وسيلي پنهنجو فيض عام ۽ خاص تائين پهچايو. سندن ملفوظات ۾ تمام گهڻيون اهم ۽ ڪارائتيون ڳالهيون اڄ به اسان لاءِ هدايتن ۽ رهنمائيءَ جو سامان مهيا ڪن ٿيون. ان سلسلي ۾ سندن پنهنجي پٽ کي ڪيل وصيتون نهايت اهم ۽ ذڪر جوڳيون آهن. جيئن پاڻ پنهنجي فرزند ارجمند کي وصيت ڪندي فرمايائون:

"توکي وصيت ڪريان ٿو ته الله تعالىٰ کان ڊڄ ۽ ان جي فرمانبرداريءَ ۾ هڄ. ظاهر شريعت کي لازم ڪري وٺ! (ساڙ وغيره کان) سيني کي سلامت رک، طبيعت جي فراخي ۽ منهن جي ڪشادگي (خنده پيشاني) کي نه ڇڏ. ڏيڻ جهڙين شين کي ڏيندو رهه. ٻين کي نه ايذاءِ ۽ ٻين جا ايذاءَ ۽ تنگيون سهندو رهه. وڏن جي عزت رکڻ، دوستن سان چڱي هلڻ ۽ ننڍن سان خير خواهي ڪرڻ کي ملحوظ رک. ٻين لاءِ قرباني ڏيڻ کي پاڻ تي لازم ڪر! مال کي ذخيرو ڪري نه رک. الله تعالىٰ جي راهه جي سالڪن کان سواءِ ٻين سان صحبت نه رک. دين ۽ دنيا جي ڪمن ۾ (مسلمانن جي) مدد ڪندو رهه. فقيري جي حقيقت هيءَ آهي ته تون پاڻ جهڙن يعني مخلوق جو محتاج نه ٿيءُ ۽ تونگري جي حقيقت هيءَ آهي ته تون پاڻ جهڙن يعني مخلوقات کان بي نياز هڄ. تصوف (يعني نفس جو تزڪيه ۽ تهذيب اخلاق) قيل و قال يعني بحث مباحثه مان حاصل نه ٿيندو آهي بلڪ تصوف، بک سان ۽ مرغوب ۽ نفس کي وڻندڙ شين جي ڇڏڻ مان حاصل ٿيندو آهي. فقر جي طالب کان منڍ ۾ علمي شين جو مواخذو نه ڪرڻ گهرجي بلڪ منڍ ۾ ان سان نرمي ڪجي ڇو ته علمي مواخذو ڪيس تاهي ڇڏيندو ۽ نرمي سان هو مانوس ٿيندو (۽ انس ۾ آڻي ڪيس آسانيءَ سان سمجهائي سگهبو ته هيءُ ڪم غلط آهي.)

تصوف انن خصلتن تي ٻڌل آهي:
ابراهيم عه واري سخاوت، اسحاق عه واري رضا باالقضا، ايوب عه وارو صبر، زڪريا عه واري مناجات ۽ ٻاڏائڻ، يحيٰ عه وارو گريه ۽ زاري، موسيٰ عه وارو اونو ۽ سادو لباس، عيسيٰ عه جو سير و سياحت ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جو فقر (مسڪيني ۽ ترڪ ما سواءِ الله).

حضرت غوث اعظم رح جو سماج سڌارڪ ڪردار تاريخ جو هڪ روشن باب آهي. حضرت غوث اعظم رح جن ظاهري ۽ باطني علم مڪمل ڪري ورتا ته پوءِ پاڻ اسلامي دنيا جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو غور سان جائزو ورتو. هي اهو زمانو هو جو اسلامي دنيا مختلف قسمن جي فتنن جي ور چڙهي چڪي هئي. خلق قرآن، باطنيت ۽ رفض جهون تحريڪون مسلمانن جي ايمان لاءِ خطرو بڻيل هيون. اسلام جي مرڪز بغداد ۾ فسق ۽ فجور ۽ منافقت وڌي رهي هئي. سلجوقي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، جنهن بادشاهه جي طاقت وڌي ويندي هئي ان جو نالو جمعي جي خطبي ۾ بغداد جي مسجدين ۾ ورتو ويندو هو. حضرت غوث اعظم رح اهڙين حالتن ۾ حق ۽ سچائيءَ جو آواز بلند ڪيو ۽ ماڻهن کي سڌاري ۽ هدايت جو رستو ٻڌايو.

سندن مجلسن ۾ موجود ماڻهن جو تعداد ڪڏهن ڪڏهن ته ستر هزارن کان به وڌي ويندو هو. جنهن ۾ نه رڳو عوام پر اڪابر، مشائخ ۽ عالم به شامل هوندا هئا. عام طور پاڻ هفتي ۾ ٽي ڀيرا واعظ فرمائيندا هئا. اهو سلسلو سندن وصال تائين جاري رهيو. سندن هدايت ۽ رهنمائيءَ سان ڪروڙين انساني دليون روشن ٿيون. حضرت غوث الاعظم رحه وعظ ۽ نصيحت سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو مشغلو پڻ اختيار ڪيو. سندن تصنيفن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن: غنيت الطالبين، الفتح الرباني والفيض الرحماني، الفيوضات الربانيه في الاوراد القادريه، فتوح الغيب، بشائر الخيرات، تحفت المتقين والسبيل العارفين، حزب الرجاء والانتهاء، الرسالت الغوثيه، يواقيت الحڪم، معراج اللطيف المعاني، جلاءُ الخاطر في الباطن والظاهر، آداب السلوڪ والتوسل الي منازل (ملڪ الملوڪ)، ديوان الاشعار، ملفوظات القادريه، ملفوظات الغيلاني. پاڻ 10 ربيع الاول 561 هه مطابق 11 اپريل 1144ع ۾ وصال فرمايو. اسان کي کپي ته هن دنيا ۾ امن ۽ اطمينان سان زندگي گذارڻ خاطر پنهنجي بزرگن جي وسريل پيغام کي ياد ڪريون ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.


# قائد اعظم محمد علي جناح

## جنهن پاڪستان جو تصور حقيقت ۾ بدلائي ڏيڪاريو!

طارق احمد

پاڪستان جو باني قائداعظم محمد علي جناح جو جنم 25 ڊسمبر 1876ع تي اڳوڻي ضلعي ڪراچي (۽ هاڻوڪي ضلعي ٺٽي) جي ڳوٺ جهرڪن ۾ ٿيو. ڪن مصنفن سندس جنم جو هنڌ ڪراچي ڄاڻايو آهي، جيڪا غلط فهمي ان ڪري پيدا ٿي آهي، جو ان زماني ۾ جهرڪن جو شهر ڪراچي ضلعي ۾ هو. جناح صاحب جي ماءُ جو نالو مٺي ٻائي ۽ پيءُ جو نالو جيڻا پونجا هو. جن جي شادي 1874ع ۾ ٿي هئي. سندن خاندان جي فرم 'والجي پونجا ڄي' نالي سان مشهور هئي، ۽ اُهي چمڙي جو واپار ڪندا هئا. محمد عليءَ جو والد جيڻا پونجا گجرات ۾ چمڙي جو واپاري هو جيڪو محمد عليءَ جي ڄمڻ کان اڳ ڪاٺياواڙ مان لڏي سنڌ ۾ جهرڪن ۾ اچي وينو. سندن مادري ٻولي گجراتي هئي، پر سنڌ ۾ رهڻ ڪري سنڌي به ڳالهائيندا هئا.

محمد علي جناح ننڍو هو ته کيس ابتدا ۾ جهرڪن جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. بعد ۾ ڪراچي لڏي آيا ۽ کيس وڌيڪ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 'گوڪلداس تيج گجراتي پرائمري اسڪول بمبئيءَ' ۾ موڪليو ويو. کيس ايڏي ننڍي وهيءَ ۾، ايترو دور دراز پنڌ تي، ابتدائي تعليم لاءِ موڪلڻ جا



ڪارڻ ڪھڙا هئا، اُن جو پتو پئجي نہ سگھيو آهي. بهرحال هي گھڻو وقت اوڏانھن رهي نہ سگھيو ۽ پوءِ کيس 1886ع ۾ سنڌ مدرستہ الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪيو ويو. جِتان کيس ڪجھ وقت کان پوءِ ڪڍي، پندرهن سالن جي عمر ۾ ڪراچيءَ جي 'ڪرسچن مشنري اسڪول' ۾ داخلا ڏياري وئي، جتان هن مئٽرڪ پاس ڪئي. جناح صاحب هاءِ اسڪول جي پڙهائيءَ دوران ڪرڪيٽ جو بهترين رانديگر ۽ ٽيم جو ڪئپٽن هو. کيس گھوڙي سواريءَ جو بہ شوقين هو. جناح صاحب جي ڪٽنب جو لاڳاپو هڪ انگريز واپاريءَ، سر فريڊرڪ ڪرانٽ سان هو. تنهن هن نوجوان جي لياقت کي مدنظر رکي، سنڌس مائٽن کي وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ کيس ولايت موڪلڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي هن کي 16 ورهين جي عمر ۾ انگلنڊ ڏانهن بئريسٽري پڙهڻ لاءِ 1892ع ڌاري موڪليو ويو. جتي هي 'لنڪن اِن' ۾ داخل ٿيو.

جناح صاحب جي پهرين شادي 16 ورهين جي ننڍيءَ ڄمار ۾ (1890ع ۾) پنيلي ڳوٺ جِي، ايمي ٻائيءَ سان ٿي هئي، جڏهن اُن جي عمر 14 سال هئي. جناح صاحب کي انگلنڊ ۾ تعليم پرائيندي، اڃا 8 مهينا ئي نہ ٿيا هئا تہ ايمي ٻائي 16 سال جي ڄمار ۾ (1892ع ۾) وفات ڪري وئي. جناح صاحب پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي مٿانهون رکيو ۽ 18 سالن جي ڄمار ۾ بئريسٽري ڪري ورتي، اهو ان دور جو هڪ رڪارڊ هو.

لنڊن ۾ محمد علي جناح، ڪانگريس جي مکيہ قومپرست ليڊر، دادا ڀائي نوروجيءَ (پارسي) جي اثر هيٺ آيو. انهن ڏينهن ۾ دادا ڀائي برٽش پارليامينٽ جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيٺو هو. جنهن ۾ هن سنڌس ورڪر بڻجي ڪم ڪيو.

جناح صاحب بئريسٽريءَ جي سَنَد وٺي، 1896ع ۾ واپس ڪراچيءَ موٽيو ۽ اچي ڪراچيءَ جي مشهور وڪيل هرچندراءِ وشنداس سان گڏ وڪالت شروع ڪيائين. سنڌس ڪٽنب جي مالي حالت ان وقت ڪمزور ٿي وئي هئي. ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ موقعا ۽ حالتون ٺيڪ نہ ڏسي، هي ٻئي سال (1897ع) بمبئي وڃي وڪالت ڪرڻ لڳو. اتي ٽن سالن (1900ع) تائين وڪالت ڪرڻ بعد ايڊووڪيٽ جنرل مسٽر مئڪفرسن جي آفيس ۾ وڃي ڪاغذن پڙهڻ جي اجازت ورتائين. 1900ع ۾ ئي مسٽر مئڪفرسن جي سفارش سان کيس ڇهن مهينن لاءِ پريزيڊنسي مئجسٽريٽ ممبئيءَ جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. هن اُن دوران پنهنجي ننڍي ڀيڻ فاطمہ جناح کي ڪراچيءَ کان بمبئيءَ گهُرائي ورتو تہ جيئن هوءَ ڪانوينٽ اسڪول ۾ تعليم اچي مڪمل ڪري.

1903ع ۾ جناح صاحب بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن جو ليگل ائڊوائيزر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ کيس پڪي ملازمت جي آڇ ٿي، پر هن اها رد ڪري وڪالت شروع ڪئي ۽ ڪامياب وڪيل ثابت ٿيو.

جڏهن ڇٽن سالن جي محنت کان پوءِ، هي روزگار جي مسئلي ۾ بي فڪر ٿيو تہ هن سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. جناح صاحب مسٽر گوکلي جي اثر هيٺ آيو. دادا ڀائي نوروجيءَ جو اڳ ۾ انگلنڊ ۾ واقف ٿي چڪو هو. جڏهن 1906ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس ڪلڪتي ۾ دادا ڀائي نوروجيءَ جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو تہ هي (30 سالن جي عمر ۾) سنڌس پرائيويٽ سيڪريٽريءَ ۽ ڊيليگيٽ ٿي، ان ۾ شريڪ ٿيو. ان اجلاس ۾ هڪ ٻن نهرائن جي تائيد بہ ڪيائين. ان کان پوءِ ڪانگريس جو رُخ تيز ڏسي، انگريزن اُن ئي سال، نواب وقار الملڪ جي صدارت هيٺ، مسلم ليگ جو ڍاڪا ۾ بنياد وجهرايو.

1906ع کان وٺي جناح صاحب سال بسال ڪانگريس جي اجلاسن ۾ حصو وٺڻ لڳو. 1908ع جي مدراس اجلاس ۾ هندستان جي مستقبل جي آئيني سوال تي لارڊ مارلي جي رپورٽ تي پيش ٿيل نهراءُ تي بحث ۾ حصو ورتائين. 1909ع ۾ هي بمبئي صوبي جي مسلمانن طرفان وائسراءِ جي ليجسليٽو ڪائونسل (Legislative Council) تي ميمبر چونڊجي ويو. جنهن ۾ هن دلچسپي وٺي پاڻ ملهايو.

1910ع ۾ الہ آباد ۾، سر وليم ويڊ برن جي صدارت هيٺ، ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪٺو ٿيو. ان ۾ جُدا چونڊن کي لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين ۾ رائج ڪرڻ جي اصول کي نندڻ جو نهراءُ، جناح صاحب پيش ڪيو جنهن جي مسٽر مظهرالحق ۽ سيد حسن امام تائيد ڪئي.

1911ع ۾ مولانا محمد علي جوهر ۽ سر وزير حسين جي مشوري ۽ صلاح تي جناح صاحب مسلم ليگ اجلاس ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان جي 'دستور العمل' (Constitution) ۾ تبديلي آڻي، هندستان لاءِ 'خود حڪومت' (Self Government) حاصل ڪرڻ جي ترميم پاس ڪرايائين. انهيءَ اجلاس ۾ هن تقرير بہ ڪئي.

محمد علي جناح، اپريل 1913ع ۾ مسٽر گوکلي سان گڏ يورپ جي سير تي ويو. جتي هندستاني شاگردن جي تڪليفن دور ڪرائڻ لاءِ 28 جون 1913ع تي، ڪاگسٽن هال لنڊن ۾ تقرير ڪيائين ۽ شاگردن جي هڪ جماعت 'لنڊن انڊين ائسوسيئيشن' قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪيائين. انهيءَ سال (1913ع) مولانا محمد علي جوهر ۽ سيد وزير حسين جي اصرار تي انگلنڊ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ باقاعدي شموليت اختيار ڪيائين.

26، 27 ۽ 28 ڊسمبر 1913ع تي ڪانگريس جو اجلاس، ڪراچيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪانگريس جو آئين بدلائي، خود حڪومت وٺڻ جي ٺهراءَ کي پاس ڪيو ويو. هن اجلاس ۾ جناح صاحب هندستان جي آئيني سڌارن بابت هڪ مکيه ٺهراءُ پاس ڪيو. اتان هي آگري ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. اهو اجلاس 30- 31 ڊسمبر 1913ع تي سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت ۾ ٿيو. ان اجلاس ۾ جناح صاحب سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي ڪائونسل ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ تجويز پيش ڪئي.

1914ع ۾ جناح صاحب ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ هندو مسلم مسئلن جي سمجهوتي ۽ ترقي پسند پاليسي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. چوته هو ٻنهي جماعتن ۾ اهم پوزيشن حاصل ڪري چڪو هو. ان سال ڪانگريس طرفان وڌيڪ سڌارن حاصل ڪرڻ لاءِ مئي 1914ع ۾ انگلنڊ هڪ وفد موڪيو ويو. جنهن ۾ هندستاني مسلمانن پاران جناح صاحب ۽ مسٽر مظهر الحق وفد جا ميمبر ڪري موڪليا ويا. اتي جناح صاحب هندستان جي آئيني مسئلن تي اهڙو مدلل بحث ڪيو. جو 'لنڊن ٽائيمس' جي نمائندي سندس انٽرويو شايع ڪيو. واپس هندستان موٽڻ تي ڪانگريس جي مدراس واري اجلاس ۾ سندس خدمتن جي اعتراف ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. انهيءَ سال يورپ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي. جنهن لاءِ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي انگريزن جي مدد جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

ڊسمبر 1915ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جا اجلاس بمبئيءَ ۾ گڏ ٿيا. ڪيترا ڪانگريسي اڳواڻ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. جن ۾ ڪانگريس جو صدر لارڊ سنها، ايني بيسنٽ ۽ مهاتما گانڌي مکيه هئا. ان موقعي تي ايني بيسنٽ، مسٽر گوکلي ۽ لوڪمانيه تلڪ جي گروپن ۾ ٺاهه ڪرائڻ لاءِ هڪ ٺهراءُ ذريعي ڪميٽي ٺهرائي. انهيءَ ٺاهه ڪرائڻ ۾ جناح صاحب مکيه ڀرو ورتو. پر 'آئيني سڌارن' جي مسئلي تي ٺاهه ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو.

1916ع جي اول ڏاري جناح صاحب کي بمبئيءَ جي مسلمانن ٻيو ڀيرو امپيريل ڪائونسل تي ميمبر چونڊي موڪليو. انهيءَ سال اپريل ۾ ڪانگريس طرفان مقرر ڪيل ڪميٽيءَ جي ميٽنگ الهه آباد ۾ گڏ ٿي. مسلم ليگ جا عيوضي به حاضر هئا. آخر ۾ ٻنهي جماعتن طرفان مقرر ڪيل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي، 17، 18 نومبر 1916ع تي ڪلڪتي ۾، سريندر ناٿ بئنرجيءَ جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ ٻنهي جماعتن جي عيوضين هڪ گڏيل سمجهوتي جي تجويز منظور ڪئي. سال جي آخر ۾ ٻنهي جماعتن جا اجلاس لکنوءَ ۾ ڪٺا ٿيا. ڪانگريس اجلاس جي صدارت بابو امبيڪا چرن مزمدر ڪئي ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي صدارت جناح صاحب ڪئي. انهن ٻنهي اجلاسن ڪلڪتي ۾ ڪميٽين طرفان پاس ڪيل گڏيل سمجهوتي جي تجويز کي پاس ڪيو اُهو عهدنامو 'لکنو پيڪٽ' جي نالي سان مشهور ٿيو جنهن ۾ 'مسلمانن جي جدا چونڊن ۽ مخصوص سيٽن' جو اصول قبول ڪيو ويو هو.

ان دور ۾ جناح صاحب جا ڪانگريس سان اختلاف شدت اختيار ڪندا ويا. جناح صاحب ڪوشش ڪئي ته مسلمانن کي اڪثريت وارن صوبن ۾ جائز حق ملڻ تي سمجهوتو ٿئي، پر ڪجهه هندو اڳواڻن 'لکنو پيڪٽ' جي ابتڙ 'جدا چونڊن' جي اصول جي مخالفت ڪئي. ان ڳالهه تي جناح صاحب کي ڪاوڙ آئي. پوءِ به هو ٻنهي ڌرين ۾ سمجهوتي لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. باوجود ان جي، کيس فرقيوار ذهنيت جا طعنا ملڻ لڳا.

1917ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي زور تي هئي. انگريز حڪومت، باوجود ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان حڪومت سان وفاداريءَ وارن ٺهرائن جي، سخت دٻاءَ جي پاليسي اختيار ڪئي.

جولاءِ 1917ع تي بمبئي ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جا اجلاس گڏ ٿيا، ۽ انهن ۾ متفق فيصلو ڪيو ويو ته هڪ درخواست سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي پيش ڪئي وڃي، جنهن ۾ هندستان جي 'خود- حڪومت' لاءِ گهر ڪئي وڃي. اهڙي درخواست تيار ڪري، ٻنهي جماعتن جو گڏيل وفد وائسراءِ ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي مليو.

انهيءَ وقت ڏاري هندستانين کي گهرو راڄ (هوم رول) ملڻ لاءِ مسز ايني بيسنٽ 'هوم رول ليگ' نالي سان جماعت قائم ڪري، هلچل هلائڻ لڳي. ان تي هندستان سرڪار ناراض ٿي، جون 1917ع ۾ مسز ايني بيسنٽ کي نظربند ڪيو. هن موقعي تي جناح صاحب، جيڪو اڳي هوم رول ليگ جو ميمبر نہ هو سو ان جماعت ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ جولاءِ مهيني ۾ بمبئيءَ جي هڪ پبلڪ ميٽنگ ۾ تقرير ڪندي، سرڪار جي انهيءَ قدم تي سخت نڪتہ چيني ڪيائين. حالتون سڌرڻ بدران بگڙڻ لڳيون ۽ سرڪار زياده سختيءَ طرف مائل ٿي. ان تي وري بمبئيءَ ۾ 30 جولاءِ 1917ع تي بمبئي پريزيڊنسي ائسوسيئيشن جي سهاري هيٺ، هڪ ميٽنگ جناح صاحب جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي، جنهن ۾ سندس ڪيل تقرير مشهور آهي.

6 آڪٽوبر 1917ع تي الهه آباد ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جي گڏيل ميٽنگ ڳني ٿي، جنهن ۾ گرم ڌر ۽ عمر رسيده سياستدانن جي وچ ۾ برٽش حڪومت سان عدم تعاون ڪرڻ جي سوال تي بحث ٿيو. جناح صاحب، مسز ايني بيسنٽ ۽ ڪيترن ٻين پراڻن تجربيڪار سياستدانن ان جي مخالفت ڪئي.

ساڳئي سال جي آخر ۾ ڊسمبر 1917ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا ساليانہ اجلاس ڪنا ٿيا. پهرئين جي صدارت مسز ايني بيسنٽ ڪئي ۽ ٻئي جي صدارت مولانا محمد علي جوهر کي ڪرڻي هئي، سندس جي نظربند هئڻ ڪري راجا صاحب محمودآباد وقتي صدارت جا فرائض بجا آندا. ان اجلاس ۾ وڌيڪ آئيني سڌارن لاءِ گهر ڪئي وئي.

19 اپريل 1918ع تي رتن بائي (جنهن اسلام قبول ڪيو هو) سان محمد علي جناح جي شادي ٿي. رتن بائيءَ مان جناح صاحب کي اڳتي هلي 1919ع ۾ دينا جناح نالي هڪ ڌي ڄائي، جيڪا سندس واحد اولاد هئي. 1918ع ۾ هندستاني سياست تي مهاتما گانڌي پنهنجي نئين سياسي پروگرامن - 'عدم تشدد'، 'عدم تعاون' ۽ 'ستياگرهہ' جي رستي اثر انداز ٿيو. ان جي پيٽ ۾ هوم رول ليگ وارا نرم ڏسڻ ۾ آيا. هوم رول وارن هندستان جي سوال پيش ڪرڻ لاءِ هڪ وفد انگلنڊ موڪلڻ گهريو جنهن جي هند سرڪار اجازت نہ ڏني. ان تي جناح صاحب، مسز ايني بيسنٽ ۽ لو ڪمانيہ تلڪ، سرڪار جي انهيءَ روش کي هڪ گڏيل بيان ذريعي ننديو.

سگهو ئي وائسراءِ دهليءَ ۾ 'وار ڪانفرنس' جي ميٽنگ گهرائي، جنهن ۾ جناح صاحب هندستان کي آئيني سڌارن ڏيڻ لاءِ هڪ تجويز پيش ڪئي، جا چيئرمئن (وائسراءِ) اچڻ نہ ڏني. ان وقت ڏاري بمبئيءَ جي گورنر لارڊ ولنگڊن جي صدارت هيٺ هڪ 'وار ڪائونسل' جي ميٽنگ ٿي. ان ۾ جناح صاحب ۽ هوم رول ليگ ۽ گورنر جي وچ ۾ اختلاف راءِ ٿيو جنهن بہ سڌارن جي ڳالهہ وچ ۾ آڻڻ جي اجازت نہ ڏني. ان تي بمبئيءَ جي عوام ۾ ناراضگي پيدا ٿي پئي، جن مهاتما گانڌيءَ جي صدارت هيٺ پبلڪ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ جناح صاحب، لارڊ ولنگڊن جي پاليسيءَ خلاف نندا جو ٺهراءُ پيش ڪري، سخت تقرير ڪئي. ان تي سرڪار پرستن طرفان ٽائون هال بمبئيءَ ۾ لارڊ ولنگڊن جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرڻ لاءِ جلسو سڏايو ويو.

جناح صاحب ۽ مسٽر هارنيمن، عام ماڻهن کي ان جلسي ۾ اچڻ لاءِ دعوت ڏني. ان حالت کي ڏسي سرڪاري چاڙتن، پوليس ۽ غُنڊن جي مدد سان عام ماڻهن کي اندر اچڻ کان روڪي، گڏ ٿيل چند ماڻهن کان لارڊ ولنگڊن جي تعريف ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان تي هال کان ٻاهر روڪيل هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿيل ماڻهن گورنر جي خلاف نندا جو ٺهراءُ، مسٽر جناح ۽ مسٽر هارنيمن جي اڳواڻيءَ هيٺ پاس ڪيو. اهو پهريون دفعو هو جو حڪومت جي برخلافيءَ هوندي، عوام پنهنجي راءِ جو ڪليل اظهار ڪيو هو. ان واقعي کان متاثر ٿي، بمبئي شهر جي عام ماڻهن انهيءَ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ، مسٽر جناح جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ چندو گڏ ڪري، هڪ هال ٺهرايو جيڪو هال اڄ تائين 'محمد علي جناح هال' جي نالي سان سڏجي ٿو.

1918ع ۾ ٻہ مکيہ رپورٽون سرڪار طرفان پڌريون ڪيون ويون. جن مان هڪ رپورٽ رولٽ ڪاميٽيءَ جي هئي، جنهن جي مخالفت ۾ امپيريل ڪائونسل اندر جناح صاحب سخت تقرير ڪئي هئي. ٻي مانٽيگو چيلمسفورڊ آئيني سڌارن جي اسڪيم جي رپورٽ هئي، جا 8 جولاءِ 1918ع تي سرڪار پڌري ڪئي. ان تي سياسي ڪارڪن، ٽن راين ۾ ورهائجي ويا:

نرم ڌر جي ڪارڪنن ان کي ٿورين درستين بعد قبول ڪرڻ چاهيو ٿي. ٻيا ڪارڪن ان ۾ مکيہ ترميمن بعد ئي قبولڻ لاءِ تيار هئا ۽ ٽيان ڪارڪن اهڙا بہ هئا، جي سموريءَ اسڪيم کي رد ڪرڻ جا حامي هئا.

جناح صاحب وچئين گروهہ سان شامل ٿي، اهڙي قسم جو بيان ڏنو جنهن ۾ هن

چاڙهايو ته اُها رپورٽ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي لکنوءَ ۾ ٿيل عهدنامي جي بنياد تي تيار ڪيل هئي. ان ۾ مکيه سڌارن جون تجويزون پيش ٿي سگهيون ٿي، ليڪن ان کي رد ڪرڻ، عهدنامي جي خلاف هو.

11 نومبر 1918ع تي يورپ جي پهرين مهاڀاري لڙائي پوري ٿي، جنهن ۾ اتحادين جي فتح ٿي. ان کان پوءِ دهليءَ ۾ ڊسمبر 1918ع ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس، هر هڪ پنڊت مدن موهن مالويه ۽ مولوي فضل الحق جي صدارت هيٺ ٿيا. ان وقت تائين ڪانگريس تي انتها پسندن جو قبضو ٿي چڪو هو جن رپورٽ ۾ ڏيکاريل سڌارن جي اسڪيم کي رد ڪيو. مسلم ليگ به لڳ ڀڳ اهڙو رويو اختيار ڪيو.

مهاتما گانڌيءَ ان بل خلاف هڙتال لاءِ 6 اپريل 1919ع جو ڏينهن مقرر ڪيو. جنهن تي وڏن شهرن- بمبئي، دهلي، لاهور، امرتسر وغيره ۾ جلوس نڪتا؛ پوليس رڪاوٽ وجهڻ چاهي؛ فساد ٿيا. امرتسر ۾ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلوءِ مسٽر ستياپال قومي ڪارڪنن کي سرڪار گرفتار ڪري، ڪنهن نامعلوم جڳهه ڏانهن وٺي وئي. ماڻهن احتجاج طور جلوس ڪڍيا. سرڪار بندش وڌي. ان تي احتجاج ڪرڻ لاءِ هڪ عام ماڻهن جو ميڙ جليانوالا باغ ۾ گڏ ٿيو. جنهن ۾ انگريز جنرل اوڊائر، عام ماڻهن تي گوليون هلائي قتل عام ڪرايو.

ملڪ جون حالتون نازڪ ڏسي، جناح صاحب ۽ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، جيڪي پاڻ ۾ دوست به هئا، برطانوي پارليامينٽ جي اجلاس ڪلڻ وقت انگلنڊ ويا.

انهيءَ وقت عوام ۾ هڪ طرف رولٽ ائڪٽ جي پاس ٿيڻ، جليانوالا باغ ۾ قتل عام ٿيڻ ۽ سڌارن جي اڻ پوري اسڪيم تي ناراضپو پيدا ٿي پيو. اهڙين حالتن هيٺ امرتسر ۾ ڊسمبر 1919ع جي آخر ۾ چئن جماعتن- آل انڊيا ڪانگريس، آل انڊيا مسلم ليگ، خلافت ڪانفرنس ۽ جميعت العلماءِ جا اجلاس ٿيا، جن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ٿيا. جناح صاحب انهن ۾ شريڪ ٿيو يا نه، ان جو ڪو ثبوت نه ٿو ملي، البت ٻئي سال جي شروعات ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو اجلاس بمبئيءَ ۾، 20 فيبروري 1920ع تي رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ جناح صاحب شرڪت ڪئي. ساڳئي سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ هن ڪلڪتي جي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ جناح صاحب رولٽ ائڪٽ، پنجاب جي قتل عام ۽ خلافت جي سوال تي انگريزن تي سخت نڪته چيني ڪئي ۽ سندس هيٺين لفظن کي تاريخي شهرت حاصل ٿي: ”برٽش سرڪار اسان جي هڪ بي عزتيءَ مٿان ٻي بي عزتي، هڪ نا اميديءَ پٺيان ٻي نا اميدي، هڪ زخم مٿان ٻيو زخم ڪندي رهي ٿي. انهن ڳالهين روس ۾ بولشوزم آندو؛ آئرلئنڊ ۾ سن فيزم آندو. اُهي هندستان ۾ آزادي آڻينديون.“

آڪٽوبر 1920ع ۾ مسز ايني بيسنٽ هوم رول ليگ تان استعيفا ڏني، ۽ گانڌيجيءَ کي ان جو صدر چونڊيو ويو. ان جو اجلاس بمبئيءَ ۾ گڏ ٿيو، جنهن ۾ هندستان کي مڪمل سوراج ملڻ جو ٺهراءُ پيش ٿيو. جناح صاحب ان ۾ ٻه ترميمون پيش ڪيون، جن ۾ هڪ اها هئي ته سوراج جي معنيٰ ’جوابدار حڪومت‘ سمجهي وڃي. سندس ٻئي پيش ڪيل تجويزون پاس نه ٿيون، جنهن تي جناح صاحب اعتراض اٿاريو ته هوم رول ليگ ڪائونسل جي اجلاس کان سواءِ ان جو آئين بدلي نٿو سگهجي. ليڪن صدر صاحب رولنگ ڏئي، ان اعتراض کي رد ڪري ڇڏيو.

جناح صاحب ۽ ساڻس گڏ ٻيا 19 قومي ڪارڪن، سياست جي واڳ گرم ڌر وارن جي هٿ ۾ ايندي ڏسي، هوم رول ليگ تان استعيفا ڏئي ويا. مهاتما گانڌيءَ هُن کي خط لکي اپيل ڪئي ته هو جماعت ۾ واپس موٽي اچي، پر هن سندس نون طريقن، عدم تعاون ۽ ستياگرهه سان اختلاف ظاهر ڪندي، جدا رهڻ پسند ڪيو.

ڊسمبر 1920ع تي ناگپور ۾ آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جا اجلاس، هر هڪ: وجيا راگهو آچاريه ۽ ڊاڪٽر مختيار احمد انصاريءَ جي صدارت هيٺ گڏنا ٿيا. اتي سرڪار سان عدم تعاون ڪرڻ جو ٺهراءُ، ڪانگريس ۾ مهاتما گانڌيءَ پيش ڪيو. جنهن جي جناح صاحب مخالفت ڪندي چيو ته: ”سياست کي مذهبي رنگ ڏيڻ جو عمل آخر ۾ فائدي بدران نقصان ڪندو.“ پر هن جو آواز ڪنهن به نه ٻڌو. ان ڪري، ان کان پوءِ هو عملي طرح وقتي سياست کان ٻاهر نڪري ويو.

آهستي آهستي حالتون بدلجڻ لڳيون. هندو مسلم اتحاد ڪمزور ٿي پيو ۽ فرقيوارانه فساد ٿيڻ لڳا. انهيءَ سال 14 نومبر 1923ع تي جناح صاحب وري مرڪزي اسيمبليءَ تي بنا مقابلي چونڊجي ويو.

هاڻ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس جدا جاين تي گڏ ٿيڻ شروع ٿيا. ان وقت تائين اُهي اڪثر ساڳئي شهر ۾، ڪم و

پيش سائيڱي وقت سڏبا ايندا هئا. هِن پيري آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس، ڊسمبر 1923ع ۾ ڪوڪناڊا ۾ مولانا محمد علي جوهر جي صدارت هيٺ گڏيو ٿيو. ٻئي طرف آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس، ٻئي سال 25 مئي 1924ع تي لاهور ۾ جناح صاحب جي صدارت هيٺ گڏيو ٿيو جنهن ۾ ڪيس ايندڙ ٽن سالن تائين مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. جنهن ۾ هن سوراج حاصل ڪرڻ لاءِ هندو مسلم سمجهوتي تي زور ڏنو. مولانا محمد عليءَ پنهنجيءَ تقرير ۾ مسلم ليگ جماعت جي عوام جي نمائندگيءَ واري دعوي ۾ شڪ آندو. ان تان ٻنهي مسلمان ليڊرن ۾ اختلاف راءِ پيدا ٿي پيو. گانڌيجيءَ هندو مسلم مسئلي ۽ ٻين ملڪي سوالن تي غور ڪرڻ لاءِ آل پارٽيز ميٽنگون سڏايون، پر ڪو بہ خاطر خواه نتيجو ڪون نڪتو.

1924ع ۾ ئي محمد علي جناح مرڪزي ليجسليٽوِ اسيمبليءَ اندر وڏي جدوجهد بعد قرارداد پاس ڪرائي تہ هندستان کي خودمختياري ڏيڻ لاءِ برٽش حڪومت کي گول ميز ڪانفرنس سڏائڻ گهرجي.

نومبر 1926ع ۾ وري جناح صاحب بمبئيءَ جي مسلمانن پاران مرڪزي اسيمبليءَ تي بنا مخالفت جي چونڊجي ويو. اسيمبليءَ ۾ وڃڻ بعد هن ’آزاد پارٽي‘ قائم ڪئي. پنڊت موتي لعل نهرو ’سوراجسٽ پارٽيءَ‘ جو اڳواڻ هو ۽ ٻئي مخالفت ۾ ويٺا.

ٻئي سال، 20 مارچ 1927ع تي مسلمان سياستدانن جي جناح صاحب جي صدارت ۾ ميٽنگ گڏ ٿي، جنهن ۾ راجا صاحب آف محمود آباد، سر محمد شفيع، ڊاڪٽر انصاري، صاحبزاده سر عبدالقيوم خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان ميٽنگ ۾ جناح صاحب هندو مسلم سمجهوتي لاءِ تجويز بحال ڪرائي تہ: (1) سنڌ کي جدا صوبو ٺاهيو وڃي، (2) فرنٽيئر ۽ بلوچستان جي صوبن کي سڌارا ڏنا وڃن، (3) پنجاب ۽ بنگال ۾ آدمشماريءَ مطابق مسلمانن کي نمائندگي ڏني وڃي، (4) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي ٽيون حصو نمائندگي ڏني وڃي، ۽ (5) مسلمان هندن کي مٿي ذڪر ڪيل صوبن ۾ اُهي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا، جي هندو مسلمانن کي هندو اڪثريت وارن صوبن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار هوندا. انهن شرطن تي مسلمان گڏيل چونڊون قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا.

انهيءَ تجويز هندو مسلم سمجهوتي لاءِ دروازو کولي ڇڏيو. ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ بہ ان تجويز کي قبول ڪيو. هاڻ صرف آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاسن کي ان تي منظوري ڏيڻي هئي.

مئي 1927ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ پنهنجي بمبئيءَ جي اجلاس ۾ اها تجويز متفق راءِ سان منظور ڪئي، جنهن ۾ مسلمانن جا اهي مطالبا منظور ڪيا ويا، جيڪي محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ڪيا ويا هئا. اُن تي ساري هندستان، خاص ڪري سنڌ، پنجاب ۽ بنگال جي هندن، ان جي خلاف هاءِ گهوڙا مچائي ڏني.

8 نومبر 1927ع تي برٽش سرڪار هندستان کي ڏنل سُڌارن جي ڪارگذاريءَ جي جانچ ڪرڻ بعد، مستقبل جي سڌارن لاءِ تجويز ڏيڻ واسطي هڪ آئيني ڪميشن مقرر ڪئي، جنهن جو اعلان، لارڊ برڪن هيڊ، برطانيہ جي وزير هند، ڪيو. ان جو چيئرمئن سر جان سائيمن هئڻ ڪري، اُها ’سائيمن ڪميشن‘ سڏجڻ لڳي. جيئن تہ اُن ڪميشن تي جملي ميمبر انگريز هئا، ان ڪري هندستان ۾ اُن جي خلاف سخت هلچل پيدا ٿي. ڪانگريس ان جي سخت مخالفت ڪئي. جناح صاحب بہ ان تي سخت ناراضپي جو اظهار ڪيو. ڪانگريس جي اجلاس، جيڪو مدراس ۾ ڊاڪٽر مختار احمد انصاريءَ جي صدارت ۾ ٿيو ان جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو.

27ڊسمبر 1928ع ۾ راجا صاحب آف محمودآباد ۽ محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ هيٺ 23 ماڻهن جي هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي تہ اها انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪري ۽ نهرو رپورٽ ۾ درستيون تجويز ڪري. جناح صاحب ڪي ترميمون پيش ڪيون. جن ۾ مکيہ ترميمون هيون: (1) مرڪز ۾ ٽيون حصو ميمبرن جو مسلمانن کي ملڻ، (2) ريزيڊيوئري (بچتو) اختيار صوبن کي ڏيڻ، ۽ (3) جدا چونڊن جو اصول قائم رهڻ. 28 ڊسمبر 1928ع تي نيشنل ڪانگريس جي ڪنوينشن جو اهم اجلاس ڪلڪتي ۾ ٿيو جنهن ۾ مسلم ليگ جو ترجمان محمد علي جناح هو. اُتي هن مٿيون ترميمون پيش ڪيون، جن کي هنن قبول نہ ڪيو. جنهن تي جناح صاحب افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن ڪلڪتو ڇڏي، بمبئيءَ موٽيو. انهن ڏينهن ۾ جناح صاحب جي گهر واري رتن ٻائي (مريم) وري بيمار ٿي چڪي هئي، ڪيس مُدي جو بخار (Typhoid) ٿي پيو. سندس بمبئيءَ ۾ علاج هلندڙ هو، پر هوءَ شفاياب نہ ٿي سگهي ۽ 22 فبروري 1929ع تي وفات ڪيائين.

1929ع جي مارچ ۾ دهليءَ ۾ جناح صاحب جي صدارت هيٺ مسلم ليگ جو خاص اجلاس ڪُٺو ٿيو. هاڻي مسلم ليگ ٻن گروهن ۾ ورهائجي وئي هئي. هڪ ترقي پسند ۽ آزاد خيال ڪارڪنن جي ليگ جناح صاحب جي اڳواڻيءَ واري هئي، ٻي سرڪارپرست ۽ فرقيوار ذهنيت جي ليگ سر محمد شفيع جي اڳواڻيءَ ۾ ٺهي. پهرينءَ جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ٺيو ۽ ٻيءَ جو جنرل سيڪريٽري علامه شيخ محمد اقبال ٺيو. پهريون گروهه سائيمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي فائدي ۾ هو. ٻيو ان سان تعاون جي فائدي ۾ ٺيو. ٽيون گروهه مسلمانن جو سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڌار ٺهيو جو 'مسلم ڪانفرنس' جي نالي سان سڏجڻ لڳو. چوٿون گروهه مولانا ابوالڪلام آزاد جي اڳواڻيءَ ۾ نهرو رپورٽ جي فائدي ۾ ٺهيو. جناح صاحب اجلاس اڻ ڄاتل مُدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

مسلمان ڌرين جي راءِ کي خيال ۾ رکندي، جناح صاحب 14 نڪتن جو مسودو مسلمانن طرفان پيش ڪيو جنهن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جو سوال اهميت سان شامل هو.

1930ع ۾ سرڪار طرفان لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس سڏائي وئي. ان ۾ مسلم گروهه جو ليڊر جيتوڻيڪ سر آغا خان هو پر مکيه ڪردار جناح صاحب ادا ڪيو. ڪانگريس ان ۾ حصو نه ورتو.

فيبروري 1930ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس الهه آباد ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي صدارت هيٺ ڪُٺو ٿيو جنهن ۾ هن هندو ۽ مسلمانن کي جدا قومون قرار ڏيندي، جدا ايراضين جي حڪومتن جو خيال پيش ڪيو. جناح صاحب ان عرصي ۾ زال جي وفات جي صدمي، گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي رويي کان مايوس ٿي، پوءِ گهڻو وقت انگلنڊ ۾ وڃي رهيو ۽ پنهنجي وڪالت جي ڪم ۾ رڌل رهيو. جناح صاحب ان عرصي دوران انگلينڊ ۾ رهي پيو ۽ وڪالت ڪرڻ لڳو. 1933ع ۾ علامه اقبال، جناح صاحب کي لکيو ته هند جي مسلمانن کي سندس ضرورت آهي. اپريل 1934ع ۾ موٽي هندستان آيو ۽ مائونٽ پليزينٽ روڊ بمبئيءَ واري رهائش ۾ اچي رهيو. پر وري سگهوئي موٽي انگلنڊ ويو. آڪٽوبر 1934ع ۾ بمبئيءَ جي مسلمانن کيس پرپٺ مرڪزي اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊي ڇڏيو. ان تي هي جنوري 1935ع تي موٽي هندستان آيو ۽ نئين اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد موٽي انگلنڊ ويو ۽ آڪٽوبر 1935ع تائين اتي رهيو.

1935ع ۾ نون سڌارن جو ائڪٽ پاس ٿيو جنهن موجب اپريل 1936ع ۾ سنڌ بمبئيءَ پرڳڻي کان آزاد ٿي. 1937ع جي شروعات ۾ نون سڌارن موجب صوبن ۾ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. ڪانگريس اڳ ۾ تياري ڪري ڇڏي هئي. 1936ع جي شروعات ۾ جناح صاحب بمبئيءَ ۾ سر وزير حسين جي صدارت هيٺ مسلم ليگ جو اجلاس سڏايو جنهن ۾ سندس چيئرمئنيءَ هيٺ مرڪزي اليڪشن بورڊ ٺهڻ جي رٿ بحال ٿي، جنهن تي ميمبرن جي نامزدگي ڪرڻ جو کيس اختيار ڏنو ويو. چونڊن ۾ مسلم اقليت وارن صوبن ۾ مسلم ليگ جا ميمبر چڱي تعداد ۾ چونڊجي آيا، ليڪن مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ مسلم ليگ ڪامياب نه ٿي. ڪانگريس کي چونڊن ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ٿي. يو. پيءَ ۽ ٻين صوبن ۾ مسلم ليگ طرفان ڪانگريس سان گڏيل وزارتن ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ کي ڪانگريس جمهوريت جي نالي ۾ رد ڪري ڇڏيو. پڙهيل طبقي محسوس ڪيو ته ڪانگريسي هندو، مسلم اقليت جي اڪثريت وارن نمائندن سان ڪو به سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ڪانگريسي هندن جي اهڙيءَ روش کان تنگ ٿي، مسلمانن جي مٿئين طبقي جناح صاحب کي موزون ليڊر سمجهي، سندس اڳواڻيءَ هيٺ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جناح صاحب ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي، اهو ڪم هٿ ۾ کنيو. آڪٽوبر 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏي پيماني تي مسلم ليگ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. هن ڪانفرنس جا متحرڪ اڳواڻ سائين جي. ايم. سيد، سر عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد ايوب کهڙو، پير علي محمد راشدي، ميران محمد شاهه ۽ محمد هاشم گزدر هئا. هن ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، مسلمانن لاءِ ڌار ملڪ (آزاد رياستن جي صورت ۾) جي گهر جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. هن ڪانفرنس کان پوءِ مسلمانن جو آواز ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙي ويو.

ٻي مهاڀاري لڙائي 1939ع ۾ شروع ٿي. انگريزن هندستانين جي مشوري کان سواءِ هندستان کي لڙائيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انگريز حڪومت جڏهن ڪانگريس جي همدردي حاصل ڪرڻ گهري، ته ڪانگريس 'خود حڪومت' (Self Government) جي گهر ڪئي ۽ سخت رويو اختيار ڪيو. جناح صاحب به اُنهن حالتن مان پورو فائدو وٺڻ

گهريو. ڪانگريسين مسلم ليگ سان هندو- مسلم سمجهوتي لاءِ هٿ وڌايو پر وقت گذري چڪو هو. مسلم ليگ ٻن قومن جي نظريي تي ملڪ جي ورهاڱي جو شرط وڌو. پهرين ڪانگريس هر ڳالهه ۾ مخالفت ڪئي، ليڪن جڏهن انگريزن طرفان مسلم ليگ جا شرط آهستي آهستي قبول ٿيڻ لڳا، ته هي به ڍرا ٿيندا ويا. نتيجو اهو نڪتو ته جنگ پوري ٿيڻ بعد ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي ملڪ جي ورهاڱي کي قبول ڪرڻو پيو. مسلم ليگ جي 22، 23، 24 مارچ 1940ع واري لاهور اجلاس ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ (قرارداد پاڪستان) منظور ڪيو ويو. جنهن جو مقصد مسلمانن لاءِ ڌار ملڪ جو قيام هو. جنهن ۾ شامل اڪائين (Units) کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن (Sovereign Independent States) قرار ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو. هيءُ قرارداد بنگال جي اڳواڻ فضل الحق پيش ڪئي هئي. حقيقت ۾ هن قرارداد پاڪستان جو بنياد، سنڌ مسلم ليگ جي 1938ع واري ڪراچي ڪانفرنس ۾ پاس ڪيل ٺهراءُ هو.

ان کان پوءِ برصغير جي سمورن مسلم اڪثريتي پرڳڻن مان واحد اسيمبلي، سنڌ اسيمبلي هئي. جنهن سڀ کان اڳ 1 اپريل 1943ع ۾ ان قرارداد جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو.

1944ع ۾ جناح صاحب جي بمبئيءَ واري رهائشگاهه تي خاڪسار تحريڪ جي هڪ دهشتگرد مٿس قاتلاڻو حملو ڪيو جنهن ۾ جناح صاحب بچي ويو. جون 1945ع ۾ محمد علي جناح شملي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، پر اها ڪامياب نه ٿي سگهي.

1946ع جي عام چونڊن ۾ سنڌ مسلم ليگ جي 'صوبائي پارليامياني بورڊ' جي فيصلن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ مداخلت ڪئي، جنهن جي جي ايم سيد، مسلم ليگ جي صوبائي صدر جي حيثيت ۾ مخالفت ڪئي ۽ مرڪز جي مداخلت کي صوبن جي اختيارن سان هٿ چراند تان جناح صاحب ۽ جي. ايم. سيد جي وچ ۾ اختلاف ٿيا، بهرحال مسلم ليگي ميمبر، مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ 100 سيڪڙو ڪامياب ٿيا. 12 مئي 1946ع تي قائداعظم تجويز پيش ڪئي ته پاڪستان جي حدن ۾ ايندڙ صوبن جو گروپ ۽ هندستان جي حدن ۾ ايندڙ صوبن جو گروپ الڳ الڳ تشڪيل ڏنا وڃن ۽ سندن دفاعي حدون به مقرر ڪيون وڃن. آڪٽوبر 1946ع ۾ مسلم ليگ، عبوري حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. 7 آگسٽ 1947ع تي جناح صاحب دهليءَ کان ڪراچيءَ پهتو. برصغير کي 14 آگسٽ 1947ع جي رات ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو. اهڙو اعلان لارڊ مائونٽ بيٽن آل انڊيا ريڊيو تان ڪيو. ائين به آزاد ۽ خودمختيار ملڪ پاڪستان ۽ ڀارت وجود ۾ آيا. پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل جناح صاحب ٿيو ۽ ڀارت جو پهريون گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن ٿيو. جناح صاحب سان سندس ڀيڻ فاطمه جناح جو وڏو ساٿ رهيو هوءَ پاڪستان جي پهرين خاتون اول سڏي وئي. پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو.

قائداعظم، پاڪستان کي هڪ سيڪيولر، ترقي پسند ۽ مذهبي اختلافن کان پري ملڪ ڏسڻ جو حامي هو ان ڏس ۾ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، اُن جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ آڏو 11 سيپٽمبر 1947ع تي سندس ڪيل تقرير ان جو کليل ثبوت آهي: "آءٌ سمجهان ٿو ته هينئر گذشته وقت کي درگذر ڪري، اوهان کي هر هڪ ملڪي باشندي کي، پوءِ اهو ڪهڙي به فرقي جو هجي... يا ڪهڙي به رنگ، جاتيءَ ۽ متن جو هجي، ساڳئي ملڪ جو شهري، هڪجهڙن حقن ۽ جوابدارين سان شمار ڪرڻ گهرجي... اسان کي اهڙي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جو هي سڀ تفاوت، اقليت واري فرقي ۽ اڪثريت واري فرقي، هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا... سڀ گم ٿي وڃن... مون کان جيڪڏهن پڇو ته سچ پچ ته اها ڳالهه هندستان جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئي... اوهان هن پاڪستان جي حڪومت ۾ آزاد آهيو ته پنهنجي مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃو. اوهان جي مذهب يا فرقي يا متن کي ملڪ جي ڪاروبار سان ڪو به واسطو نه آهي."

1948ع جي ابتدا ۾ جناح صاحب سخت بيمار ٿي پيو. 15 اپريل 1948ع تي هن جي طبيعت (سلهه سبب) وڌيڪ بگڙي وئي، ان ڪري هن کي ڪوئيٽا کان پري زيارت ۾ آرام لاءِ آندو ويو. پر هن ڊاڪٽرن جي منع جي باوجود پنهنجو ڪم ڪار جاري رکيو. سندس ڀيڻ فاطمه جناح آخري وقت ۾ سندس نه رڳو تيمارداري ڪئي، پر سندس سياسي سرگرمين ۾ به شامل رهي. 11 سيپٽمبر 1948ع تي ڪراچي ايندي سندس حالت خراب ٿي وئي ۽ رات جو 10:20 وڳي وفات ڪيائين. ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ هڪ نئين ملڪ "پاڪستان" جي قيام لاءِ قائد اعظم محمد علي جناح جي جاکوڙ کي دنيا جي اهم پرامن جدوجهدن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

# علامہ اقبال جي فڪر جي روشنيءَ ۾


# خودي ۽ بي خوديءَ ۾ فرق

نورافشان

عام طور خوديءَ جي معنيٰ غرور ۽ تڪبر سمجهي ويندي آهي. انگريزيءَ ۾ خوديءَ کي Self جو نالو ڏنو ويو پر اسان جي شاعرِ مشرق علامہ اقبال خوديءَ جو جيڪو فلسفو پيش ڪيو اهو ان کان بلڪل مختلف ۽ منفرد آهي. ڊاڪٽر علامہ محمد اقبال جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي. هُو 9 نومبر 1877ع تي سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد شيخ نور محمد هڪ ديندار ۽ صوفي ماڻهو هو. سندس امڙ امام بي بي سندس پرورش ديني ماحول ۾ ڪئي. شروعات ۾ علامہ اقبال کي فقط ديني تعليم ئي ڏني وئي پر پوءِ سندس والد پنهنجي هڪ دوست جي صلاح تي ڪيس دنياوي تعليم سان پڻ سينگاريو. پاڻ ابتدائي تعليم سيالڪوٽ مان ئي حاصل ڪيائون. پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1905ع ۾ ڪيمبرج ۾ داخلا ورتي. 3 سال لنڊن ۾ رهيو. فلسفي ۽ معاشيات جون ڊگريون حاصل ڪيائين پوءِ جرمنيءَ روانو ٿيو. هن جرمنيءَ مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. يورپ جو هي سفر سندس لاءِ بي حد لاڀائتو ثابت ٿيو. هڪ تہ ڪيس مغربي تهذيب ۽ ثقافت کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو مليو ٻيو تہ اسلام تي سندس عقيدو اڃا بہ پختو ٿيو. 1908ع ۾ پاڻ وطن واپس آيو ۽ شعر ۽ شاعريءَ تي خوب ڌيان ڏنائين. انجمن حمايت اسلام جي ساليانن جلسن ۾ سندس نظم وڏي شوق سان ٻڌا ويندا هئا. پاڻ شاعريءَ وسيلي مسلمانن کي جداوطن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. علامہ اقبال جي لڳ ڀڳ سموري شاعري خوديءَ جي چوڌاري گهمي ٿي.

سندس مشهور شعر آهي:

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے



خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے۔

علامہ اقبال جي نظر ۾ ”خودي“ پنهنجو پاڻ ڪي سڃاڻڻ جو نالو آهي. انسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجي مقام ۽ مرتبي کي سڃاڻي. جڏهن انسان کي پنهنجي مقام ۽ مرتبي جو ادراڪ ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس پنهنجين اندروني صلاحيتن جي ڄاڻ ملي وڃي ٿي ته پوءِ هُو دنيا ۽ آخرت ڏانهن گامزن ٿي ويندو آهي. علامه اقبال جي نظر ۾ پاڻ کي ڏسڻ ۽ پنهنجي خدا کي ڏسڻ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ڇاڪاڻ ته پاڻ کي ڏسڻ خدا کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. اقبال جي نظر ۾ خوديءَ جي فلسفي جون ٽي منزلون آهن: (1) خدا جي اطاعت (2) نفس تي ضابطو رکڻ (3) خدا جي نائبي.

سڀ کان پهريائين الله تعاليٰ جي اطاعت جو ذڪر ڪيو ويو. جڏهن انسان پنهنجي نفس تي ڪنٽرول ڪري وٺي ۽ الله جي اطاعت ڪري وٺي ته پوءِ هُو الله جو نائب بڻجي وڃي ٿو. يعني خدا جي نائبيءَ جي درجي تي پهچي وڃي ٿو. خوديءَ کي ڄاڻڻ لاءِ انسان جي اندر مان سوال اُڀرن ٿا ته مان ڪير آهيان؟ منهنجي شروعات ڪهڙي آهي؟ منهنجي انتها ڇا آهي؟ منهنجي حقيقت ڇا آهي؟ الله تعاليٰ هن دنيا ۾ ڇو پيدا ڪيو؟ انهن سڀني سوالن جا جواب ڏيندي علامه اقبال فرمايو:

ہر فرد ہے ملت کے مقدر کا ستارہ
افراد کے ہاتھوں میں ہے اقوام کی تقدیر

جڏهن انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي وٺي ٿو ته پوءِ هُو پنهنجي رب کي سڃاڻي وٺي ٿو. قرآن جو فلسفو پڻ ساڳيو آهي ته جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتي ورتو، درحقيقت ۾ ان پنهنجي رب کي سڃاڻي ورتو.

هر انسان جي اندر ۾ الله تعاليٰ هڪ صفت رکي آهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي اندر جي ان انفراديت کي سڃاڻي وٺي ته هُو حقيقت کي سڃاڻي وٺي ٿو. انسان جڏهن پنهنجي خوبيءَ کي ڄاڻي وٺي ٿو ته هُو الله جي ويجهو ٿي وڃي ٿو ۽ الله کي به سڃاڻي وٺي ٿو. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جڏهن ٻانهو منهنجو بڻجي وڃي ٿو ته مان سندس ٿي وڃان ٿو. مان سندس زبان بڻجي وڃان ٿو سندس هٿ بڻجي وڃان ٿو. جڏهن انسان جو سڀ ڪجهه الله بڻجي وڃي ته پوءِ انسان جيڪو ڪجهه سوچي ٿو اهو ئي سندس تقدير بڻجي وڃي ٿو. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان لڪل خزانو هيس مون چاهيو ته سڃاتو وڃان تنهن ڪري مون انسان کي پيدا ڪيو. ان مان معلوم ٿيو ته انسان جو اصل مقصد ڇا آهي؟ الله تعاليٰ کي سڃاڻڻ دراصل پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ آهي. سوره الحشر ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

”اي نبي صہ اسان اوهانجو چهرو پنهنجي طرف ڦيندي ڏسي رهيا آهيون. عنقريب اسان ان قبلي ڏانهن متوجه ڪنداسين جنهن تي تون راضي رهين.“ (آيت 19)

متي ڄاڻايل آيت مان علامه اقبال جي شعر جي ان مصرعي جو جواب ملي رهيو آهي ته ”خدا بندي کان پاڻ پڇي ته ٻڌاءِ تنهنجو راضپو ڪهڙو آهي؟“ ان ۾ رب پنهنجي ٻانهي حضرت محمد صہ کي پاڻ ٻڌائي رهيو آهي ته اي منهنجا نبي صہ مان تنهنجو راضپو ڄاڻان ٿو ۽ عنقريب مان تنهنجي ان مرضيءَ کي پورو ڪندس. جڏهن ٻانهو پنهنجو پاڻ کي ان مقام تي وٺي اچي ٿو ته پاڻ کي سڃاڻي وٺي ۽ پنهنجي رب کي سڃاڻي وٺي پوءِ سندس رب کانئس پاڻ ئي پڇي ٿو ته اي ٻانها تون ڇا ٿو چاهين؟

هاڻي اسان بيخوديءَ بابت ڳالهايون ٿا. بيخوديءَ جي فلسفي کي ڊاڪٽر علامه اقبال پنهنجي ڪتاب ”رموز بي خودي“ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ فرد جي خوديءَ کان وڌيڪ ملت جي خوديءَ جي وضاحت ڪئي وئي آهي. ملت جي خودي دراصل سڄي ملت جي سڌاري ۽ اصلاح ڪرڻ جو نالو آهي. خوديءَ ۾ انسان فقط پنهنجو پاڻ کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر بيخوديءَ ۾ هُو سموري ملت جي اصلاح ڪرڻ ۽ ڪيس سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن انسان پاڻ کي بهتر ڪندو آهي ته سندس ڪوشش هوندي آهي ته منهنجي چوڌير سمورو معاشرو ۽ سماج پڻ بهتر ٿي وڃي. حقيقت ۾ اها ئي بيخودي آهي. قرآن ۾ فرمان آهي ته ”نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ۽ برائيءَ کان روڪيو.“ يعني اي انسان توکي نه رڳو پاڻ کي پر پنهنجي مسلمان ڀائرن کي پڻ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻو آهي ۽ برائيءَ کان روڪڻو آهي. ڇاڪاڻ ته توهان امت محمدي آهيو آخري امت آهيو.“ اسان جي نبي سڳوري صہ پڻ ايئن ڪيو يعني امر باالمعروف جو حڪم ڏنو. هاڻي اهو فرض اسان جو آهي. قرآن ۾ ٻئي هنڌ اچي ٿو: ”بچايو پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهرياتين کي دوزخ جي باهه کان.“

تنهن ڪري محمدي امت هجڻ جي ناتي اسان کي پنهنجي سموري امت کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻو آهي، سنائي ۽ خرابيءَ جو فرق سيکارڻو آهي. تڏهن ئي اسان پنهنجو پاڻ کي نبي صہ جو امتي چئي سگهون ٿا. رب تعاليٰ اسان کي توفيق ۽ همت عطا فرمائي.

# سنڌ جي عظيم تعليمي درسگاهه

## ”سنڌ مدرسته الاسلام“

نعمت الله سومرو

انگريزن جي سنڌ تي 1843ع ۾ قبضي وقت سنڌ تعليمي شعبي ۾ نهايت پٺتي پيل پرڳڻو هو. انگريزن ان سلسلي ۾ ڪافي اپاءَ ورتا پر سنڌي مسلمانن جي تعليمي شعبي ۾ ڪوٽ کي شدت سان محسوس ڪندي سيد الهندو شاهه، شمس الدين بلبل، محمد صديق مسافر، حسن علي آفندي ۽ ٻين اڳواڻن ڪوششون ڪيون. سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي، سنڌ جي نامياري سماج سڌارڪ ۽ وڪيل حسن علي آفنديءَ قائم ڪيو هو. تن ڏينهن ۾ هند سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت نئون تعليمي نظام متعارف ڪرايو هو. جنهن کان متاثر ٿي حسن علي پنهنجن پٽن علي احمد ۽ اڪبر کي عليگڙهه ڪاليج ۾ داخل ڪرائڻ ويو، جتي سندس سر سيد احمد خان سان ملاقات ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. مٿس سر سيد احمد خان جي خيالن جو ڪافي اثر ٿيو. مٿان وري محمدن ائسوسيئيشن جو باني سيد امير علي جڏهن ڪنهن مقدمي جي سلسلي ۾ 1884ع ۾ سيوهڻ ۾ آيو ته ٻنهي ان ڳالهه تي گڏجي ويچاريو ته سنڌ جي مسلمانن کي سياسي، تعليمي ۽ سماجي شعبن ۾ اڳيرو ڪرڻ لاءِ قدم کڻجن. سر سيد جي اثر ۽ سيد امير عليءَ جي ملاقات بعد حسن علي آفنديءَ ’نئشنل محمدن ائسوسيئيشن‘ جي سنڌ ۾ شاخ قائم ڪئي ۽ 1885ع ۾ ڪوششون وٺي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جو 1885ع ۾ بنياد وڌائين. جنهن جو مقصد باقي ننڍي کنڊ وانگر سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليمي، سياسي ۽ سماجي شعور بيدار ڪرڻ هو. هن سڀ کان اڳ بولٽن مارڪيٽ ڪراچيءَ جي سامهون هڪ قافلہ سراءِ 25 روپيين جي ماهوار ڪرائي تي حاصل ڪئي، جتي سنڌ جي ڏورانهن علائقن کان آيل غريب شاگردن کي رهائش ۽ کاڌي جي مفت سهولت ڏني وئي. سندس جذبي کي ڏسي ڪراچي ميونسپل ڪميٽيءَ اها جاءِ ائسوسيئيشن کي مفت ۾ ڏئي ڇڏي. ان ساڳيءَ جاءِ تي سنڌ مدرسة الاسلام جي اڏاوت لاءِ زمين ملڻ کانپوءِ هن سرنديءَ وارن ماڻهن کان مالي امداد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي عام ماڻهن ۽ زميندارن اٽڪل 40 هزار روپيا مدد ڏني. مختلف ميونسپالٽين 16 هزار روپيا ڏنا، خيرپور رياست جي واليءَ 12 هزار روپيا سالياني امداد انهيءَ شرط تي ڏني ته مدرسي جو پرنسپال انگريز هوندو. حسن علي آفنديءَ مدرسي کي مالي طور مضبوط ڪرڻ ۽ خرچ جي پورائيءَ لاءِ هندستان جي مختلف شهرن جو دورو به ڪيو. پهرين سيپٽمبر 1885ع تي سنڌ مدرسة الاسلام جو باقاعده



آغاز ٿيو ۽ نئين نهيل عمارت جو رسمي افتتاح ان وقت جي هندستاني وائسراءِ لارڊ ڊفرن، 14 نومبر 1887ع تي پيڙهه جو پٿر رکي ڪيو هو.

حسن علي آفنديءَ جو پٽ ولي محمد، جيڪو حيدرآباد جي تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر هو ان کي 1886ع ۾ سنڌ مدرسي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. سنڌ مدرسي ۾ ان وقت سنڌي، اردو ۽ گجراتي سيڪشن هوندا هئا، جتي 1200 ڇوڪرا مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪندا هئا. غريب شاگردن کي هاسٽل ۾ مفت رهائش جي سهولت مليل هئي. 58 سالن جي شاندار ڪارڪردگيءَ بعد محمد علي جناح جي ڪوشش سان 21 جون 1943ع ۾ سنڌ مدرسي کي ڪاليج جو درجو ڏنو ويو ۽ ڪجهه عرصي بعد سنڌ مدرسي جي ماتحت ايس. ايم. سائنس ڪاليج، ايس. ايم آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج، ايس. ايم. لا ڪاليج، فاطمه جناح گرلس ڪاليج ۽ ڪجهه ٻيا اسڪول پڻ قائم ٿيا. سنڌ مدرسة الاسلام مان جن وڏين شخصيتن تعليم حاصل ڪري سياست، علم ادب ۽ سماجي شعبن ۾ پاڻ مڃايو تن ۾ غلام محمد ڀرڳڙي، قائداعظم محمد علي جناح، حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير الاهي بخش، محمد هاشم گزدر، حاتم علوي، محمد ايوب کهڙو، سر شاهنواز ڀٽو شمس العلماءِ عمر بن محمد دائودپوٽو، اي. ڪي. گبول، جي. الانا، حڪيم احسن، قاضي فضل الله، قاضي خدابخش مورائي، مير ايوب خان، عطاءُ الله مينگل، سردار محمد ابراهيم، سردار محمد يعقوب، سيد حاجي عبدالحڪيم شاهه، صاحب ڏنو شاهه، بئريسٽر عبدالرحمان، عبدالحئي قريشي، عبدالستار افغاني، جسٽس سجاد علي شاهه، غلام علي نانا، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو احمد علي چاڳلا وغيره شامل آهن.

سنڌ مدرسي جي ترقيءَ لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي پنهنجي حڪومتي دورن دوران تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون. ان جي ٻئي حڪومتي دور ۾ سنڌ جي گورنر 15 ڊسمبر 1993ع تي سنڌ مدرسي کي يونيورسٽي بنائڻ جو چارٽر جاري ڪيو پر اُن تي ڪو به عمل نه ٿي سگهيو. گهڻو پوءِ، ڊسمبر 2012ع ۾ ٻيهر پيپلز پارٽيءَ جي ئي حڪومت ۾ سنڌ مدرسي کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏيڻ جو بل سنڌ اسيمبليءَ مان منظور ٿيو. سنڌ مدرسي جو ابتدائي دور ان جي تعليمي عمل جي ارتقائي تاريخ جي حوالي سان نهايت اهم آهي. سنڌ جي ناميارِي شخصيت سيد مدد علي شاهه پنهنجي طالب علمي واري دور کي ياد ڪندي پنهنجون يادگيريون 1980ع ڌاري لکيون جيڪي هيٺينءَ ريت آهن:

اوائل ۾ رياست خيرپور ميرس جي اي وي اسڪول ۾ انگريزي جي پنجين درجي تائين تعليم ڏني ويندي هئي. پاس ٿيل شاگردن کي 6 ۽ 7 درجي لاءِ سنڌ مدرست الاسلام ڪراچيءَ ڏانهن موڪليو ويندو هو جتي خيرپور هائوس ۾ کين رهايو ويندو هو. اهو رياست خيرپور جي خرچ تي نهرايل هو ۽ خيرپور مان آيل شاگردن لاءِ هو. نومبر 1913ع ۾ مان ٻين ساٿي شاگردن سان گڏ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيس. ان وقت منهنجو وڏو ڀاءُ غلام محمد شاهه پرائمري امتحان پاس ڪري ميٽرڪ جي تياريءَ ۾ مشغول هو. انهن ڏينهن ۾ مئٽرڪ جي شاگردن جو پرائمري امتحان نومبر ڌاري ٿيندو هو ۽ مئٽرڪ جنوري ۾. ادي مرحوم کي ڪوٺي مٿئين طبقي ۾ اوپارين ڪنڌ تي مليل هئي. مان ڪراچي اڳ ڏٺي ئي ڪانه هئي. آسمان ڪڪرن سان ڇانيل ۽ هوا گهميل. هوا ڇوٽ پر ڀگهر سڪي ئي ڪونه. ڪي ڪجهه گهبراهٽ معلوم ٿي پر پنهنجي دلبند ڀاءُ سان جو اچي رهيس ڀماڻ ٿي ته مونجهه ئي لهي وئي. مدرسه جي ٻتريءَ مان ادي سائينءَ چانهه ۽ ڪيڪ گهرائي ڏنا. چانهه ته ڳوٺن ۾ به پيبي آهي پر ڪيڪ منهنجي لاءِ ان وقت بلڪل نئين شئي هئي. ڪيڪ به هو ڏاڍو لذيذ. ادي سائين کي چيم ته ”هي ته ڪو من وسلوي آهي. آخر آهي ڇا؟ اسان جي خاندان ۾ بادامن جون روغنيون، مانيون خاص اسان جي ئي خصوصيت آهن. ليڪن هن شئي ته انهن کي به شهه ڏئي ڇڏي.“ ادي سائين وراڻيو ته ”هي ڪيڪ اٿئي ڪيڪ ۽ اُچو ڪيڪ آهي ۽ نه رواجي.“ اڄڪلهه اهڙا ڪيڪ ڪراچيءَ ۾ ملن ئي ڪونه. مدرسي ٻتريءَ جو مئنيجر ڪيڪ گهرائيندو هو ايراني هوٽل تان. اڄڪلهه جي ايراني هوٽلن ۾ اهڙا ڪيڪ آهن ئي ڪونه. ٻئي ڏينهن تي وري ادي سائين چندو حلوائي وٽان دندانگيري حلوو ۽ پوريون (جن سان سائي پاچي ۽ دال به ملندي هئي) گهرائي ڏنيون. جي به پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

نون آيل شاگردن سان جهونا شاگرد چرچا مسخريون ۽ ٽوڪبازي ڪندا هئا، مگر ادي سائين ڪري مان اهڙي ڇيڙڇاڙ کان محفوظ رهيس.

پرلمنري پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مئٽرڪ جي امتحان تائين جناب مسٽر وائينس پرنسپال صاحب هر هڪ شاگرد کي صبوح جو به ٻوائل ٿيل بيضا ۽ اڌ سير کير شام جو ڏياريندو هو. ادو سائين اُتاهون هڪ بيضو ۽

هڪ پاءُ ڪير مون کي ڏيندو هو. مطلب ته به اپڊائي مهينا ادي منهنجي اهڙي پرگهور لڌي، جو مان مدرسي جي رهڻي ڪهڻي سان هري مري ويس. پوءِ ته پڪو ٿي ويس. جنهن ڪري ڪا به ڏکيائي محسوس ڪونه ڪندو هوس.

مدرسي جو پرنسپال هو مسٽر وائينس. هن جو شاگردن ۾ گويا ساهه هو. وئيڪيشن واري وقت ۾ سنڌ جو گشت ڪندو هو ۽ سرمائيدارن کان مدرسي لاءِ چندو گڏ ڪندو هو. سندس عزت يورپي آفيسرن وٽ ڏاڍي هوندي هئي. چوندا هئا ته اهو ان ڪري جو وائينس صاحب جو والد پادري هو. (والله اعلم) سندس منجهه به شاگردن کي پنهنجو اولاد ڪري سمجهندي هئي.

آگسٽ 1914ع ۾ پهرين عالمگير جنگ جو بگل وڳو. آڪٽوبر 1914ع رات جو 8 وڳي ڌاري اسين پنهنجن ڪوئين ۾ وينا هئاسون. ان وقت بجلي ڪانه هوندي هئي، ميز بتيون ڪوئين ۾ ٻاري، انهن تي پڙهندا هئاسون. اوچتو منهوڙي جي طرف کان زبردست ٺڪا ٺوڪي ٻڌي سون. ايتري قدر جو اسان جون بتيون وسامي ويون ۽ دروازا ٿهڪڻ لڳا. ترامون (جن جي هلڻ جو آواز ۽ گهنٽيون اسان مدرسي مان رات جو چٽيءَ طرح ٻڌي سگهندا هئاسون) بيهجي ويون. ٽن ڏينهن ۾ موٽري هيڪڙ بيڪڙ هوندي هئي. نه ته ٻيو مڙيوئي خير. وائينس صاحب ملٽري سروس جو والنٽيئر هو هڪدم سائيڪل تي چڙهي رائيفل ڪُلهي ۾ لٽڪائي روانو ٿيو ڪياماڙي. اسان مٿين ڪوئين مان لهي هيٺ آياسون. ڪلاڪ کن بعد وائينس صاحب واپس آيو. ظاهر ٿيو ته جرمني جي مشهور زير آب ڪشتي ايمڊن منهوڙي جي ملٽري کي نظر آئي هئي، جنهن ڪري ان طرف ڌانهن توبون ڇوڙيون ويون هيون، جن جا اهي ڌڙڪا هئا. ڪنهن ملڪ تي ڌارين جي حڪومت هوندي آهي ته مظلوم ۽ بي زبان رعايا جي همدردي اُن جي دشمن سان هوندي آهي. انهيءَ ايمڊن جهاز اُتان جا 7_8 جهاز ٻوڙيا هئا. جنهن ڪري ڪراچيءَ ۾ ايمڊن کي ڪوئيندا هئا حاجي ايمڊن ۽ اتحادين جي هر هڪ جهاز ناس ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ته ايمڊن ايترائي جڻ حج ڪيا. وائينس صاحب رات جو بورڊنگ هائوس ۾ بيگاهه وقت چڪر لڳائيندو هو ۽ ڏسندو هو ته برابر ڇوڪرا پنهنجن کٽن تي آرامي آهن ۽ ڪو ڇوڪرو غير حاضر ته ڪونه آهي. سياري جي موسم ۾ ڪن ننڍڙن ڇوڪرن جي مٿان اوڇڻ لهي ويندو هو ته پاڻ مٿان وجهي ڇڏيندو هون. سبحان الله. نج انگريز ۽ قابل. سيڪو سندس عزت ڪري. ان وقت انگريز سچ پچ ته لوڪ جا صاحب ڪونيا ويندا هئا (يعني صاحب لوڪ) مگر هي صاحب پاڻ کي ديسي شاگردن جو والد، يار، مددگار ۽ محافظ سمجهندو هو ۽ سندس منجهه والده وانگر پيار ڪندي هئي. نوڪرين وٺي ڏيڻ ۾ به سخت ڪوشان رهندو هو. مون کي چڱي پگهار تي پرشين گلف ۾ نوڪري وٺي ڏيڻ لاءِ لکپڙهه هلائي هئائين ۽ مون کي آرڊر ملڻ تي هو ته منهنجي عزيزن کي خبر پئجي وئي ۽ مان نوڪري تي ڪونه چڙهيس. ڪنهن شاگرد کي سرٽيفڪيٽ ڪپندو هو ته پير ڪوڙي اهڙو زوردار لکندو هو جو متعلقه شاگرد پاڻ پيو مچيندو هو ته مان ايترو لهان ئي ڪونه. جيترو وائينس صاحب تحرير فرمايو آهي. وائينس صاحب جو اصول هو ته شاگردن کي هر طرح مدد ڪرڻ منهنجي حياتي جي خاص مشن آهي. هو هڪ ان مول هيرو هو. هيرو_بلڪ آبدار موتي.

وري ڪيس فرسٽ اسسٽنٽ به هڪ عجيب انسان پلئي پيو. اِهو هو مسٽر ڊي – پي ڪوٺوال. هنڪي اسين سڀئي شاگرد ڪاڪو ڪوٺوال ڪوٺيندا هئاسون. بلڪل قابل ۽ تمام سادو هو. انگريزي، حساب ۽ تاريخ ۾ هي اٿارٽي ليکيو ويندو هو. چٽي سياري، اونهاري ڪلهي تي هوندي هئس. رسيس تي ٻيا ماسٽر صاحب ماني کائڻ ويندا هئا يا ٻيو ڪجهه گهرائي وٺندا هئا. هن سنت جي ماني ڇا هئي؟ پڳڙا ۽ ڳڙ! سوٽ اڇي سادي زين جو (يعني ڪوٽ پتلون) ته سياري جو ڪٽي جهڙي اُن جو سوٽ ناسي رنگ تي. ٽوپي پارسين واري، بوٽ تي چٽيون لڳل. سوٽ کي به چٽيون هونديون هيون. شادي ڪانه ڪيائين. پڇاڙيءَ تائين ڪنوارو رهيو. چوندو هو ته شاگرد ئي منهنجو اولاد آهن. محمد رمضان شيرازي ۽ محمد سليمان صفوي پارسي پڙهائيندا هئا. ٻئي هئا ايراني ۽ آواز به هون منڙو. جنهن ڪري شاگردن کي سندن پڙهائي ۾ لطف ايندو هو. صفوي صاحب عشقيه بيت گهڻا ٻڌائيندو ۽ لڪائيندو هو. مخدوم محمد صالح پٽي، سنڌي پڙهائيندو هو. ڪاڪي ڪوٽوال 1914ع ۾، جڏهين مان ڇهون درجو انگريزي پڙهندو هوس، صلاح ڏني ته سنڌي ڪاميٽي ڏئي ڇڏ. چيومانس ته ڪاڪا اها ڪهڙي ڪم جي، جڏهن سنڌي فائنل ۽ مئٽرڪ ٻئي ڪٽندس ته سنڌي فائنل سنڌي ڪاميٽي جو ڪم ڏيندي.

نيٺ 1914ع ۾ سنڌي ڪاميٽي ڏنم ۽ امتياز سان پاس ٿيس. سنڌي ڪاميٽي ڏيڻ وقت خانبهادر غلام علي نانا، امتحان جو سپروائيزر تي آيو. امتحان ٿيو. N.J.V.

High School ۾. محترم نانا صاحب خيرپور اي وي اسڪول ۾ هيڊ ماستر ۽ منهنجو استاد ٿي رهيو هو. اهڙي متبرڪ هستيءَ جي به زيارت نصيب ٿي. پوءِ ورنيڪيولر فائنل ۽ مئٽرڪ ٻئي امتحان پاس ڪيم. مان جڏهن 6 درجي ۾ پڙهندو هوس (1914ع) ته سنڌ مدرسي ۾ تڏهين جيڪي شاگرد چوٿين درجي ۾ هوندا هئا سي گهڻو ڪري حسن ۾ اول نمبر هئا. انهن ۾ هڪ ڇوڪرو محمد دائود نالي رنگ ۾ آفريڪا جو باشندو معلوم ٿيندو هو مگر نقشن (مهانڊن) ۾ هو يوسف ثاني. سندس والد هو خانبهادر گل محمد خان ڊپٽي ڊائريڪٽر (شايد وٽرنري سروس جو). دائود ميان حرڪتي هوندو هو. هڪ دفعي مغرب نماز ڪانپوءِ تيز رفتار سان ڊوڙندو پئي ويو. بورڊنگ جي اتر طرف سپرنٽينڊنٽ جي جاءِ جي اڳيان بادام جا وڻ هئا. هڪ وڻ جي ٿلهي نوڪدار ڪاٺي ٻاهر وڌيل هئي سا سندس مٿي ۾ چڀي وئي. دائود ميان بيهوش ٿي ڪري پيو. رت ڦوهارا ڪري وهيو. سڀ شاگرد اچي گڏياسون. دائود ميان کي ان بعد مون وري ته ڪونه ڏٺو. مدرسي ۾ ڪاڏي جا 3 ڪلاس هوندا هئا. هڪ فرسٽ ڪلاس، جن کي ست رشي پئي ملندي هئي، ان جي سڳنڌ سڄي ڊائننگ هال کي معطر ڪري ڇڏيندي هئي، خاص ڪري ڪيسري چاشني پلاءُ. ٻيو انٽر ڪلاس، جن کي پلاءُ وغيره ملندو هو. ٽيون هو ٿرڊ ڪلاس، جنهن جو ڪاڌو سادو هو. پهرئين ڪلاس جي بورڊنگ في هئي ويهه رپيا مهينو انٽر جي 12 رپيا ۽ ٿرڊ جي 6 رپيا مهينو. انڌير ته اهو هو جو ٽنهين ڪلاسن جو ڊائيننگ هال هڪ ئي هوءِ ماني کائڻ جو وقت به ساڳيو ئي. ٽئين ڪلاس وارا شاگرد فرسٽ ڪلاس جي طعام جي خوشبوءِ وارين ٿالهين تي نظر جمائي، گرهه پنهنجي رکي سکي ماني مان ڪٽي، تصور ۾ سمجهندا هئا ته اسين به ست رشي ٿا کائون. واهه واهه! احساس ڪمتريءَ جو ڀيو کهڙو مثال. سوئي نونهال شاگردن ۾! افسوس جو ان وقت جي شاگردن جي زبان گنگي هئي ۽ نه ته ڪو اختياريءَ وارن جي دل کي ڪو جهوبوئي ايندو هو. مجال جو هنن جي ڪنن تي ڪا جونءِ ئي ڪٽي رڙهي. اندر ۾ وائينس صاحب جي دل گهڻو ڪجهه گهرندي هئي ته اهو تفاوت نه رهي پر وڏا ماڻهو پنهنجي اولاد کي سادو ڪاڌو ملڻ پسند نه ڪندا هئا ۽ مدرسي جي مالي حالت اهڙي ڪانه هئي، جو ٽئين درجي وارن کي اهو ڪاڌو ڏئي سگهجي. گهٽ ۾ گهٽ يا ته ڪاڏي جو ٽائيم هر هڪ ڪلاس لاءِ جدا ڪيا وڃن ها يا ڊائيننگ هال عليحده عليحده. پهريائين وقت مقرر ڪيو وڃي ها ٿرڊ ڪلاس وارن جو پوءِ انٽر ۽ پوءِ فرسٽ. چاڪاڻ ته جيڪڏهن پهريائين فرسٽ وارن کي طعام کارايو وڃي ها ته ان جي خوشبوءِ اهڙي هئي جو اٽڪل به ڪلاڪ ته ڊائيننگ هال معطر رهندو هو سو جيڪڏهن ٿرڊ يا سيڪنڊ ڪلاس وارا طعام اکيئن نه ڏسن ها ته خوشبوءِ منجهان ته محسوس ڪن ها ته ڪهڙا نه مال مليدا سرمائيدارن کي پلئه پون ٿا.

محترم سائين ميران محمد شاهه به ان وقت ۾ پڙهندو هو. سهڻو گلاب جو گل ۽ سنهڙو هوشيار پر گوسڙو. محترم ڊاڪٽر دائودپوٽو صاحب مرحوم به 15-1914ع ۾ اچي داخل ٿيو هو. بلڪل سادو پر محنتي ۽ هوشيار. محترم صاحبان محمد بخش ميمڻ ۽ محمد بچل ميمڻ سابق جج صاحبان هاءِ ڪورٽ به ان وقت مدرسي ۾ پڙهندا هئا.

سنڌ مدرسو فٽبال ۾ پهريون نمبر هوندو هو. آغا جعفر ايراني بهترين گول ڪيپر هو. مدرسي وارن جي مئچ سينٽ پيٽرڪ ۽ چرچ مشن هاءِ اسڪول وارن سان لڳندي هئي.

مدرسي ۾ ڇهه ڏينهن گوشت، ڏينهن جو ملندو هو ۽ اربع ڏينهن چڻن جي دال. اربع جي دال لاءِ شاگردن کي ڏاڍو چاهه هوندو هو. مان ته گوشت کي ويجهو نه ويندو هئس. سواءِ آچر ڏينهن جي. ٻڪريون ڪوس لاءِ جيڪي اينديون هيون، سي هيون ٿاڪرو. اتي ڪائينديون هيون سن. جيڪا جلاب ۾ ڪم ايندي آهي. مان گوشت ڪائيندو هوس ته سمجهندو هوس ته هلڪو جلاب ورتو اٿم. تنهن ڪري ڪائيندو ئي هوس آچر ڏينهن، جنهن ڏينهن موڪل هوندي هئي.

هيڊ بورچي هوندو هو ڇيڙ ڪوهستاني. جنهن کي ”چاچا ڇيڙ“ ڪري ڪوٺيندا هئاسون. ٻيا بورچي جيڪي هئا سي به چاچي ڇيڙ ڪوهستان مان آڻي ڪتا ڪيا هئا. شايد پاڻ ۾ مٽ مائٽ هئا. سال 1952ع ۾، جڏهن مان دادو ضلعي جو ڪليڪٽر هوس ۽ ٽاٽي بولا خان ۾ منزل هيم. تڏهين انهن مان هڪ (نالو شايد هاشم هوس) اچي مون سان مليو. ڏاڍي اُڪير سان ملياسين. اُهي شاگردي وارا ڏينهن ياد تري آيا. مدرسي ۾ به مسجديون هيون. هڪ اهل سنت وارن جي ۽ ٻي اهل شيعت وارن جي. اهل شيعت وارن جو مولوي صاحب هڪ ايراني سيد هو ۽ اهل سنت وارن جو مرحوم مولوي عبدالرحيم صاحب مگسي.

اِهي ٿوريون گهڻيون يادگيريون لکڻ وقت اهو وڻندڙ زمانو اکين آڏو ڦريو اچي!

# اقتصادي واڌ ۽ ترقي ڪيئن ممڪن آهي؟

عمران علي ابڙو

اسان وٽ عام طور اقتصادي واڌ (Growth) ۽ ترقيءَ (Development) جا اصطلاح اڪثر طور استعمال ڪيا ويندا آهن پر انهن وچ ۾ جيڪو فرق ۽ ڳانڍاپو آهي ان تي غور نہ ڪيو ويندو آهي. اسان هيٺ انهن اصطلاحن وچ ۾ فرق ۽ تعلق کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

(1) واڌ ڇا آهي؟

”واڌ“ مان مراد ڪنهن بہ مادي شيءِ جي مقدار ۾ واڌارو آهي. مثال طور جيڪڏهن هڪ شخص جي زمين تي پنج سال اڳ سئو سير ڪڻڪ پيدا ٿي ۽ هن سال ڪڻڪ جي پيداوار ٻہ سئو سير ٿي وئي تہ اسان سولائيءَ سان اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ سندس زمين تي پنجن سالن ۾ ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌ سئو سير ٿي. ان کي اڃا هيئن بہ بيان ڪري سگهجي ٿو تہ پيداوار ۾ واڌ جي شرح 20 سيڪڙو ساليانو آهي پر جيڪڏهن ڪڻڪ جي پيداوار کي ماني (نان) ۽ ڪيڪ ۽ بسڪوٽن ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو تہ ان صورت ۾ ڪل پيداوار جو ڪاٿو رڳو نان ۽ ڪيڪ جي تعداد کي جوڙ ڪري نہ لڳايو ويندو (ڇاڪاڻ تہ اهي منفرد شيون آهن) پر پوءِ ڪڻڪ، نان ۽ ڪيڪ ۾ گڏيل قدر يعني پئسن کي جوڙ ڪيو ويندو يعني ڪُل قومي پيداوار جو ڪاٿو عام طور منفرد شين جي ماليت کي جوڙ ڪري لڳايو ويندو آهي ۽ ان ماليت ۾ ساليانو واڌاري کي ”واڌ“ (Growth) چيو ويندو آهي.

(2) ترقي ڇا آهي؟

ترقيءَ جو تعلق ماڻهن جي روزمره زندگيءَ، رهڻي ڪهڻي ۽ ڪم ڪار جي حالت سان آهي. اسان چئي سگهون ٿا تہ جيڪڏهن زندگيءَ جو معيار بهتر ٿي رهيو آهي تہ ترقي ٿي رهي آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ زندگيءَ جي معيار جي بهتر هجڻ مان ڇا مراد آهي؟ هڪ عام ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي جاچڻ لاءِ هيٺين نُڪتن کي آڏو رکڻ گهرجي:

(1) منهنجي اولاد کي جيڪا تعليم اڄ ملي رهي آهي ان جو معيار گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿيو آهي يا خراب؟

(2) جيڪي طبي سهولتون اڄ ميسر آهن انهن جو معيار گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿيو آهي خراب؟

(3) کاڌي پيتي جي شين ۾ ملاوٽ گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ٿي



# Development

آهي يا نہ؟

(4) منهنجي گذاري لاءِ آمدنيءَ ۾ گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ آساني ٿي آهي يا وڌيڪ ڏکيائي ٿي آهي؟

(5) منهنجو رهائشي علائقو گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صاف سٿرو ٿيو آهي يا گهٽ؟

(6) ڇا بار برداري (Transport) جون سهولتون گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿيون آهن يا خراب؟

(7) پنهنجو جائز ڪم ڪرائڻ لاءِ گذريل پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ رشوت ڏيڻي پوي ٿي يا گهٽ؟

(8) زندگيءَ جون بنيادي سهولتون (تعليم، روزگار جا موقعا، اسپتالون وغيره) ملڪ جي ڪيتري آباديءَ کي ميسر آهن؟ اڪثريت کي يا ٿورائيءَ کي؟

(9) قرض جن مقصدن خاطر ورتا وڃن ٿا اهي ان مد ۾ خرچ ٿين ٿا يا نہ؟

(10) محنت ڪش ۽ پورهيت کي سندس پورهئي جو مناسب اجورو ملي ٿو يا ساڻس ناانصافي ڪئي وڃي ٿي؟

اهڙا ٻيا ڪيترائي سوال هڪ فرد کي صورتحال جو صحيح تجزيو ڪرڻ ۽ ترقيءَ ۽ تنزل جون نشانيون معلوم ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن ٿا.

ترقيءَ جو بنياد حالتن جو شعور آهي. جيستائين انساني ذهن ۾ پنهنجي خراب حالتن کي خراب هجڻ جي سمجهہ پيدا نہ ٿئي ۽ پوءِ سٺين حالتن ۾ اچڻ لاءِ سندس دل ۾ خواهش يا چاهہ پيدا نہ ٿئي تيستائين ترقيءَ جو ٻج پيدا نٿو ٿئي. ترقيءَ ساز ۽ سامان سان شروع نہ ٿيندي آهي، اها تعليم، انتظامي ادارن ۽ سماجي نظم ۽ ضبط سان شروع ٿيندي آهي پر اهي سڀ رات وچ ۾ قائم نٿا ٿي سگهن. ان سلسلي ۾ ڏاڪي بڏاڪي ارتقا جي ضرورت آهي. ارتقا جو مثال هڪ وڻ جو آهي. هڪ ٻج زمين ۾ ڦوٽهڙو هڻي ٿو منجهانئس سلو اپري ٿو مناسب آب هوا ملڻ تي اهو ٻوٽو بڻجي ٿو اهو وري هڪ ميويدار وڻ جي صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت ترقيءَ جي شروعات پڻ تعليم کان ٿئي ٿي. تعليم هڪ اڻ لکي ۽ مرحلي وار عمل جو نالو آهي. ادارا پڻ يڪدم وجود ۾ نہ ايندا آهن. انهن ۾ حالتن جي تبديلين سان گڏ مسلسل ارتقائي عمل جاري رهندو آهي. اها ئي ڳالهہ تنظيم لاءِ پڻ صحيح آهي. تنظيم دراصل نظم ۽ ضبط جو نالو آهي. سماجي نظم ضبط جا فائدا مجموعي طور سموري قوم کي حاصل ٿين ٿا. تنهنڪري اُهي ٿي شيون قوم جي ٿورن ماڻهن وٽ نہ هئڻ گهرجن پر اهي سموري قوم ۾ گڏيل طور هجڻ گهرجن. ان ڪانپوءِ اهو سوال آڏو اچي ٿو تہ ترقيءَ لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي ٿي؟ جيڪڏهن حڪمت عملي بہ ملڪي حالتن سان ٺهڪندڙ ۽ حقيقت پسنديءَ جي بنياد تي مقرر ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ اهو سوال پيدا ٿيندو تہ ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ موجود افرادي قوت ملڪي ترقيءَ لاءِ تعميري جذبي سان ڪيتري قدر سرشار آهي؟ ڇاڪاڻ تہ نااهل، ڪائر ۽ لالچي فرد ڪڏهن بہ ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ لاءِ نہ رڳو ڪارائتا ثابت نہ ٿيندا آهن پر هاڃيڪار ثابت ٿيندا آهن.

تنهن ڪري ضروري آهي تہ سڀ کان پهريائين عصري تقاضائن کي مدنظر رکندي اهڙا تعليمي ۽ تربيتي ادارا قائم ڪيا وڃن جيڪي اهل، وفادار، تعميري جذبو رکندڙ ۽ باصلاحيت فردن ۽ ڪارڪنن جي تياريءَ جو ڪم بخوبي سرانجام ڏيئي سگهن.

# انگريزن کان اڳ واري سنڌ

نزاڪت علي



تالپرن جي دور ۾ انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ لاءِ مختلف حيلا ۽ وسيلا اختيار ڪرڻ شروع ڪيا. ان سلسلي ۾ 1830ع ۾ سنڌو نديءَ جي ڄڄهي معلومات لاءِ استعمال ڪرڻ سنڌ کي برطانوي راڄ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم هو. ان لاءِ هڪ ناهه ڪيو ويو. هندستان ۾ برطانوي حڪومت کي مضبوط ۽ محفوظ رکڻ لاءِ اتر اولهه واري سرحد ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو ۽ سنڌو نديءَ جي دفاعي اهميت کي بہ نظر ۾ رکيو ويو. سنڌ تي قبضو برطانيا لاءِ ٻن مقصدن خاطر اهم هو. هڪ واپار ۽ ٻيو روسي ڪاهه کان بچاءُ. هاڻي ڪمپنيءَ سنڌو نديءَ جي پر وارن علائقن ۾ پير ڄمائڻ شروع ڪيا.

1809ع ۾ سنڌو نديءَ جي اوڀر واري علائقي ۾ سکن سان معاهدو ڪيو ويو. اولهه واري پاسي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ 1800 ع کان ئي ڳالهيون شروع ٿي چڪيون هيون. تن ڏينهن ۾ نيپولين جيڪو مصر تائين اچي پهتو هو. انگريزن کي ان کان وڌيڪ خطرو محسوس ٿي رهيو هو. افغانستان ۽ فارس ۾ سفارتخانا قائم ڪيا ويا. ان جي ڪري سنڌ ۾ خاص طور ان جي لاڙ واري پاسي جي اهميت جنگي لحاظ کان تمام گهڻي وڌي وئي هئي. سنڌ تي تالپرن جي حڪومت هئي، جن وٽ باقاعده تربيت

يافته فوج به نه هئي. ان ڪري سنڌ دفاعي لحاظ کان ڪمزور هئي.

سنڌ جي حاڪمن کي به ان جو احساس هو. هو اهو به ڄاڻندا هئا ته انگريز هڪ چالباز قوم آهي. اهوئي سبب هو جو جيتريقدر ممڪن ٿي سگهيو سنڌ جا حاڪم انگريزن کي پوئتي ڌڪيندا ۽ ٽاريندا رهيا. ڪمپنيءَ جي واپارين جيئن ئي سنڌ ۾ پير ڄمايا ٿي ته هنن کين اتان نيڪالي ڏئي ٿي ڇڏي. ڪمپنيءَ سان به بس واٽڙي قسم جا معاهدا ڪندا رهيا پر اڪثر انهن کان به بچڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

اهڙي قسم جو پهريون معاهدو جيڪو 1809ع ۾ ٿيو سو تمام مختصر هو. ان ۾ رڳو "فرينچ قبيلي" کان بچڻ جو ذڪر هو. ان معاهدي ۾ ڪمپنيءَ جي واپار کي ڪو به تحفظ نه ڏنو ويو هو جيئن ڪمپني جي خواهش هئي. 1819ع ۾ جڏهن ڪمپنيءَ پر واري علائقي ڪڇ تي قبضو ڪيو ته سنڌ ۾ ڪجهه سهولتون حاصل ٿيڻ جي ڪجهه اميد پيدا ٿي هئي، پر جيئن جيمز برنس لکيو هو: "اهي مغرور ۽ ساڙسڙيا قبيلائي سردار.... اسان جي سلطنت جي ان طرف وڌڻ کي شڪ ۽ خطري جي نظر سان ڏسن ٿا." سو جڏهن سنڌ ۾ واپار جي لحاظ کان داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته جنگ ئي واحد رستو وڃي بچيو. خوشقسمتيءَ سان 830ع ۾ جيڪو مراسلو پهتو تنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته سنڌ کي آسانيءَ سان فتح ڪري سگهجي ٿو.

ان پيغام ۾ سنڌ تي قبضي جي تفصيل سان گڏ اهو به ڄاڻايو ويو هو ته سنڌ جي حڪومت "سازشي اصولن" تحت قائم آهي. حملي جو مضبوط ڪارڻ سنڌ جي حاڪمن جي ٻٽي پاليسي ۽ سازش ڄاڻايو ويو. ان پيغام ۾ سنڌين جو هڪ ڏوهه اهو به ڄاڻايو ويو هو ته ٽالپر حاڪمن زرخيز زمين جي وڏي حصي کي زراعت لاءِ استعمال ڪرڻ بدران شڪار گاهه بڻايو آهي. ان پيغام جي آخر ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته ڪا به "نرم ۽ عوام دوست" حڪومت عوام جي دل ۾ جاءِ پيدا ڪري سگهي ٿي.

ان پيغام ۾ ڄاڻايو ويو هو ته حملي جي صورت ۾ ڪيتري قدر آسانيون موجود آهن. سنڌ ۾ رڳو "حيدرآباد ۽ عمرڪوٽ" ۾ به قلعا آهن جتان مزاحمت ٿي سگهي ٿي ۽ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ برق رفتار ڪاهه ۽ "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جا اصول فائيديمند ثابت ٿي سگهن ٿا. سنڌ جي سگهارين قوتن ۾ حڪومت ۾ ڏڦيڙ موجود آهن... اهي اختلاف مختلف قبيلائي سردارن کي اسان جي حمايت تي آماده ڪري سگهن ٿا، ان ۾ ڪا به ڏکيائي پيش نه ايندي ۽ انهن مان گهڻن کي احسانمند اتحادي به بڻائي سگهجي ٿو." ان سموري ڪتا جو مقصد رڳو سنڌو نديءَ کي محفوظ بڻائڻ هو ۽ ان ۾ جهاز رانيءَ کي به گهڻي اهميت حاصل هئي. اهڙي ڪنهن به عمل جي نتيجي ۾ ملڪ کي دفاعي لحاظ کان وڌيڪ محفوظ بڻائي سگهبو. ان سموري ڪتا ۽ ڪاهن جو مقصد اهو ته هندستان ۾ برطانوي راڄ کي روس کان سڀ کان گهڻو خطرو محسوس ٿي رهيو هو.

ان پيغام جو آخري حصو ٻاهرين خطرن جي نشاندهيءَ تي ٻڌل هو. فوجي ماهرن ۾ سنڌ تي حملي بابت اختلاف ته هئا پر سڀ ان تي متفق هئا ته ڪاميابيءَ جي صورت ۾ ملڪ دفاعي لحاظ کان محفوظ ٿي ويندو ۽ ان لاءِ سنڌو نديءَ جي اهميت سڀ کان وڌيڪ هئي. سرجان مئلڪم اهو تسليم ڪيو ته "روس هندستان تي حملي جو ارادو رکندو هو ۽ اڃا به اهڙا ارادا رکي ٿو." پر هن جو خيال هو ته هن اڙانگي ۽ پرشور علائقي تي روس حملو ته ڪري سگهي ٿو پر گهڻي دير رهڻ ممڪن نه هوندو. سرجان مئڪڊونلڊ به ان کان وڌيڪ خطرن کان خبردار ڪيو هو. هن صلاح ڏني هئي ته "انهن علائقن جي درست صورتحال ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان طرف يعني اولهه وارن علائقن ڏانهن جاسوس روانا ڪيا وڃن. سنڌو نديءَ جي پاٽي جي زاونهائي، ٻيڙين ۽ جنگي لحاظ کان موجود سهولتن بابت حقيقي انگ اکر هٿ ڪيا وڃن." ان جي ڪري ڪمپنيءَ جي ذهن ۾ اهو تصور پختو ٿي چڪو هو ته 30 هزار روسين جو لشڪر هندوڪش جبلن واري پاسي کان هندستان تي ڪنهن به وقت حملو ڪري سگهي ٿو.

ان پيغام جو ترت نتيجو اهو نڪتو ته اليگزينڊر برنس کي سڪ ۽ سنڌي علائقن تائين سنڌو نديءَ جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ٽالپرن روايتي بغض جو مظاهرو ڪيو ۽ ان سفر جي اجازت ڏيڻ کان اڳ ۾ ان جي حقيقي ڪارڻن جي معلومات گهري. سنڌو نديءَ جي ويڪر، اونهائي ۽ جهاز رانيءَ جي سهولتن بابت انگ اکر گڏ ڪرڻ وارو حقيقي مقصد ڪمپنيءَ مڪمل طور ڳجهو رکيو. انتهائي چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي ٻيا بهانا گهڙيا ويا. يعني برنس کي هڪ هزار ڪلوميٽر سنڌوءَ جو اوپارو سفر ڪري لاهور ۾ شاهي تحفي طور پنج گهوڙا رنجيت سنگهه کي پهچائڻ واري ڪم جو بهانو گهڙجي چڪو هو.

1834ع ۽ 1838ع ۾ به وڌيڪ



معاهدا ڪيا ويا، جيڪي سنڌي حاڪمن جي پيٽ ۾ انگريزن جي مفادن جو وڏيڪ تحفظ ڪندڙ هئا. 1837ع ۾ برنس لکيو:

”سنڌ جا مغرور حاڪم احسانمند بڻجي ويا آهن... آخرڪار اسان ڪي... سنڌو نديءَ تي مڪمل غلبو حاصل ٿي چڪو آهي.“ ست ورهين جي جنرل سرچارلس نيپئر جنهن ڪڏهن بہ هندستان نہ ڏٺو هو تنهن جي خواهش هئي تہ رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ ڪجهہ دولت گڏ ڪئي وڃي ۽ ڪيس برطانوي حڪومت سنڌ تي قبضي واري مهم جو سربراهہ بڻايو وڃي. 1842ع جي سرءُ جي مند ۾ هو سنڌ پهتو ۽ اسٽيمر وسيلي سنڌوءَ جو سفر ڪيائين ۽ ان دوران برنس جي ڪتاب جو مطالعو بہ ڪندو رهيو. جنگ جو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ هن سنڌ جي ٽالپر حاڪمن ڪي چڙ ڏياريندڙ ۽ ڌمڪين وارا خط لکڻ بہ شروع ڪيا: ”پر جيئن تہ سنڌو نديءَ جا ٻہ ڪنارا آهن، تيئن توهان جو بحث بہ ٻہ رخو آهي. هاڻي گورنر جنرل توهان جي درياهہ جي ٻنهي ڪپرن تي قبضو ڪري چڪو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو توهان جي بحث جي ٻنهي رخن کي سمجهي چڪو آهي.“ نيپئر سنڌوءَ جي ڪناري بيچينيءَ سان ٽالپرن جو انتظار ڪندو رهيو. هن ٽالپرن کي ڌارين بدمعاشن وانگر پيش ڪيو هو، ڇاڪاڻ تہ ٽالپر بلوچستان کان آيا هئا. هو ٽالپرن سان ڪيل معاهدن جي بہ انتهائي چالاڪي سان پيڇڪڙي ڪندو رهيو. آخرڪار هن فيبروري ۽ مارچ 1843ع ۾ ٽالپر سان ٻہ فيصلائتيون جنگيون ڪيون. ٽالپرن پنهنجي خاندان جي هڪ شاديءَ ۾ مصروف هئا ۽ سندن لشڪر بہ ڇڙوڇڙ هو. انگريزن ڪي درياهہ واري پاسي کان ٻاڦ تي هلندڙ جهازن ذريعي قلعي تي گولا وسائڻ شروع ڪيا ۽ ڪين آسانيءَ سان ٽالپرن تي فتح حاصل ٿي وئي. نيپئر ٽالپرن ڪي گرفتار ڪري ورتو. ڪين سموري دولت کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ سندن وظيفا مقرر ڪري ڪين محدود ڪري ڇڏيو. حيدرآباد جي قلعي مان جيڪو مال غنيمت هٿ آيو هو ان جي ماليت تن ڏينهن ۾ 10 لک برطانوي پائونڊ اسٽرلنگ هئي. سنڌ جي فتح تي هندستان، انگلينڊ ۽ عالمي سطح تي سخت تنقيد ٿيڻ لڳي. اخبارن ان کي وحشياڻي ڪارروائي قرار ڏنو ۽ انگلينڊ ۾ ان کي گناهہ قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌ انگريزن جي حڪمرانيءَ هيٺ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي وئي.

# سنڌ اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس ۾ ڇا وهيو، ڇا واپريو؟

فرحان تنيو

انگريز سامراج سنڌ کي 1843ع ۾ فتح ڪيو ۽ ستت ئي سموري ديس کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ضم ڪري ڇڏيو هو. جيڪو فيصلو سنڌ جي عوام جا بنيادي سماجي، معاشرتي حق ڏيائڻ ۽ ڦيائڻ برابر هو. 1843ع کان 1936ع تائين سنڌ جا انتظامي، سياسي معاملا هڪ پرڳڻي طور بمبئي پريزيڊنسيءَ جي ڪمشنريٽ نظام هيٺ هلايا ويا ۽ واپار، خدمتن، تعليم توڙي صحت سميت سمورن شعبن ۾ مقرريون بمبئي پريزيڊنسيءَ جي اعلي' عملدارن جي حڪمن تحت ٿينديون رهيون. 1890ع ۾ انگريز سرڪار طرفان آندل سڌارن ڪانپوءِ سنڌ کي پهريون ڀيرو بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ 4 ميمبرن تي ٻڌل ننڍڙي نمائندگي نصيب ٿي. قائداعظم محمد



علي جناح جي جڳ مشهور 14 نقطن ۾ سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان آزاديءَ وارو نقطو بہ شامل هئو جڏهن تہ آل انڊيا مسلم ليگ سنڌ جي مک قيادت سائين جي ايم سيد، ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي سميت ٻين اڳواڻن پڻ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ آزاد ڪري ڌار ۽ خودمختيار صوبائي حيثيت ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي انهن ئي عوامي سياسي اڳواڻن جي جدوجهد جي نتيجي سنڌ کي پهرين اپريل سال 1936ع ۾ گڏيل هندستان جي انگريز سرڪار پنهنجي آئين جي سيڪشن 40(3) تحت خودمختيار صوبائي حيثيت فراهم ڪئي ۽ ساڳئي ڏينهن سر لينسلاٽ گراهم کي نئين نهيل سنڌ صوبي جو پهريون گورنر پڻ مقرر ڪيو. جيڪو 25 ميمبرن تي ٻڌل ڪائونسل جو سربراه پڻ هو ان ڪائونسل ۾ بامبي ڪائونسل جا 2 صلاحڪار بہ شامل هئا، جن کي سنڌ جي معاملن جي نگراني سونپيل هئي.

سال 1937ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت سڌارن جي شروعات ۽ سنڌ ايڪٽ جي پارٽ (III)جي لاڳو ٿيڻ شرط قانونسازيءَ جو طريقيڪار بنيادي طور تبديل ٿي ويو ۽ سنڌ اندر قانون ناهڻ جو اختيار، جيڪو اڳ ۾ رڳو گورنر جنرل وٽ هوندو هو ان ايڪٽ جي سيڪشن 289(3) سيڪشن (60) تحت قائم ڪيل سنڌ صوبي جي قانونساز اسيمبليءَ کي حاصل ٿي ويو. نئين قائم صوبي سنڌ جي قانونساز اسيمبليءَ جي پهرين اليڪشن گورنر سر لانسلاٽ جي نگرانيءَ هيٺ 7 فيبروري 1937ع ۾ ٿي. جنهن ۾ صوبائي قانونساز اسيمبليءَ جي 60 ميمبرن کي چونڊيو ويو هو.

تاريخي پهرين سنڌ اسيمبليءَ جي سيٽن جي ورهاست هيٺين ريت ڪئي وئي هئي:

جنرل سيٽون 18، محمدن سيٽن جو انگ 33، يورپين سيٽون 02، ڪامرس، صنعتن، مائيننگ ۽ پلانٽ جي نمائندگي لاءِ رکيل 02 سيٽون . زميندار سيٽن جو انگ 02، پورهيتن جي نمائندگي لاءِ هڪ سيٽ، عورتن جي ٽڪ لاءِ مخصوص (جنرل) 01 سيٽ، عورتن لاءِ مخصوص (محمدن) هڪ سيٽ شامل هئي. گورنر سر لينسلاٽ گراهم 15 اپريل 1937ع تي هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 62(3) تحت نئين چونڊيل سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو پهريون ۽ تاريخي اجلاس 27 اپريل 1937ع، اڱاري ڏينهن صبح 11 وڳي سنڌ چيف ڪورٽ (هاڻوڪي سنڌ هاءِ ڪورٽ) ڪراچيءَ جي اسيمبلي هال ۾ سڏايو هو. سنڌ اسيمبليءَ اهو پهريون تاريخي اجلاس ڇئين وڳي تائين هلايو ويو هو جنهن جي صدارت ڪرڻ لاءِ گورنر سر لينسلاٽ گراهم، قانونساز اسيمبليءَ جي ميمبر ديوان بهادر هيرانند کيمچند مقرر ڪيو ڇاڪاڻ تہ ديوان بهادر هيرانند کيمچند نئين چونڊيل سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان اندر اهو اڪيلو ميمبر هو جنهن تاريخي اجلاس جي شروعات کان اڳ گورنر سر لينسلاٽ گراهم کان پنهنجي ميمبرشپ جو قسم کنيو هو ان ڪانپوءِ ايوان اندر پهرين ڏهاڙي تي موجود 57 چونڊيل ميمبرن کي اجلاس جي چيئرمين ديوان بهادر هيرانند کيمچند حلف کڻايو هو.

سنڌ چيف ڪورٽ جي تاريخي عمارت ۾ گهرايل تاريخي سنڌ اسيمبليءَ جي ان پهرين سيشن ۾ نون چونڊيل ميمبرن حلف کنيو هو جنهن کانپوءِ ڪارروائي ملتوي ڪئي وئي هئي، پهرين سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي پهرين اجلاس ۾ قسم کڻندڙ نون چونڊيل ميمبرن ۾ هيٺ ڏنل معزز نمائندا شامل هئا.

پهرين سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ميمبرن جو وچور:

01: شيخ عبدالمجيد سنڌي ولد ليلا رام، لاڙڪاڻو

02: عبدالستار پيرزادو ولد عبدالرحمان پيرزادو، سکر

03: اکجي رتن سنگھ سوڍو، ٿرپارڪر

04: خان صاحب الله بخش خداداد خان گبول، ڪراچي

05: خانبهادر الله بخش محمد عمر سومرو، او. بي. اي سکر

06: صاحب بهادر مير الله داد خان امام بخش خان ٽالپر، ٿرپارڪر

07: خانبهادر حاجي امير علي ٺارو خان لاهوري، لاڙڪاڻو

08: ارباب توگاچي مير محمد نهڙي، ٿرپارڪر

09: مسٽر يوجنگ گرڊنومل پهلراجاڻي، سکر

10: مسٽر ڏيئل مل دولترام، زمينداري سيٽ

11: دولترام موهن داس، سکر

12: گهنشام جيٺانند شوداساڻي، حيدرآباد

13: گٽيش مل تارا چند، حيدرآباد

14: مير غلام علي بنده علي ٽالپر، حيدرآباد

15: مير غلام الله خان، مير حاجي حسين بخش خان ٽالپر، حيدرآباد

16: مخدوم غلام حيدر مخدوم ظهيرالدين،

حيدرآباد

17: پير غلام حيدر شاهه، صاحب ڏنو شاهه، ٿرپارڪر

18: خانبهادر غلام محمد عبدالله خان اسراڻ، لاڙڪاڻو

19: غلام مرتضي' (جي ايم سيد) محمد شاهه سيد، دادو

20: خانبهادر غلام نبي شاهه، ايم. بي. اي ٿرپارڪر

21: آر ايس گوڪلداس ميولداس، لاڙڪاڻو

22: حاسرام سندرداس پمناڻي (جنرل پهراڙي) سکر ايسٽ

23: ڊاڪٽر هيمن داس روپچند واڌواڻي اپر سنڌ سرحدي ضلعو

24: هوت چند هيرانند راء بهادر، نوابشاهه

25: پير الاهي بخش نوازعلي، دادو

26: آسرداس ورندمل ڪامرس اينڊ انڊسٽري (انڊين ڪامرس)

27: خانصاحب جعفر خان گل محمد خان بڙدي، اپر سنڌ سرحدي ضلعو

28: جمشيد نسروانجي مهتا، دادو

29: جام جان محمد خان، محمد شريف جوڻيجو نوابشاهه

30: مسز جيٺا بائي غلام علي الانا، عورتن لاءِ مخصوص سيٽ (محمدن)

31: مس جيني بائي تلسيداس سپاهيملاڻي، عورتن جي جنرل سيٽ

32: خانبهادر قيصر خان غلام محمد خان بوزدار، سکر

33: خير شاهه امام علي شاهه سيد (حلف 3/8/1937) نوابشاهه

34: ڪرنل ايچ جي مهون، يورپين

35: سيد ميران محمد شاهه زين العابدين شاهه، حيدرآباد

36: محمد علي شاهه الهندو شاهه سيد، نوابشاهه

37: خانبهادر محمد ايوب کهڙو محمد خان کهڙو، لاڙڪاڻو

38: محمد هاشم فيض محمد فبجي گزدر، ڪراچي

39: مير محمد خان، نواب غيبي خان چانديو لاڙڪاڻو

40: محمد عثمان محمد خان سومرو، ڪراچي

41: محمد يوسف خانبهادر خير محمد خان چانديو ڪراچي

42: نارائڻ داس آنند جي بيچر، ڪراچي

43: نيوندرام وشنداس، نوابشاهه

44: جناب نيچل داس چتون مل وزيراڻي، ڪراچي

45: نور محمد شاهه مراد علي شاهه سيد، نوابشاهه

46: ڊاڪٽر ڊي اين او سليوان، ڪراچي

47: پرتاب راء ڪيسوڪداس (جنرل رورل ويسٽ ٿرپارڪر)

48: ڊاڪٽر پوپٽ لال اي پوپٽڪر، ڪراچي

49: جي ايچ راڇن (چيمبر آف ڪامرس) ڪراچي

50: رسول بخش خان، محمد بخش خان انڙ، نوابشاهه

51: خانصاحب رسول بخش شاهه محبوب شاهه سيد، سکر

52: رستم جي، خورشيد جي سڌوا، ڪراچي

53: مير بند علي خان مير حاجي محمد حسين خان ٽالپر، حيدرآباد

54: شمس الدين خان عبدالڪبير خان بارڪزئي (دراني) پناڻ، سکر

55: سيتل داس پيرومل، ٿرپارڪر

56: مير زين الدين خان، مير سندر خان سندراڻي، اپر سنڌ سرحدي ضلعو

57: خانصاحب سهراب خان صاحب ڏنو خان سرڪي، اپر سنڌ سرحدي ضلعو

58: مکي گوبند رام پريتم داس، اپر سنڌ سرحدي ضلعو

59: ديوان بهادر هيرانند کيم سنگهه، حيدرآباد

60: سر غلام حسين هدايت الله شيخ، kt.K.C.S.I، ڪراچي

61: فلوڪ هارٽ، جي جي (9 آگسٽ 1937تي حلف کنيو) زميندراي سيٽ

62 محمد امين عبدالعز ز کوسو (29/3/1938 حلف) اپر سنڌ سرحدي ضلعو

63: هوساڪ وليم بارٽليٽ ڪرنل (31/3/1938 حلف) ڪراچي

64: چوئٿرام تي واليچا (19/5/1938 حلف) ڪراچي

65: مسٽر فريزر جي (19/5/1938) ڪراچي

66: ڊاڪٽر چوئٿرام پي گدواڻي (4/1/1939 حلف) حيدرآباد

67: لولو مل ريواچند موتيواڻي (27/11/1940 حلف) سکر

68: جناب لالا مينگهراج پيرومل (18/3/1941 حلف) سکر

69: رئيس علي گوهر خان مهر (1/3/1940 حلف) سکر

70: تارا چند ڏرم داس (24/6/1943 حلف) ٿرپارڪر

71: احمد خان سڏايو (23/2/1944 حلف) سکر

72: مير حسين بخش ٽالپر (21/2/1945 حلف) حيدرآباد ۽ 73: خانبهادر حاجي مولا بخش محمد عمر سومرو شامل هئا.

# سنڌ جي آبپاشي، زرعي ۽ نهري نظام ۾ بهتريءَ جي ضرورت

حبيب الرحمان چنو

سنڌ ۽ سنڌو هڪ وجود جو نالو هئڻ ڪري هن سر زمين کي درياهن جي ڏرتي سڏيو وڃي ٿو ڇوته سنڌ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو ۽ هر تهه سنڌو نديءَ جي لٽ جوڙيو آهي. اوائلي دور ۾ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي سرحدن ۾ ڪيترائي درياهه، نديون ۽ نئيون ڇوڙ ڪنديون هيون، اهوئي ڪارڻ آهي ته درياهن ۽ ندين جي گهڻائيءَ سبب هن ماٿريءَ ۾ زراعت آڳاٽي دور کان پيشو رهي آهي، جنهن جو ذڪر تاريخي ۽ مذهبي ڪتاب رگ ويد ۾ به موجود آهي، ڪپهه ۽ اناج وارن فصلن جو پهريون لکت ۾ ثبوت به انهيءَ مان ملي ٿو. موهن جي دڙي مان هٿ آيل ٺڪرن جي ٿانوَن ۾ به ڪڻڪ جا داڻا پٿرايل هئا، جَوَ ڪڻڪ ۽ ترن جا فصل پلا ٿيڻ ۽ ماڻهن کي پوک جي ڄاڻ بابت معلومات به ملي آهي. شروعاتي دور ۾ پوکيءَ جا اوزار پٿر، ٽامي ۽ ڪٺ جا ٺهيل هوندا هئا، جن ۾ ڪوڏر، ڪهاڙي، رنبي جا ڦر، چاقو، ڪارايون ۽ ٻڙڇيون شامل آهن. دنيا ۾ ڦيٿي جو پهريون وجود ۽ ڏڪي گاڏيءَ جو رواج به سنڌ مان شروع ٿيو، جنهن جو واضح ثبوت موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ دوران هٿ آيل ڏاند گاڏيءَ جي ڍانچي جي صورت ۾ موجود آهي. سنڌ ڌرتي زراعت جي حوالي سان سيني کان



اڳيري رهي آهي، زراعت هتان جي ماڻهن جو صديون پراڻو ڌنڌو رهيو آهي. زراعت جي شروعات سنڌو نديءَ جي وهڪرن سان ئي شروع ٿي وئي، انهيءَ ڪري هن ڌرتيءَ جا ماڻهو هميشه خوشحال رهيا آهن. آڳاٽي زماني ۾ گهڻو ڪري ماڻهو درياهه جي پر وارن علائقن ۾ رهندا هئا، جتان جي زمين زرخيز هئي ۽ ججهو نهري پاڻي به ميسر هوندو هو. سنڌ جي زمين زرخيز ۽ سنوت واري هئڻ ڪري هتان جي آبهوا شروع کان منفرد رهي آهي، جنهن ڪري ڪيترائي اناج، ڀاڄيون ۽ ميوا اڄ تائين پوکبا اچن پيا. سنڌو ماٿريءَ آڳاٽي وقت کان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل وڻن ٻوٽن، فصلن، گلن ڦلن، ميون ۽ ڀاڄين کان سواءِ پالتو جانورن ۽ جهنگلي جيوت کي پنهنجي ماحول ۾ جنم ۽ جياپو ڏئي سندن بقا صدين کان برقرار رکي آهي.

سنڌو ماٿريءَ جا قديم ماڻهو فصلن جي مند شروع ۽ ختم ٿيڻ جو اندازو ستارن ۽ نکتن مان لڳائيندا هئا، چيٽ ۽ ڪتيءَ جون مندون مقرر ڪري موسم جي مناسبت سان فصلن جي ورهاست ڪبي هئي، جيڪا اڄ تائين آبهوا موجب مختلف رهندي پئي اچي. هتي جي زراعت تي زرعي اوزار ۽ جاگرافيائي حالتون اثرانداز آهن، سري، لاڙ، ٿر ۽ ڪوهستان وارن علائقن ۾ سرشتي جي مناسبت سان موسمي ۽ باراني فصل پوکيا وڃن ٿا. هتي ڪتيءَ (خريف) ۾ جوئر، ٻاجهري، چانور، وونئڻ، تر، مڱ ۽ موٺ پوکيا وڃن ٿا ته چيٽ (ربيع) ۾ ڪڻڪ، جَوَ هنداڻو سرنهن، ڄانيو چڻا ۽ مٽر پوکيا ويندا آهن. نم، اڪ، ٿوهر، ٿوهه، ٻُڪن، منديري، للر، لنب، مريڙو ۽ جهل وغيره ڪاڏي ۽ دوائن لاءِ ڪتب ايندا هئا.

آڳاٽي زماني ۾ سمن جو دور سنڌ جي سڀ کان وڏيڪ خوشحاليءَ جو دور سڏجي ٿو. تنهن زماني ۾ سنڌ جي کيتي ۽ واپار جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏي ساک هوندي هئي. سنڌ جي واپاري مال کي دنيا جي مارڪيٽن ۾ تمام گهڻي قدر جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، جنهن ۾ اناج کان ويندي نير، لاک، عاج، عمارتي ڪاٺ، ميندي ۽ ٻيون شيون اچي وڃن ٿيون. ان کانسواءِ ميون ۾ انب، ڪيلا، نارنگيون، زيتون ۽ اناج ۾ ڪڻڪ، جوئر ۽ چانورن جون سُڳداسي جنسون ڏيساور موڪلي وڏو ناڻو ڪمايو ويندو هو. سنڌوءَ درياهه جي اوج سبب پاڻي ججهي مقدر ۾ موجود هوندو هو جنهن ڪري گهڻي پاڳي زمينون آباد هيون. اتر سنڌ ۾ خريف ۽ ربيع جا مکيہ فصل جوئر ۽ ڪڻڪ هئا، باقي ٻين فصلن ۾ ٻاجهري، مڱ، تر، هيرڻ، جَوَ السي ۽ سرنهن ٿيندا هئا، ان کانسواءِ ڪمند جي پوکي به وڏي ايراضيءَ تي ٿيندي هئي. سنڌ جا بهترين باغ ٺٽي، نصرپور، حيدرآباد، سيوهڻ ۽ روهڙي ۾ هوندا هئا، روهڙي ۾ چوڏاري ساوڪ، سرهاڻ ۽ هٻڪار هئڻ ڪري سنڌ جو چمن سڏيو ويندو هو.

سنڌ ۾ ويهين صديءَ جي شروعاتي دور تائين فصلن مان خالص جنسون چونڊي پوکيون وينديون هيون تہ جيئن ملاوٽي / گاڏڙ جنسن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ پيداوار بہ حاصل ڪجي، جنهنڪري ديسي جنسن پوکڻ ڏانهن لاڙو گهٽبو ويو. سنڌ سميت دنيا اندر وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ اڄڪلهه هائبرڊ ٻجن جي استعمال جو تمام گهڻو زور آهي، آڳاٽي دور ۾ سائنسي بنيادن تي ٻجن جون جنسون تيار نه ٿينديون هيون، ان ڪري آبادگار ۽ هاري سڀ کان بهترين اپت ڏيندڙ ٻجن جي چونڊ ڪري ڌار رکي ڇڏيندا هئا، جيڪو لاڳاپيل مند ۾ پوکيو ويندو هو. انهيءَ ڪري فصل تمام بهترين اپت ڏيندا هئا. سنڌ ۾ فصلن جي اعليٰ قسم جي جنسن جو هميشه عروج رهيو آهي، جن ۾ چانورن جي سڀ کان اتم ۽ خوشبودار جنس سڳداسي، ڪڻڪ جي جنسن ۾ ڦنڊڻي، ٺوڙهي ۽ بوجاري، جوئر ۾ ڳاڙهي ۽ اڇي جوئر (ڳاڙهي ۽ سائي تري) ۽ چڻن جي جنسن ۾ سناني، ڪابلي ۽ سنڌي چولا پوکيا ويندا هئا. ڪپهه جي ديسي جنس، جنهن کي سنڌي ڪپهه به (Indus Cotton)سڏيو وڃي ٿو. تنهن جي پوکائي وڏي ايراضيءَ تي ٿيندي هئي. دنيا جي آبادي وقت سان گڏ تيزيءَ سان وڌندي پئي وڃي، ان ڪري موجوده دور ۾ جديد زراعت کي گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته انساني جياپي جو سمورو دارومدار زراعت تي آهي، انهيءَ ڪري هاڻي زراعت پنهنجي روايتي ماحول مان نڪري هڪ ڪاروبار ۽ ڌنڌو بڻجي وئي آهي. زراعت کي هڪ صنعت جو درجو ڏنو ويو آهي، ان ڪري انهيءَ شعبي ۾ سيڙپ ڪئي ويندي آهي، جنهن مان معاشي فائدو به حاصل ٿيندو آهي. موجوده دور ۾ سنڌ سميت سموري دنيا پاڻيءَ جي کوٽ واري مسئلي کي منهن ڏئي رهي آهي، تنهنڪري زراعت جي ڪاميابيءَ جو دارومدار آبهوا، جديد آبپاشي نظام، پوکيءَ جي جديد طريقن، علائقي وار فصلن جي رٿابندي، خالص ٻجن، زرعي دوائن، ڪيميائي ڀاڻ ۽ جيتن توڙي بيمارين جي خاتمي لاءِ اثرائتا اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. پوکيءَ جا روايتي طريقا ڇڏي ٽيڪنالوجيءَ ذريعي جديد زرعي حڪمت عمليءَ سان پوک ڪري وڌيڪ



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ عالمي بينڪ جي ريجنل ڊائريڪٽر جان روم جي اڳواڻيءَ ۾
آيل وفد سان ملاقات ڪندي. عالمي بينڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر نجي بينهيسائين گڏجاڻيءَ ۾
وڊيو لنڪ وسيلي شريڪ آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سي ويو ڪراچيءَ ۾ آئيڊياز ڪراچي جي سلسلي ۾ منعقد
”نشان پاڪستان“ تقريب کي خطاب ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ فارين سروس اڪيڊمي اسلام آباد پاران
جونيئر ڊپلوميٽڪ ڪورس ۾ شريڪ ميمبرن سان ملاقات ڪندي.



.سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ هڪ ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کانپوءِ
آڳر تي پيِن جو نشان ڪري سنڌ جي ستن ضلعن ۾ پوليو کان بچاءُ مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي.
پوليو اوور سائيٽ بورڊ جو سربراهه ڊاڪٽر ڪرسٽوفر ايليس پڻ ان موقعي تي موجود آهي.





سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ 49 هين خصوصي ٽريننگ پروگرام جي
اي ايس پيز سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪنٽري ڊائريڪٽر نجي بينهيسائين جي اڳواڻيءَ ۾
عالمي بينڪ جو 13 رڪني وفد سنڌ جي سيني ترقياتي ڪاتن گڏوگڏ ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ بابت
وزير اعليٰ هائوس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي.





سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز اوجها ڪئمپس پاران
منعقد ليور ٽرانسپلانٽ شعبي جي 75 هين تقريب کي خطاب ڪندي.



اپت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ جي زراعت کي ٽن مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جن ۾ ڏاندن ذريعي پوکي، ٽريڪٽر يا مشيني زراعت اچي وڃن ٿا. ڏاندن ذريعي پوکيءَ جو طريقو آڳاٽي دور کان هلندو پيو اچي، جنهن زماني ۾ ٽريڪٽر يا ٻي جديد ٽيڪنالوجيءَ جو ڪو نالو نشان نه هوندو هو. ڪڙمي ڏاندن ذريعي زمينون کاهيندا هئا يا انهن جي سنور ڪندا هئا. زمين جي سطح هڪ جهڙي نه هئڻ ڪري به فصل جي پيداوار تي تمام گهڻو اثر پوندو آهي، انهيءَ ڪري هاري ڏاندن ذريعي پهريان هر هلائي زمينون ڪيڙي ڪندا هئا. جنهن بعد وري ڏاندن تي ڪيڻ ذريعي پنهنجون زمينون سنواريندا هئا. جنهن ۾ محنت ته تمام گهڻي لڳندي هئي پر فصل به بمپر تيار ٿيندا هئا. سنڌ جي زراعت گهڻي ترقي سترهين صديءَ ۾ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ واري دور ۾ ڪئي، جنهن دوران وڏا واهه کوٽيا ويا ۽ آبپاشيءَ جو پاڻي بهتر نموني سان استعمال هيٺ آندو ويو. انهيءَ کان پهريان سنڌو درياهه جو پاڻي چڙهيو هلندو هو. چيو وڃي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ سنڌو درياهه جو رخ ٿر واري علائقي ۾ هوندو هو جنهن ڪري پراڻ جو ڍورواج به مشهور آهي، اتي بهترين فصل تيار ٿيندا هئا. وري سنڌو درياهه جي پاڻيءَ پنهنجو رخ تبديل ڪيو ته ٿرپارڪر غير آباد بڻجي ويو. سنڌ ۾ زراعت جي ترقيءَ جو ٻيو وڏو دور ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن جي حڪمرانيءَ کان شروع ٿيو. 1932ع ڌاري سکر بئراج جو منصوبو عمل هيٺ آيو ان کانسواءِ سنڌو نديءَ تي ٻنهي پاسن کان وڏا واهه کوٽيا ويا. جن مان شاخون ۽ پوءِ واٽر عمل ۾ آيا ۽ زراعت لاءِ آبپاشي نظام وجود ۾ آيو. اوڻيهين صديءَ ۾ ورهاڱي کانپوءِ 1955ع ۾ ڪوٽڙي بئراج ۽ 1967ع ۾ گڊو بئراج ٺهڻ کانپوءِ زراعت کي وڌيڪ هٿي ملي.

صوبي اندر هن وقت شاخون ۽ واٽر ڪورس پڪا ڪيا پيا وڃن، جيڪو تجربو تمام گهڻو ڪامياب ويو آهي، جنهن سان پاڻيءَ جي ضيان به تمام گهٽيو آهي ۽ پوکيءَ ۾ به خاطري جوڳي واڌ آئي آهي. واهن ۽ بئراجن جي پچنگ سان به سم ۽ ڪلر ۾ گهڻي حد تائين گهٽتائي آئي آهي. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ هن وقت زرعي نظام جديد بڻجي چڪو آهي، سنڌ اندر به واهن ۽



ٻئراجن کي پڪو ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان سان هڪ ته سم ۽ ڪلر جو خاتمو اچي سگهي ٿو ان سان گڏوگڏ غير آباد زمينون به آباد ڪري سگهجن ٿيون. چاڪاڻ ته موسمياتي تبديلين جي ڪري هر ايندڙ سال پاڻيءَ جي ڪوٽ ۾ واڌ ٿيندي پئي وڃي، جنهن جو پورائو ڪرڻ لاءِ اسان کي تيزيءَ سان سائنسي طريقن طرف وڌڻو پوندو. موسمياتي تبديلين جي ڪري هن سال سنڌ جي زراعت 90 سيڪڙو تباهه ٿي وئي، جنهن جو مکيه ڪارڻ ايڏي وڏي مقدار ۾ صوبي اندر آيل ٻوڏ ۽ برسات جو پاڻي نيڪال ڪرڻ ۾ مشڪلاتون آيون. سنڌو درياهه جي گنجائش وڌائڻ لاءِ ڊرينيج جو هڪ جوڳو نظام آڻڻ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته سنڌو درياهه ۾ 6 لک ڪيوسڪ تائين پاڻي اچڻ ڪانپوءِ ڪيترائي علائقا ٻڏي وڃن ٿا. ان ڪانسواءِ شديد برساتن ۽ ٻوڏ جي صورتحال ۾ بلوچستان مان صوبي اندر داخل ٿيندڙ پاڻيءَ جي تيزيءَ سان سمنڊ ۾ ڇوڙ لاءِ به جوڳي منصوبابندي ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪو سنڌو درياهه جي ساڄي پاسي وارا علائقا ٻوڙي ويندو آهي. سنڌ هڪ زرعي خطو آهي جنهن ڪري زراعت جي تباهيءَ سان هر ماڻهوءَ جي معاشي زندگي تي تمام گهڻا اثر پون ٿا. جيڪو اسان موجوده برسات ۽ ٻوڏ واري صورتحال ۾ ڏٺو ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غربت جي شرح تيزيءَ سان وڌي 75 سيڪڙو تائين پهچي وئي. صوبي جي زراعت کي ٻيهر پيرن تي بيهارڻ، واهن، ٻئراجن کي پڪو ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌو درياهه کي هڪ مناسب ڊرينيج جو نظام ڏيڻ وقت جي ضرورت بڻجي چڪي آهي، جيئن ايندڙ وقت ۾ موسمياتي تبديلين توڙي شديد برساتن ۽ ٻوڏ واري صورتحال ۾ سنڌو کي ٻيهر ڪو وڏو معاشي نقصان برداشت نه ڪرڻو پئجي وڃي.

# ماحول ۾ گدلاڻ جا سبب گھٽائي سگھجن ٿا

رياض حسين مسڻ

ٻيلن جي ڪٽڻ جا وڏا سبب انهن جانورن جو ڦولڙيون يا چيٽا هجن ٿا جن ۾ انهن وڻن جو ٻج ٻه هجي ٿو. انهن ٻجن مان وري وڻ ڦٽي ٿا پون ۽ وڻن جي ڪٽڻ سان ٻيلا آباد ٿي ٿا پون، ۽ ٻيلن جي آباد ٿيڻ سان بارشن جو سلسلو وڌي ٿو ۽ پاڻي وڌي ٿو ۽ سڪڙو گھٽجي ٿو وڃي ۽ انهن علائقن جي ماڻهن، جانورن ۽ آبي حيات کي جيئڻ جو اتساھ ۽ آسرو ملي ٿو پئي، ان ڪري پاڻي جي اهڙي سائيڪل يا ڦيري کي ان صورت روڪيو ٿو وڃي جو جڏهن ڳن تي وينل پرڳٽا ان کي روڪي ٿا ويهن جو انهن جي ”ويسٽيڊ انٽريسٽ“ ۾ اهو ٻه آهي ته انهن جي زمينن کي ٻارنهن مهينا پاڻي ملندو رهي ۽ اهي ربيع توڙي خريف جا فصل اپائيندا رهن ۽ انهن جي خطي ۾ خوشحالي ايندي رهي يا اهي هر صورت جيئن، انهن جي پاڻي سان لاڳاپيل آبي جيوت جيئي، انهن جا جانور وڏن ويجهن ٿا، انهن وٽ وڻن جو ڦوٽهڙو وڌيڪ ٿئي ۽ باقي ٻيا پلي مرن، ان ڪري ڏسجي ته بارشن جو سلسلو جيترو ملڪ جي مٿئين حصي ۾ آهي اوترو ملڪ



جي هينئين حصي ۾ ناهي، مٿين علائقن ۾ بارشون وڌيڪ ٿين ٿيون ۽ اهي وڌيڪ سرسبز هجن ٿا انهن وٽ زمينن سُڪي نوٽ نہ ٿي ٿئي يا ڪنهن صورت سوڪهڙا نہ ٿا ٿين، اهي هڪ سال اندر زمينن مان ٽي ٽي فصل بہ وٺن ٿا ۽ اهي ملڪ جي ٻين صوبن ڪان وڌيڪ خوشحال رهن ٿا.

معيشت جي اصولن پٽاندر اهو بہ ضروري آهي تہ هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ڏنڌي روزگار سان لڳل هجي، پوءِ اهي صنعتي زون ۾ هجن يا زرعي زون ۾ هجن مثال جيئن پاڻي رستي جيڪي ماڻهو مڇي جي ڪاروبار سان سلهاڙيل آهن جيڪي مالوند ماڻهو جانور پالي روزگار ڪن ٿا پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالن ٿا يا اهي ماڻهوجن جي مال جا چارڻَ اهي ساوڪ وارا ميدان، جهنگ، وڻ ٽڻ ٿين ٿا انهن جي انهن سيني شين جو جيون دان تہ رڳو پاڻي آ ان ڪري ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نہ هوندو تہ اهي سڀ ماڻهو جيڪي ان مختلف طرحن جي صنعتن يا انڊسٽرين سان ڳنڍيل آهن، پوءِ اهي آباديون پاڻيءَ جي نہ هجڻ جي ڪري زندگي ڪيئن جيئن يا پوءِ اهڙي حالت ۾ ڪاڏي وڃن، ان ڪري جو پاڻيءَ جي اهڙي اوڻاٽ انهن ماڻهن کي انهن علائقن مان لڏپلاڻ تي مجبور ٿي ڪري تہ اهي اتان اٿي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ ويهن يا انهن مالوند ماڻهن جا جانور ۽ پکي بہ مري ٿا وڃن جيڪي انهن علائقن ۾ ان آسري ويهي ٿا رهن تہ سال جا ٻہ مهينا انهن جي ندين نالن ۾ پاڻي وهي تہ اهي ماڻهو روزگار يا ڏنڌا ڪرڻ جهڙا ٿين يا ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿئي ٿو جو جڏهن پاڻي ڪينالن ۽ دريائن جي صورت ۾ وهائي ٿا ڇڏن جنهن جي ڪري يا پاڻيءَ جي زور وارن وهڪرن جي ڪري ڪينالن جا ڪچا پڪا ڪپر ۽ بند ٽٽي پئجي ٿا پون جنهن جي ڪري پاڻي وري انهن جي ساليانِي فصل بہ ان اڻ منداڻتي "فليش فلڊ" ۽ بي سبب بارشن جي نذر ٿي ٿو وڃي، وري جنهن درد جو ڪو داد فرياد ئي نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ غريب ماڻهو ڪاڏي وڃي، يا اهي غريب آباديون پنهنجون زمنيون يا گهر گهاٽ ڇڏي ڪاڏي وڃن، ان ڪري وس وارن جو اولين فرض اهو بہ هجي ٿو اهي پاڻي جي ورڇ جا فارمولا طئي شده ڪوٽا ۽ ڪيوسڪ تي هلائن تہ جيئن مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي ۽ حڪومت انهن ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪري، انهن جي روزگار ۽ صحت يا بنيادي سهولتن جو خيال ڪري ۽ جيڪي ماڻهو انهن ٻوڏن يا سوڪهڙن جو شڪار ٿي ٿا وڃن انهن جي سرسنڀال لهي.

سستي بجلي پيدا ڪرڻ جا ٻيا بہ بهترين ۽ نوان ذريعا بہ ٿي سگهن ٿا رڳو هائيڊل پاور پروجيڪشن کي بجلي جي پيدا ڪرڻ جو بهانو نہ ٿو بڻائي سگهي، پر هڪ الميو اهو بہ آهي تہ شهري آبادي کي پاڻي رڳو انهن کي پنهنجن ٽنڪين ۾ کپي انهن کي ان ڳاله سان ڪو سروڪار ناهي تہ ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نہ هجڻ سان ماحول جي آلودگي وڌي ٿي، يا جنهن سان آبي حيات کي نقصان پڄي ٿو يا وڻ ٽڻ سڙي ٿا وڃن، جانورن جو چارو ممڪن نہ ٿو هجي يا ٻي وڏي ڳاله تہ سوڪهڙي جا انديشا وڌن ٿا ۽ بارشن جي گهٽائي ٿي ٿي پئي، يا شهري آبادي جي ڊي ميرٽ اها بہ آهي تہ گهٽي پاڳي شهري روڊ رستا ۽ گهٽيون بہ گاڏين سان پريون رهن ٿيون يا گهٽي ٽريفڪ بہ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ڪاربان جي گهٽائي جا سبب هجن ٿا جنهن سان ماحول ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو واڌرو ٿيندو رهي ٿو يا شهري آبادي ان ماحولياتي گدلاڻ ۾ وڏي حصيداري رکن ٿيون، يا ڪاربان پيدا ڪرڻ جا وڏا ذريعا گهرن جي "اي سين جا آئوٽر"، گهرن يا دوڪانن ۽ هوٽلن اندر هلندڙ فريزر ۽ فرجون، صنعتي علائقن ۾ لڳل وڏا وڏا مشيني يونٽ جيڪي "ٽَنَنَ" جي صورت ۾ هوا ۾ زهريلي گيس ڇڏيندا رهن ٿا يا اهي فيڪٽريون جيڪي زهريلو پاڻي زمين جي سطح تي ڇڏينديون رهن ٿيون يا اهي کهڙي بہ نموني سمنڊ جي سطح تائين يا نالن ندين ۾ ڇوڙ بہ ڪندا رهن ٿا ان ڪري ڳوناٽي آبادي سان گڏ شهري آبادي بہ ان ڳاله ڪان وانجهيل آهي تہ ماحول ۾ گدلاڻ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي يا موسمي خرابيون ڪيئن ٿين ٿيون يا اها بہ ڳاله ڳنڍيون تہ شهري آبادي ڪچري جي واڌري ۾ تمام گهٽي حصيداري بہ رکن ٿي، ان ڪري جو "ڪنزيومر" (شيون واپرائيندڙ) شهري آبادي وٽ گهٽا هجن ٿا، ان ڪري پاڻي جي اڻاٽ، ماحول جي گدلاڻ ۽ موسمياتي بدلاءَ ڪان اهي شهري ماڻهو گهٽو پري آهن جيڪي اي سي وارين گاڏين ۾ ويهي يا اي سي وارن ڪمرن ۾ ويهي انهن ماڻهن جو درد نہ ٿا سمجهي سگهن جيڪي هڪ ئي نالي مان يا هڪ ئي ندي مان پاڻ بہ پاڻي پيئندا هجن ۽ پنهنجن جانورن کي بہ پاڻي پياريندا هجن يا موسمياتي تبديلين جو شڪار ٿيندا هجن.

ڊائون اسٽريم پاڻي نہ ڇڏڻ جا نقصان بہ دنيا جي آلودگي ۾ ڪنٽريبيوٽ ڪرڻ جي مترادف آهن، يا جتي سڄي دنيا ڊيم ڊاهڻ جي چڪر ۾ لڳي پئي آ پر اسان پاڻي رنڊائي ملڪي زراعت کي نقصان پنهنجي جاءِ پر ماحولياتي آلودگيءَ ۾ رهندو

اضافو پيا ڪيون. ان ڏس ۾ آمريڪا جهڙي ملڪ 2020 ۾ 69 ڊيم ڊاهي پٽ ڪري پاڻي جو چوڙ درياڻ ۽ واهڻن جي ذريعي سمنڊ تائين پچايو ته جيئن آبي حيات کي جياري سگهجي، حيرت ان ڳاله تي به آهي ته جڏهن 1912 کان وٺي آمريڪا 1797 ڊيم ڊهي چڪو آهن ۽ انهن ڊيمن ڊاهڻ ۾ دنيا جا ٻيا ملڪ به ڳڻتي سگهجن ٿا جيڪي 5000 کان مٿي ڊيم ڊاهي چڪا آهن جنهن ۾ فرانس، اسپين، يونائيٽيڊ ڪنگ ڊم ۽ يورپ جا ٻيا ملڪ به جيڪي پڻ ڊيم ڊاهي پاڻيءَ کي ڊائون اسٽريم چوڙ ڪرائيندا رهن ٿا ته جيئن وڻن جي ڦٽڻ جو سبب بڻائجي، وڻ پوکي سگهجن، آڪسيجن وڌائي سگهجي، هوا کي صاف سٿرو ڪري سگهجي، ماحول اندر ڊي ڪاربائيزيشن جي عمل ۾ تيزي آڻي سگهجي ته جيئن ماڻهن سان گڏ جانور، آبي حيات ۽ وڻ ٽڻ، جهنگ ٻيلا به جياري سگهجن.



جديد تحقيقن ۾ سائنسدانن ڊيمن جي ڊاهڻ کي ماحول جي لاءِ بهتر قرار ڏنو آهي ۽ اهڙي طريقي دنيا جا ترقي يافتا ملڪ به انهن ڊيمن کي ڊاهڻ جي پريڪٽس ۾ رڌل آهن يا ڪجه ملڪن ۾ 1960 تائين ڊيمن اڏڻ جي پريڪٽس هئي (جيڪا هاڻي ناهي) يا آمريڪا 1912 کان وٺي ڊيمن جي حق ۾ ناهي چو ته ماحول ۾ ڊيمن جي ڪري وڏا نقصان ٿين ٿا جن ۾ گهڻي پاڻيءَ جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ جي ڪري ڪاربان ڊاءِ آ ڪسائيڊ ۽ گهڻي مقدار ۾ ميٿين گئس پيدا ٿيندي رهي ٿي جيڪي ماحول جي لاءِ نقصانڪار آهن ۽ ٻيو ته پاڻي جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ ۽ سال جو رڳو ٻه مهينا هيٺ چوڙ ڪرڻ به جنگلي جيوت، آبي جيوت، يا جانور جيڪي ميداني علائقن ۾ ساوڪ، گاهه ۽ چارَنَ تي پلجن ٿا اهي پوءِ پاڻي جي نه هجڻ جي ڪري اجل جو شڪار ٿين ٿا. پراڻن دورن ۾ يا اوائلي وقتن ۾ دريائن جي پاڻي کي ڪنٽرول ڪرڻ مشڪل هوندو هيو جو جڏهن برف جبلن تان ڳري لهندي هئي ته اها جابلو علائقن کان وٺي ميداني علائقن تائين تباهي مچائيندي هئي جنهن جي ڪري اهي بند (ڊيم) ٻڌي پاڻي کي ڪنٽرول ڪندا هيا ته جيئن ان پاڻي کي آهستي آهستي استعمال ۾ آڻي سگهجي ۽ ساڳي جاءِ تي ان بيٺل پاڻيءَ مان بجلي به پيدا ڪري سگهجي (جيڪا گهڻي ڀاڱي سستي پوندي هئي يا آهي) پر وقت سر اهي سڀ تجربا يا ڪاريگريون ڪنهن ڪم جون نه رهيون آهن ۽ هلي هلي اهي ترڪيبون به بيڪار ثابت ٿيون آهن. ان ڪري جو بجلي ته ٻين ذريعن سان به پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ ڊيمن جي ذريعي پاڻي روڪڻ يا بندن ٻڌڻ سان جيڪي آبي جيوت، جنگلي جيوت ۽ مالوند ماڻهن جا نقصان ٿين انهن جو ازالو مشڪل آ. ان ڪري ان سان هڪ کان وڌيڪ صنعتن کي نقصان پهچي ٿو جنهن جي ڪري وري به معيشت جو ٻيڙو ٻڏي ٿو جنهن جي ڪري آخر وري به نقصان ته انهن ماڻهن جو ٿو ٿئي جيڪي انهن صنعتن يا علائقن سان واڳيل هجن ٿا، چو ته پاڻيءَ جي وافر مقدار ۾ هجڻ سان آبي جيوت ۽ جنگلي جيوت سان گڏ گهريلو جانور به وڌن ويجهن ٿا ۽ پاڻي جي جهجهي انداز ۾ وهي اچڻ سان ٻيلا به آباد ٿين ٿا جن سان بارشن جي گهٽائي ٿي سگهي ٿي جنهن سان وڻن جو ڦوٽهڙو ۽ ساوڪ وڌي ٿي، گرمي جو پد گهٽجي ٿو ماحول ۾ آڪسيجن جي گهٽائي ٽئي ٿي، ڊي ڪاربانائيزيشن ۾ مدد ملي ٿي، ۽ نتيجي ۾ اهي سڀ صنعتون به بحال ڪري سگهجن ٿيون جيڪي ان پاڻي جي اٽاٽ جي ڪري متاثر ٿين ٿيون.


# سنڌي ٻوليءَ جي
# پرائمري درسي ڪتابن جو تنقيدي جائزو

علي محمد سومرو

ڪوبہ ٻارُ جڏهن دنيا ۾ اچي ٿو تہ سندس ذهن بلڪل ڪوري ڪاغذ وانگر هجي ٿو هو ٽِجُ پيئڻ ۽ ٻنڌڻن ڪان وٺي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ گهرجي ڀين ڀاتين جي ٻولي ٻڌي اهي لفظ پنهنجي ذهن تي نقش ڪندو وڃي ٿو ۽ پوءِ اڳتي هلي هو آهستي آهستي پهرين ٻاتا ۽ پوءِ مڪمل لفظ اچارڻ سکي ٿو.

ٻار جيڪو گهر ۾ پنهنجي امڙ جي واتان ٻولي سکي ٿو ان کي ئي مادري ٻولي چئجي ٿو ان ڪري چيو ويندو آهي تہ ٻار جو پهريون مڪتب ان جي ماءُ هوندي آهي جيڪا کيس عام زندگيءَ ۾ هلت چلت دوران ڪتب ايندڙ ٻوليءَ کان روشناس ڪرائي ٿي، جنهن کان پوءِ هو گهر جي ڀين ڀاتين، مٽن مائٽن ۽ پاڙي اوڙي وارن ٻاران استعمال ٿيندڙ ٻولي کي بہ پنهنجي ذهن تي نقش ڪندو رهي ٿو.

هو جڏهن ٿورو وڏڙو ٿئي ٿو تہ دنياداري جي علمن کان واقفيت ڏيڻ لاءِ کيس اسڪول ۾ ويهاريو وڃي ٿو جتي درسي ڪتابن جي مدد سان استاد سندس ذهني نشوونما ڪن ٿا. ٻارَ جي اها عمر اهڙي هجي ٿي جنهن ۾ کيس جيڪو ڪجهہ پڙهايو يا سيکاريو وڃي ٿو هو ان کي ئي حرفِ آخر سمجهي پنهنجي ذهن جي ڪنڊ ۾ اهڙو ويهاري ڇڏي ٿو جو غلطي سان بہ کيس ڪنهن شيءِ بابت ڪا غلط معلومات ڏني وڃي تہ هو ان کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ ماءُ توڙي ڀين وڏڙن سان بہ وچڙي پوي ٿو. کيس اهو بہ يقين هجي ٿو تہ سندس استاد کيس جيڪو پڙهائي ٿو اهو ڪڏهن بہ غلط نہ ٿو ٿي سگهي.




ان مان اهو ثابت آهي تہ پهرين کان پنجين درجي تائين تعليم ۽ سکيا واري ان عرصي ۾ ٻار بلڪل ڪورو هجي ٿو جنهن کي جيڪا واٽَ استاد وٺائي ٿو هو ان تي ئي هلي پوي ٿو ۽ استادُ ٻارن کي درسي ڪتابن جي مدد سان ئي اها واٽَ وٺرائي ٿو هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ اسان جا اهي درسي ڪتابَ آئيندي جي اڏڻهارن جي ذهني اوسر ۾ ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار ادا

ڪن ٿا؟

مان اڄوڪي هن مقالي ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پاران ڇپايل سنڌي ٻوليءَ جي ٻهرين ڪان پنجين درجي تائين جي درسي ڪتابن تي هڪ تنقيدي نظر وجهندس.

جيئن ته مان مٿي اهو چئي چڪو آهيان ته ٻارن جي ذهني اوسر ۽ نشوونما ۾ گهر ڪان پوءِ اسڪول جو وڏو بلڪ تمام وڏو ڪردار آهي. ان ڪري سپ ڪان پهرين ٻارَ کي پڙهائيندڙ پنهنجي ٻوليءَ جو نصاب اهڙو هجڻ گهرجي، جيڪو سڪڻو ڪتابي صورت ۾ نه هجي پر ان ڪتاب کي ٻار جي عمر جي حوالي سان ان جي نفسيات ۽ ان جي دلچسپيءَ کي آڏو رکندي مرتب ڪيو ويو هجي.

سپ ڪان پهرين ٻار جي هٿ ۾ جيڪو ڪتاب اچي ٿو ان ڪتاب جو ٽائيٽل ايڏو سهڻو ۽ ٻار جي دلچسپيءَ وٽان هجي، جو ٻار خوشيءَ سان ان ڪتاب کي نه رڳو پنهنجي هٿن ۾ وٺي پر هو ان ئي دلچسپي منجهان ان کي کوليندو رهي ۽ پنهنجي مَن موجب تصويري سبق ڏسندو ۽ استاد جي مدد سان هيٺين سان هنداٿيندو وڃي.

ان ڏس ۾ جڏهن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا ٻهرين ڪان پنجين درجي جا ڪتاب ڪٺي ڏسجن ٿا ته اسان کي انهن سيني ڪتابن جا ٽائيٽل ڇَسا، بي جان ۽ هڪجهڙا محسوس ٿين ٿا، جن ۾ رڳو وڻ ٻوٽا، گُونن جا ساڳيا ساڳيا منظر ۽ هر ٽائيٽل ۾ هڪجهڙن ٻارن کي اسڪول ويندي يا اسڪول ڪان موٽندي ڏيکاريو ويو آهي.

ان ڪانسواءِ ڪتابن جي ٽائيٽل پيج جو پنو انهن جون الستريشنز ٽري ڊي ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس آرٽ واري دور ۾ نهايت ئي هلڪيون ۽ جديد فني ۽ تخليقي آرٽ ڪان وانجهيل لڳن ٿيون جن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جو ڪو به هڪڙو عنصر نظر ڪونه ٿو اچي.

ائين ڪونهي ته سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وارن وٽ ڪي گرافڪ ڊزائينر ۽ ڊجيٽل آرٽ جا ماهر ۽ الستريٽر موجود ناهن يا وري انهن وٽ بجيٽ جي ڪا کوٽ هوندي، پر منهنجي خيال ۾ اصل مسئلو ذميوار ماڻهن ۾ ذميواريءَ جي احساس جي کوٽ ۽ اٽهوند جو آهي. جنهن ڪري انهن ڪتابن جي ٽائيٽل ڊزائين ڪرڻ ۽ انهن جي پني جي معيار، ڪوالٽي ۽ ٻارن جي ذهني اوسر ۽ دلچسپي کي سامهون نه رکندي انهن ۾ اهي دلچسپي وارا عنصر نه ٿا هجن، جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته ٻار ان ڪتاب کي هڪ عام ڪتاب سمجهي ان ۾ ڪنهن به قسم جي دلچسپي يا خوشي نه ٿا ڏيکارين جيڪا سندن سکيا ۾ پهرين رڪاوٽ آهي.

ان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي سولي سنڌي جي پهرين ڪان انين درجي تائين جي ڪتابن کي ڪٺي ڏسبو ته انهن جا ٽائيٽل ئي ٻارڙن جي مُنهن تي مُرڪ ۽ خوشي آڻي ٿا ڇڏين ۽ هو چاهين ٿا ته اهو ڪتاب سندن هٿڙن ۾ هجي ۽ هو ور ور ڪري ان کي پيا ڏسن ۽ ساهه ۾ سانڍين.

هاڻي اچون ٿا سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ پاران ٻهرئين ڪان پنجين درجي جي ٻارن لاءِ ڇپايل ڪتابن ڏانهن، جن ۾ خاص ڪري نظم واري حصي ۾ اڄ به اڪثر هڪ صدي اڳ جي شاعرن جي شاعري شامل آهي، جنهن ۾ ان دور ۽ وقت جي حوالي سان شين ۽ منظرن جي عڪاسي ٿيل آهي، جيئن "واهه ڙي تارا گول تارا"، "جو ڪير پيئي سو ويرُ ٿئي"، "منڙا گهوڙا اوري آءِ"، "آءِ ته لاٽونئڙو قيرايون"، "ڏيئو" ۽ "نظارا وطن جا" وغيره جهڙا نظم آهن. جن جي شاعري اڄ ڪان هڪ صدي اڳ واري معاشري ۽ ماحول سان ٺهڪندڙ ضرور آهي پر انهن نظمن ۽ گيتن جي شاعري جو اڄوڪي دور ۽ ان جي ايندڙ نسل سان ڪو به ڳانڍاپو نظر ڪونه پيو اچي. نه ئي ان شاعري ۾ ايندڙ نسل جي رهنمائي، رهبري يا وري انهن جي لاءِ سائنسي بنيادن تي ڪو سنيهو ڏنل آهي. انهن نظمن جي جاءِ تي اڄوڪي ۽ ايندڙ دور جي حوالي سان ٻارن ۾ آگاهي ڏيڻ ۽ انهن کي نوان نوان جهان ڏيکارڻ لاءِ ڪي دلچسپ ۽ وڻندڙ گيت ترتيب ڏيڻ ۽ شامل ڪرڻ جي انتهائي سخت ضرورت آهي.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پهرين ڪان پنجين درجي جي ڪتابن ۾ شامل اهي نظم اسان اڄ ڪان پنجاهه سال پهرين پڙهي آيا آهيون. اسان ڪان پنجاهه سال اڳ وارن شاگردن به اهي ساڳيا نظم پڙهيا ۽ وري موجوده دور جو شاگرد به اهي ئي نظم پڙهي رهيو آهي. هتي سوال اهو به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا اسان وٽ سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ شاعري سرجڻ بند ٿي وئي آهي يا وري هن دور ۾ اهڙا شاعر پيدا ڪونه پيا ٿين جيڪي ٻاراڻا نظم يا گيت لکن يا وري انهن جي نظمن ۾ اهي شاعراڻيون خوبيون هجن يا انهن ۾ اهڙي لئِ، ردم يا ترنم به هجي جو ٻارَ انهن مان مزو وٺي سگهن. ان جو نندڙو جواب




اهو آهي تہ سنڌي ادب ۾ اڄ تائين هر دور ۾ ٻارڙن لاءِ شاعري مسلسل سرجي رهي آهي، موجوده دور ۾ بہ ادل سومرو، اياز گل، مختيار ملڪ، ڊاڪٽر ذوالفقارسيال، ياسر قاضي جهڙا ڪوڙنا ليوارا ۽ سيبتا شاعر آهن جن ٻارڙن جي شاعري جا ڪيترائي معياري ڪتاب ڏنا آهن، آخر اهڙن شاعرن جي شاعري کي ڀرپور نموني سان نصاب ۾ شامل ڪري نواڻ پيدا ڇونہ ٿي ڪئي وڃي . انهن ئي شاعرن کان ٻارڙن جي نفسيات ۽ انهن جي دلچسپي موجب شاعراڻا اسم ڇونہ ٿا لکرايا وڃن جيڪي اڄوڪي دور جي ٻارجي ذهني سطح موجب هجن ۽ اهو ٻار انهن ۾ ڀرپور دلچسپي رکندو هجي.

ان کان پوءِ اچون ٿا پهرين کان پنجين درجي تائين جي سنڌي ٻولي جي ڪتابن ۾ شامل سبقن ڏانهن. ان سلسلي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڪتابن ۾ سبقن جي ورڇ ساڳئي پيرائي ۾ رکي وئي آهي. پاڻ جڏهن پهرين درجي جو ڪتاب ڏسون ٿا تہ ان جو پهريون سبق حمد ملي ٿو جنهن ۾ ڏٺي سڳوري جي ساراهہَ آهي، ٻيو سبق آهي الله سائين، جنهن ۾ اسان جي پالڻهار بابت ٻڌايو ويو آهي تہ اهو هڪ آهي، ان جو ڪو مٽ نہ آهي وغيره، وري ٽيون سبق آهي اسان جو نبي سڳورو، جنهن ۾ اسان جي نبي سڳوري جي زندگي ۽ سيرت بابت ٻڌايو ويو آهي ۽ وري چوٿون سبق نعت آهي، پيارو نبي اسان جو. هن ۾ بہ نبي سڳوري جي ساراهہ بيان ڪئي وئي آهي ۽ وري ڀاويهون سبق دعا آهي، جنهن ۾ بہ الله سائين کان دعا گهري وئي تہ شال مان سنئين واٽ تي هلان. اهڙيءَ ريت خالص سنڌي ٻولي بابت پڙهائجندڙ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪتابن ۾ ساڳيو ئي سبقن جو پيٽرن رکيو ويو آهي .

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هڪ مسلمان جي حيثيت سان ۽ هڪ مسلمان رياست جي رهاڪو هجڻ جي حيثيت ۾ اسان تي اهو فرض آهي تہ هڪ الله، هڪ

رسول ۽ ان جي ھدايل واٽ تي عمل ڪريون ۽ ان جي پوئيواري ڪريون پر ان سان گڏ ٻار جي ذهني سطح پٽاندڙ سنڌ، سنڌي ٻولي، ان جي ماحول، ان بابت سکيا ۽ ان جي واڌ ويجهه وارن ذريعن ۽ انهن جي حوالي سان ٻيا سبق به شامل ڪرڻ گهرجن. اسان کي پنهنجي ٻولي جي خدمت ڪندڙ ٻولي جي خيرخواهن، اديبن، شاعرن،ليکڪن، ٻولي جي ماهرن بابت وڌيڪ ٻارن کي ٻڌائڻ گهرجي، نه ڪي ٻارن جي ذهني سطح کان مٿانهن ۽ ماحول کان اڻ لاڳاپيل مضمونن کي هنن ڪتابن ۾شامل ڪيو وڃي.

ڪتاب ترتيب ڏيڻ وقت اهو خيال رکڻ به نهايت ضروري آهي ته ٻولي پڙهڻ وارا رڳو مسلمان نه پر ٻين مذهبن وارا جيئن هندو، سک، عيسائي به ٿي سگهن ٿا. ان ڪري آئين ۾ شامل مذهبي آزادي ۽ رواداري واري نظريي کي آڏو رکندي اسان کي انهن جو به خيال رکندي ٻوليءَ جي باري ۾ سبق شامل ڪرڻ گهرجن.

سنڌي ٻولي جي ڪتابن ۾ ٻارن کي جنگ جدل جون ڪهاڻيون ۽ قصا به پڙهايا ٿا وڃن جن سان ننڍپڻ ۾ ئي انهن جي ذهنن ۾ وڙهڻ، مختلف هٿيارن جي استعمال ۽ خوف واري ڪيفيت گهر ڪري وڃي ٿي، جنگين ۾ هڪ ٻئي جا سِر وڍڻ، هڪ ٻئي کي قيد ڪرڻ، ٻين مذهبن جي ماڻهن تي فوقيت واري سوچ به ٻار کي ناڪاري ٻڌائي ٿي، اڳتي هلي هو پاڻ کي ٻين مذهبن جي ماڻهن کان هرو ڀرو به هر معاملي ۾ اتم سمجهي ۽ اهڙو ورتاءُ ڪري ٿو . اهڙو ئي هڪڙو مثال پنجين ڪتاب جي ٻاويهين سبق ۾ شهري رضاڪار جو آهي جنهن ۾ شروعات ئي اهڙي نموني ڪئي وئي آهي ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي ڪم جو اجورو گهرندا آهن پر شهري رضاڪار اجورو نه گهرندو آهي، جڏهن جنگ لڳندي آهي ته هي رضاڪار زخمين کي ڪٽي اسپتال پهچائيندا آهن وغيره وغيره.

هتي رضاڪار جو ذڪر رڳو جنگ جي حوالي سان ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ سبق ۾ ٻارن کي جنگ جي پوائتي خيال کان ڇو ٿو متعارف ڪرايو وڃي؟ رضاڪار رستي ويندي ڪنهن واٽهڙو کي رستو به پار ڪرائي سگهي ٿو هو اهڙا نيڪي جا ٻيا ڪم به ڪري سگهي ٿو جيڪي ٻارن لاءِ سماج ۾ اجتماعي طور ڪو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ واسطي اتساهه ۽ رهنمائيءَ جو سبب بڻجن. ٻارن کي ان اجوري ۽ لالچن ۾ وجهي هڪ سنو انسان نه ٿو بڻائي سگهجي، ٻارن ۾پنهنجي مٽن مائٽن، دوستن، پاڙيوارن ۽ پنهنجي مذهب جي ماڻهن سميت هر رنگ، نسل ۽ مذهب جي ماڻهن جي بنا لالچ ۽ لوڀ جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي تربيت، سکيا ۽ سبق ڏيڻ ضروري آهي. اسان سيني کان بهتر آهيون، هندو گهٽ آهن، عيسائي گهٽ آهن، اهڙي قسم جا سبق ٻارن ۾ ننڍپڻ ۾ ئي انفرادي برتري واري سوچ کي جنم ڏين ٿا جيڪو ڪنهن به ريت نامناسب آهي .

سنڌي ٻولي جي ڪتابن ۾ نيڪي يا ڀلائي جو ڪو سبق هجي ٿو ته ان ۾ مذهبي رنگ ضرور ڏنو وڃي ٿو يعني جيڪڏهن نيڪي ڪنداسين ته اسان کي جنت ملندي وغيره، گناهه ڪنداسين ته دوزخ ملندو . ننڍڙن ٻارن کي جنت ۽ دوزخ واري لالچ ۽ خوف کان آجو رکي سکيا ڏني وڃي ، هنن کي ڪو به نيڪي ۽ ڀلائي جو ڪم بنا ڪنهن اجوري جي ڪرڻ لاءِ سيکاريو وڃي ته جيئن هو زندگي ۾ ڪڏهن به اهڙو ڪم ڪنهن لالچ يا ڊپ کان نه پر پنهنجي اندر جي انسان کي خوش رکڻ لاءِ ڪري سگهن .

ٻارن کي ننڍڙي عمر ۾ بيمارين ۽ ويڙهه جهيڙي جي ڳالهين ۽ قصن کان پري رکڻ ئي انهن لاءِ صحت مند ثابت ٿيندو ، انهن کي صحتمند سماجي سرگرمين، صحتمند ۽ تعميري سوچ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ انهن ۾ همت، حوصلي ۽ ڪجهه ڪرڻ جي صلاحيت اجاگر ڪرڻ ۾ مددگار مواد ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي .ٻارن کي سدائين گڏيل سوچ رکڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ سبق شامل هئڻ گهرجن، ڪين انفراديت جو شڪار ٿيڻ جي ڪنهن به ريت تربيت نه ڪئي وڃڻ گهرجي.

ٻارن لاءِ نصابي ڪتاب ترتيب ڏيڻ لاءِ رڳو اوائلي دور جي گذاري ويل ليکڪن جا مضمون شامل ڪرڻ ڪافي ناهن بلڪ ان سلسلي ۾ نئين دور جي نئين سوچ رکندڙ نصاب جي ماهرن کان اهي ڪتاب ترتيب ڏياريا وڃن جن ۾ ٻارن جي نفسيات، انهن جي دلچسپين ۽ انهن جي ذهني اوسر کي آڏو رکي انهن لاءِ کي نوان، جاندار ۽ دلچسپ سبق تيار ڪرايا وڃن جن ۾ آرٽ، موسيقي، فلم، ڊرامي، آرٽيفيشل انٽيليجنس، گرافڪ ڊزائين، اينيميشن سميت ٻيا ڪيترائي دلچسپ موضوع ٿي سگهن ٿا. جن سان اڄ جي ٻار جو چوويهه ئي ڪلاڪ واسطو هجي ٿو.

اڄ جي دور جو ٻار بنيادي طور تي



ٽيڪنالاجي دور جو ٻار آهي، جيڪو ڄمندي ئي موبائيل فون، ليپ ٽاپ سميت جديد ٽيڪنالوجي کان روشناس ٿئي ٿو. ان ڪري اڄ جي دور جي ٻار لاءِ نصاب تيار ڪرڻ وقت انهن ڳالهين جو خاص خيال رکي ان سطح جا سبق ۽ نظم نصاب ۾ شامل ڪيا وڃن. جيئن سنڌي جي پنجين ڪتاب جو 23 هون سبق آهي ڏنڌن جي اهميت جنهن ۾ لوهارڪي،واڍڪي، ڪنڀارڪي، سونارڪي، هاربي ۽ ڪورڪي ڏنڌي جو ذڪر ڪيل آهي، انهن مان ڪن جو تہ هن وقت وجود ئي ناهي جيئن ڪورڪو يا ڪنڀارڪو ڪم يا هنرجيڪو اڻ لڀ ٿيندو پيو وڃي، هتي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان ٻارن کي اڄوڪي دور جي حساب سان ڏنڌن ۽ ڪاروبارن بابت ڄاڻ ڏيون، جيئن موبائل ٽيڪنيشن، مڪينڪ، اليڪٽريشن،پلمبر، اي سي، فرج ٽيڪنيشن وغيره آهي، تہ جيئن اهي اڳتي هلي انهن جي عملي زندگي ۾ بہ انهن جي ڪم اچي سگهن. ٻارن کي محنت جي بنياد تي سماج ۾ اڳتي وڌڻ ۽ ڪاروبار جي ميدان ۾ گهٽي ڪان گهڻو بهرو وٺڻ لاءِ تعليمي نصاب ۾ اهڙا سبق شامل ڪرڻ گهرجن جن سان هو ڪاروبار جي اهميت کي سمجهن ۽ پنهنجي لاءِ نوڪري کان وڌيڪ ڪاروبار ۽ هنر کي اهميت ڏيڻ لڳن.

جيتوڻيڪ جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري اڄ جو ٻار گهڻوئي اڳتي سوچي ٿو پر اسان وٽ اڃان بہ ديوَ پرين ۽ شهزادين جي آکاڻين وسيلي انهن کي سبق ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي جڏهن تہ اڄ جو ٻار اينڊرائيڊ موبائيل، ٽيبليٽ ۽ ليپ ٽاپ تي جديد ترين ٽيڪنالوجي تي ٻڌل وڊيو اسٽوريز ڏسي ٿو ۽ ان کي ان نئين ٽيڪنالاجي جي مدد سان ئي ان بابت سبق شامل ڪري بهتر نموني سان سيکاري سگهجي ٿو. اسان پراڻن، قصن، ديوَ پرين جي آکاڻين بدران اڄوڪي دور جي جيئرن جاڳندن ڪردارن جا مثال ڏئي اخلاقي قدرن جي اهميت ٻارن کي سمجهائي ۽ انهن کي اهي وڊيو يا تصويري صورت ۾ ڏيکاري عملي طور تي ڪين پاڻ پرو ڪرڻ ۽ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪري سگهون ٿا ۽ اهڙي طريقي سان ئي اسان پنهنجي نصاب کي بهتر ڪري پنهنجي موجوده ۽ ايندڙ نسل کي نئين دنيا سان گڏ گڏ هلڻ ۾ انهن جي مدد ڪري سگهون ٿا.

پنهنجي مقالي جي آخر ۾ آءُ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي اعليٰ اختيارين کي اها صلاح ضرور ڏيندس تہ هن تاريخي اداري کي وري نئين سر جيئاري، ان ۾ نئون روح ڦوڪي، نئين رتُ ۽ نئون جذبو رکندڙن نئين اديبن ۽ لکارين کي شامل ڪري پراڻن ۽ ليجنڊري اديبن، ٻولي جي ماهرن، نفسيات ۽ آرٽ جي ماهرن جي مدد سان نصاب جي ڪتابن کي نئين دور جي حساب سان ترتيب ڏنو وڃي، ان ۾ موجود پراڻن سبقن جي جاءِ تي نوان سبق ۽ نوان نظم شامل ڪري انهن جي ٽائيٽل سميت اندرين صفحن جي اسڪيچز ۽ السٽريشن تي ڀرپور ڌيان ڏئي انهن کي نئون روپ ڏئي آندو وڃي تہ جيئن لڳي تہ اسان واقعي اڄ بہ پنهنجي ٻولي ۽ ان ۾ پڙهائجندڙ نصاب سان پيار ڪريون ٿا، اسان پنهنجي آئيندي کان گهڻو آگاهہ آهيون، اسان اڄ بہ ان لاءِ لوچيون ٿا، ان کي بهتر کان بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

# سنڌي ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ ثقافت ۽ سياحت کاتو سرگرم عمل

غلام عباس

ثقافت کاتو سنڌ جي وڏن شهرن ۾ پنهنجن (12) پبلڪ لائبريرين ذريعي ادبي سرگرمين ۾ سهڪار ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ٻيا ٻه ڪيترائي منصوبا جاري آهن. گڏيل نصابي سرگرمين (پڙهڻ ۽ تعليمي) کان علاوه لائبريريون ثقافتي مرڪز طور ڪم ڪن ٿيون، جتي باقاعدي گڏيل نصابي، غير نصابي ۽ ثقافتي سرگرميون آڊيٽوريم يا موجود هالن ۾ منعقد ڪيون وڃن ٿيون. ثقافت کاتو ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ مسلسل سرگرم آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي صوفين جي درگاهن تي ٿيندڙ علمي ۽ فڪري ادبي ڪانفرنسن سميت شعبي جي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ عالمن، دانشورن، اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجا تحقيقي مقالا ۽ شاعري پڙهڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي.

سنڌي ثقافتي ڏهاڙو هڪ مشهور سنڌي ثقافتي ميلو آهي، جنهن کي "ايڪتا جو ڏينهن" يا (اتحاد جو ڏهاڙو) به چيو ويندو آهي.هي ڏينهن سنڌ جي صدين پراڻي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ روايتي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي. هي ڏينهن سڄي سنڌ ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين ۾ ملهايو ويندو آهي. سنڌي هي ڏينهن ملهائيندا آهن ته جيئن سنڌي ثقافت جي پرامن تشخص کي اجاگر ڪري ۽ دنيا جو ڌيان پنهنجي شاهوڪار ورثي ڏانهن ڇڪايو وڃي.

ان موقعي تي سنڌ جي سمورن وڏن ننڍن شهرن ۾ پريس ڪلبن ۽ ٻين هنڌن تي ماڻهو گڏ ٿي مختلف سرگرميون منعقد ڪندا آهن جن ۾ ادبي (شاعري) گڏجاڻيون، مچ ڪچهري (هڪڙي جاءِ تي گڏ ٿيڻ ۽ وچ ۾ ڪاٺين جي باهه جي چوڌاري گول دائري ۾ ويهڻ)، موسيقي جون محفلون، سيمينار، ليڪچر پروگرام ۽ ريليون ڪڍندا آهن.





ثقافت کاتي پاران صوبي جي سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرن شهرن تائين پبلڪ لائبريرين جي نيٽ ورڪ کي وسيع ڪرڻ جي منصوبن تي ڪم ڪيو پيو وڃي، سنڌ جي ثقافت، ورثو تاريخ ۽ ٻولي هميشه سنڌ جي عوام کي پياري رهي آهي. صوبي جي عوام جي اميدن ۽ سنڌ جي ثقافتي ورثي جي حفاظت لاءِ 1976ع ۾ تعليم کاتي ۾ ”ڪلچر سيل“ قائم ڪيو ويو.ان کي 1988ع ۾ کاتي جو درجو ڏنو ويو. گهڻو پوءِ اهو ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر، سياحت، اسپورٽس، يوٿ افيئرس اينڊ سوشل ويلفيئر جي نالي سان قائم ڪيو ويو. بعد ۾ اهو ” ثقافت ۽ سياحت کاتي“ جي ماتحت رهيو.جڏهن ته 2009ع ۾ اهو کاتو ” ثقافت کاتي“ ۽ ” سياحت کاتي“ ۾ ورهائجي ويو.

آثار قديمه جي ماڳن، يادگارن ۽ عجائب گهرن جو تحفظ هڪ مشڪل ڪم آهي. تنهن هوندي به ان سلسلي ۾ وڏي پيماني تي ڪم ڪيو پيو وڃي، جيڪو سنڌ صوبي جي ماڻهن جي اميدن تي پورو لهندي، مقامي توڙي عالمي ماهرن، ۽ آرڪيالاجسٽن جي اميدن تي پورو لهندو. صوبائي پي ايس ڊي پي ۽ صوبائي حڪومت پاران مختص ڪيل فنڊن ۾ ڪجهه ترقياتي اسڪيمون شامل ڪيون ويون آهن. ثقافتي ورثو (تحفظ) ايڪٽ 1994 تحت صوبي جي ورثي وارين عمارتن کي ريگيوليٽري حڪومت طرفان تحفظ حاصل آهي. ايڪٽ تحت ثقافتي ورثي لسٽنگ جا سمورا معاملا سنڀالڻ لاءِ ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ هيريٽيج سيل قائم ڪيو ويو آهي.

ثقافت کاتي جي ڪوشش ۾ ضرورتمند اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن لاءِ ”انڊومينٽ فنڊ“ جو قيام به شامل آهي، ثقافت کاتو هميشه سنڌ جي ثقافتي ورثي کي پاڪستان توڙي پرڏيهه ۾ پروموٽ ڪندو رهيو آهي. عوامي لائبرريءَ جي قيام ۽ سار سنڀال، ڪتابن جي اشاعت ۽ عالمن ۽ دانشورن جي سرپرستيءَ ذريعي ادبي سرگرمين ۾ مدد ڪندو آهي. تاريخي ورثي عمارتن جي حفاظت ڪرڻ ۾ شامل آهي. ورثي عمارتن جي تحفظ کي منظم ڪري ٿو ۽ سنڌ جي دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي ڀلائي لاءِ ڪوششون ڪري ٿو. ڊپارٽمينٽ پنهنجي مٿين مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ چڱي طرح مناسب وسيلا رکي ٿو.

ثقافتي سرگرمين ۽ فنڪشنن ذريعي سنڌ جي ثقافتي ورثي جي واڌاري لاءِ،

ثقافتي ڪمپليڪس، اوپن ايئر ٿيئٽر، آڊيٽوريم، اسٽوڊيو آرٽس ڪائونسل وغيره قائم ٿيل آهن سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران دانشورن ۽ عوامي هيروز جي ڀلائي لاءِ هڪ ترقياتي اسڪيم ذريعي ضرورتمند اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن لاءِ انڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو ويو آهي. ان فنڊ جو انتظام هڪ مئنيجمينٽ بورڊ ڪندو آهي، جنهن جي سربراهي صوبائي وزير، ڊپارٽمينٽ سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر جنرل آف ڪلچر ڪندو آهي، جنهن ۾ 9 ٻيا ميمبر پرائيويٽ سيڪٽر جا هوندا آهن. جن ۾ نامور عالم، شاعر ۽ فنڪار به شامل آهن. بورڊ عام طور تي درخواست ڪندڙ جي سند جي تصديق ڪري ٿو ۽ انهن جي حقيقي ضرورت جو جائزو وٺندو آهي. پاليسي جي لحاظ کان اوليت بيمار درخواست ڏيندڙن کي ڏني ويندي آهي ۽ طبي امداد لاءِ مالي امداد جاري ڪئي ويندي آهي.انڊوومينٽ فنڊ جا فارم ويب سائيٽ تي ۽ ثقافت کاتي جي تحت ڪم ڪندڙ هيٺين ادارن تي موجود آهن، جن ۾ ڊائريڪٽر جنرل آف ڪلچر ڪراچي شامل آهن. مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد، شمس العلماءَ دائود پوٽا لائبريري، حيدرآباد، گورنمينٽ پبلڪ لائبريري، ميرپورخاص، سچل سرمست لائبريري، خيرپور، آفيس ڊپٽي ڊائريڪٽر آف ڪلچر، سکر.

ٻئي طرف سنڌ ٽوئرازم ڊولپمينٽ سنڌ جي ثقافتي ورثي کي قومي ۽ بين الاقوامي سياحت جي صنعت ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ سرگرم آهي، هي ادارو سياحت ۽ سياحن جي سهولت لاءِ نقشا، هدايتون، هنڌن جا نالا ۽ رهائش مهيا ڪرڻ سان گڏ ٻيون سهولتون پڻ فراهم ڪري رهيو آهي. ڪاٽي پاران طرز زندگي، مذهب، ثقافت، آرڪيالاجي، تاريخي ماڳن، جبلن، ڍنڍن ۽ جهنگلي جيوت جا مختصر خاڪا تيار ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ تهذيب کي سنڌو ماٿري جي تهذيب چيو وڃي ٿو جيڪا سنڌ جي قديم ترين تهذيب آهي.



دنيا ۾ تهذيب، جنهن هڪ طاقتور ثقافت کي جنم ڏنو جنهن جو مرڪز موهن جي دڙي جي نالي سان سنڌ ۽ ان جي نالي سان سڏجي ٿو.ان جو دائرو اتر ۾ ڪشمير ۽ ڏکڻ ۾ گجرات تائين پکڙيل هو. هڪ شهري نظام جيڪو پنهنجي همعصر تهذيب سان واپار ڪندو رهيو آهي، اها حقيقت آهي ته سنڌ ۾ عظيم سنڌو تهذيب جي ظهور کي تاريخ جي شروعاتي نقطي طور تسليم ڪيو ويو آهي. .سنڌ ۾، سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (STDC) قومي سطح تي هڪ مشهور ادارو آهي، جيڪو هڪ وڏي پئماني تي ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهي، خاص ڪري سنڌ ۾ ۽ جديد حالتن جي مطابق، سياحن کي بهتر سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي. ساڻين يا ڪنهن ٽوئرنگ پارٽي لاءِ سهولتون فراهم ڪري ٿو. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري ۽ موجوده مئنيجنگ ڊائريڪٽر اعجاز شيخ حسب روايت چارج سنڀالي، جيئن ثقافت کاتي ۾ تمام گهڻو سرگرم هئا، تيئن STDC ۾ اچڻ کان پوءِ به تمام گهڻو سرگرم آهن.

ان حوالي سان سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي انتظاميا کان علاوه سنڌ جون سموريون سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمون سيمينار، بحث مباحثا، لوڪ موسيقيءَ جا پروگرام، ڊراما ۽ ٿيٽر پرفارمنس، ٽيبلوز ۽ ادبي گڏجاڻيون منعقد ڪن ٿا. سالياني عيد. تقريب ۾ سنڌي ثقافت، تاريخ ۽ ورثي کي اجاگر ڪيو وڃي ٿو.

# سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاريءَ جو مختصر جائزو

طارق عزيز شيخ




تنقيد نگاري ادب جو نهايت اهم شعبو آهي نه صرف اهم شعبو آهي بلڪ ادب کي اصلاحي ۽ معياري ڪرڻ جو وڏو ذريعو تنقيد نگاري آهي. تنقيد لفظ جي لغوي معنيٰ چڱي ۽ خراب جي پرک ڪرڻ آهي، جيڪڏهن اجا بہ گهرائي سان ڏنو وڃي تہ تنقيد لفظ "نقد" يعني روڪڙو يا ملهہ مان ورتل آهي ۽ "تنقيد" ملهہ ڪٿڻ جي معنوي دائري ۾ اچي ٿو. انگريزيءَ ۾ تنقيد نگاري (Criticism)انصاف ڪي چيو ويو آهي. تنقيد ٻن طريقن جي هوندي آهي هڪڙي تنقيد براءِ تنقيد ۽ ٻي تنقيد براءِ اصلاح. تنقيد براءِ تنقيد ۾ فقط نڪتہ چيني جا پهلو بيان ڪيا ويندا آهن، جنهن ۾ مڪمل طور تي مخالفت اپرندي آهي جڏهن تہ تنقيد براءِ اصلاح ۾ معياري ڪم جي ساراهہ ۽ ڪمزور پهلوئن ڪي سڌارڻ جي راءِ ڏني ويندي آهي.

ادبي تنقيد اڪثر تنقيد براءِ اصلاح هوندي آهي، جنهن ۾ نقاد تخليقڪار جي لکڻيءَ تي روشني وجهندا آهن. نقاد ڪي ايتري اهليت ضرور هجڻ گهرجي تہ هو جنهن صنف بابت ڳالهائي رهيو آهي ان تي کيس مڪمل دسترس هجڻ گهرجي. دنيا جو پهريون تنقيد نگار هومر آهي جيڪو ٻارهين صدي قبل مسيح جو شاعر هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ فنڪار جي سوني ڍال تي ٿيل ڪاريگريءَ تي پنهنجي خيال موجب نظر وجهندي سندس فن کي اپارڻ لاءِ ڪي سٿون چيون هيون. هيءُ دنيا ۾ پهرين تنقيد ملي ٿي. ان کان علاوه تنقيد جو واضح نمونو سقراط وٽ ملي ٿو جنهن سچ خاطر پنهنجي صفائي ۾ ڊگهو بيان ڏنو هو. اهو ئي تنقيد جو پهريون واضح ڊگهو نمونو قرار ڏنو ويو آهي.

ادب جو زندگيءَ سان ڏاڍو گهاٽو واسطو آهي پر تنقيد جو ٻنهي سان هڪجهڙو تعلق آهي. يعني اوڻايون ڪيڍڻ ۽ معيار سڌارڻ. سنڌ ۾ ادب صدين کان وٺي سرجندو اچي پيو. سنڌي ادب ۾ پهرين تنقيد ڪلهوڙن جي زماني ۾ ان دؤر جي وڏي عالم ۽ سنڌي ٻولي جي الفابيٽ جي موجد مخدوم ابوالحسن جي ملي ٿي. مخدوم ابوالحسن مذهبي شاعر ۽ پنهنجي دؤر جو هڪ مدرسو هلائيندڙ اهڙو معلم هو جنهن وٽان ڪيترائي اديب ۽ عالم پڙهي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ علم جي روشني پکڙيندا اڳتي وڌيا. مخدوم ابوالحسن پنهنجي زماني کان ٿورو اڳ جي مقبول شاعر ۽ حڪومت جي خاص عهديدار قاضي قادن جي

بيت "جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هئس ننڊ ۾" تي تنقيد ڪئي. هن "جوڳي" کي غير مسلم قرار ڏيندي بيت جي نڪرندڙ مفهوم ۾ انهيءَ لفظ تي اعتراض ڪيو. سندس خيال موجب جوڳيءَ بدران ڪو به مسلم لفظ "مرشد" يا "ولي ڪامل" وغيره جهڙو ڪردار قاضي قادن کٽي ها. اهڙي ريت پوين آيل دورن ۾ تنقيدي اهڃاڻ لا تعداد ملن ٿا. مثال طور: ثابت علي شاهه ۽ خير شاهه وچ ۾ ٿيل هجون. عبدالحسين سانگيءَ پنهنجي ڪتاب "لطائف لطيفي" ۾ مير علي شير قانع جي شاهه لطيف بابت ذڪر تي جيڪا وضاحت ڪئي آهي ان کي به تنقيد نگاري ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

سنڌيءَ جو پهريون تنقيد نگاري تي ڪتاب "ميزان الشعر" کي قرار ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سيد فاضل شاهه شاعريءَ جي فني جوڙجڪ تي ڊگهو بحث ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ علمي تنقيد شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ کان ٿي ملي، جنهن "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" ڪتاب ۾ شاعر، شاعري، موسيقي ۽ ان جي پرک تي بحث ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب انگريزن جي زماني ۾ 1887ع ۾ شايع ٿيو. مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي شاهه تي لکيل مقدمي تي به تنقيد ڪئي ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جو بچاءُ به ڪيو. سنڌ جي نامياري عالم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي 1939ع ڌاري شاهه ڪريم جي ڪلام کي فارسي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪري، ترتيب ڏئي، ڪتاب شايع ڪرايو. ڊاڪٽر دائود پوٽي، شاهه ڪريم جي شخصيت ۽ ان جي ڪلام کي نئين بحث سان سمجهائي پيش ڪيو. هن تنقيدي نگاهه سان هيءُ ڪتاب ترتيب ڏنو ۽ ساراهڻ جوڳو مقدمو لکيو.

ورهاڱي کان پوءِ تنقيد نگاري تي پهريون ڪتاب غلام محمد شاهواڻي جو "ادبي اصول" 1948ع ۾ ملي ٿو جنهن ۾ هن ادب جا اصول ۽ معيار بيان ڪندي نقادن جا رايا ۽ فلسفين جا نظريا ڏنا آهن. شاهواڻيءَ شاعري ۽ ادب جي زمري ۾ ايندڙ آرٽ جي سمورين صنفن کان فني طور تي آگاهه ڪيو آهي. هن تنقيد نگاريءَ کي نثر نويسيءَ ۾ شمار ڪندي تنقيدي ادب بابت پڻ بحث ڪيو آهي. شاهواڻي پنهنجي ڪتاب جو چوٿون باب "تنقيد" جي عنوان سان لکيو آهي جنهن ۾ تحريري مهارت جا نقطا بيان ڪيا اٿس. شاهواڻيءَ کان پوءِ شيخ محمد ابراهيم خليل "ادب ۽ تنقيد" جي سري هيٺ 1949ع ۾ ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ شاهه لطيف جي ڪلام تي گهڻو ٺهو بحث ملي ٿو. مجموعي نظر وجهڻ ۽ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي ڪلام کي اسلامي مفهوم ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن شاهه جي سرن ۽ ڪردارن کي سگهڙن جي ڏورن جيان بنائي سمجهايو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ عبدالجبار جوڻيجي مٿان پڻ هن ئي ڪتاب ۾ تنقيد ٿيل آهي. ساڳئي عنوان سان يعني "ادب ۽ تنقيد" ڀارت ۾ به لکيو ويو آهي جيڪو سنڌ مان لڏي ويل ليکراج عزيز ڇپرايو. هن ڀارت جي سنڌي ادب جو تنقيدي جائزو ورتو آهي.

مولانا دين محمد وفائي شاهه لطيف جي ڪلام ۽ سوانح جي حوالي سان "لطف اللطيف" ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ هن شاهه جي عقيدت ۽ احترام ۾ نهايت خوبصورتي سان جائزو ورتو آهي. ڪيترين ئي نيون ڳالهيون شاهه جون ملاقاتون توڙي شاهه جي زماني جي حالتن جي وفائي صاحب جاڻ ڏني آهي. وفائي صاحب جو ٻيو ڪتاب "شاهه جي رسالي جو مطالعو" ۾ پڻ شاهه جي زماني جي حالتن، واقعن، سنڌ جي تاريخ ۽ شاهه جي ڪلام بابت جاڻ ڏني اٿس. هن ڪتاب ۾ خاص ڳالهه شاهه جي ڪلام ۾ سندس چيل ۽ ان ۾ ڌاريو آيل ڪلام ڪهڙو آهي ان جي نشاندهي ۽ اهڃاڻ ملن ٿا.

احسان بدويءَ تنقيد جي حوالي سان 1952ع ڌاري "تنقيد نگاري" ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ تنقيد جي حوالي سان ڪيترائي اهم مقالا لکيل آهن. نثر توڙي نظم جي موضوعن جن ۾ ادبي، سماجي ۽ نفسياتي مقالا پڻ آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي نثر جي تاريخ" ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن نثر جي صنفن، ليکڪن ۽ سندن لکڻين تي پنهنجي پاران راءِ ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي تاريخ پڻ ڏنل آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ ادب اسڪيم هيٺ شيخ محمد اسماعيل، ممتاز مرزا، محمد يعقوب ميمڻ، ع.ق. شيخ بعد ۾ اياز مرزا ۽ مختيار بلوچ جي سهڪار سان سنڌي ادب کي وڏو خزانو ڏنو. لوڪ ادب جي سلسلي ۾ شاهه لطيف ۽ سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام، سنڌ جي تاريخ ۽ ٻولي بابت هن ٿيم وڏي پيماني تي سنڌي ادب کي مالدار ڪيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ادبي بورڊ، ثقافت کاتي ۽ مختلف ادارن پاران سندس نالي ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌ جي عظيم شاعرن جي ڪلام کي ڳولي، ڇنڊي، سنواري سڌاري محفوظ ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ شايع ٿيل انهن ڪتابن ۾ وڏي پيماني تي تنقيدي مواد ملي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ نوي واري ڏهاڪي ۾ به شاهه لطيف تي تحقيق ڪري اڳوڻن سمورن محققن جي ڪيل نتيجن کي رد ڪندي بلڪل مختلف ٽاٽا ۽

ڳالهيون ٻڌايون آهن. جنهن کي گهڻن عالمن قبوليو ناهي ته گهڻن ان کي غلط قرار ڏنو آهي. ڊاڪٽر بلوچ، شاهه جي رسالي جا ڏهه جلد شايع ڪرايا آهن جنهن ۾ سوانح ۽ ڪلام ۾ وڏي پيماني تي اڳي کان تبديلي آهي. ڪلام مان گهڻو حصو ڪڍيو ويو آهي ۽ شاهه جي ٻولي کي ڊاڪٽر بلوچ مختلف انداز ۾ پيش ڪيو جيئن "ڊ" واري پڙهڻي کي "ڊر" ۽ "ٽ" کي "ٽر" ڪري لکيو اٿس. جڏهن ته ڪافي تعداد ۾ ڪلام کي پرايو چئي ڪڍي ڇڏيو آهي جيڪا ڳالهه تنقيد جي حوالي سان هر هنڌ نشانو بڻي.

تنقيد نگاريءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو پڻ اهم ڪردار آهي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سرجندڙ ادبي گڏجاڻين ۾ شاعري ۽ نثر تي خاص طور تي ٽيڪا ٽپڻي جو لازمي دؤر هلايو ويو. اها روايت سنڌي ادبي سنگت جي قائم ٿيڻ کان وٺي اڄا تائين جاري آهي. ادبي سنگت جي گڏجاڻين جي ڪري سنڌي ادب ۾ معيار پڻ وڌيو يعني اڻ گهڙيو اديب تنقيدي وهڪري مان وهي گهڙجي نڪريو. بدر ابڙي جي ڪتاب "تنقيد نگاريءَ جو ارتقائي جائزو" به ادبي سنگت پاران ڇپيل آهي، جنهن ۾ تنقيد جا نقطا تحقيقي ۽ نفسياتي انداز سان بيان ڪيل آهن. سنڌي ادبي سنگت جي نشستن ۾ جنهن پيماني تي تنقيد نگاري ٿيندي رهي آهي ايتري تنقيد ڪنهن اداري، تنظيم يا ادبي مرڪز ۾ نه ٿيندي هوندي.

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سراج ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا تحقيقي نظريا پيش ڪيا. هيءُ ان دؤر جو انتهائي اهم بحث هو ته سنڌي ٻولي اصل ڪٿان آئي، نهي يا وري اڳي کان قائم هئي؟ اهڙي بحث کي تنهي ماهرن پنهنجي پنهنجي عقل ۽ علم آهر پيش ڪيو نتيجي ۾ سراج واري نظريي کي اهميت ڏئي حقيقي ۽ مستند مڃيو ويو. سندس نظريو ڪتاب "سنڌي ٻولي" ۾ بيان ٿيل آهي ته سنڌي ٻولي صدين کان سنڌ ۾ قائم هئي ۽ اها هتي جي ئي رهاڪن جي پيداوار آهي جڏهن ته ان کان اڳي ڪجهه محققن سنڌي ٻولي کي اسلامي ملڪن مان آيل قرار ڏنو. هيءُ بحث تنقيد جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ تنقيد نگاريءَ جي مڪمل دائري ۾ اچن ٿا.

تماهي "مهراڻ" رسالي جو تنقيد جي مواد ناهڻ ۾ اهم ڪردار آهي. هن رسالي جي ايڊيٽر ۽ نالياري عالم غلام محمد گرامي پنهنجي ايڊيٽري واري زماني ۾ هڪ مقالو "مشرقي شاعري جا فني قدر" جي نالي سان لکيو هو جنهن ۾ ترقي پسند اديبن جي ادبي لکڻين تي رجعت پسند اديبن تي ٿيل تنقيد جو جواب ڏنو ويو هو. ان وقت سنڌي ادب ۾ ٻه گروهه ٺهي ويا. هڪڙو گروهه بنياد پرستن جو ۽ ٻيو گروهه ترقي پسندن جو. انهيءَ جهڳڙي جي نتيجي ۾ نالياري دانشور ۽ سياستدان رسول بخش پليجي "انڌا اونڌا ويچ" ڪتاب لکيو. هي ڪتاب تنقيد جي حوالي سان وڏي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. دراصل بنياد پرست گروهه جي تنقيد براءِ تنقيد جو نشانو شيخ اياز به بڻيو. سندس شاعري کي اوباش ۽ اشتراڪي چيو ويو. رسول بخش پليجي اهڙي تنقيد جو جواب تنقيد ۾ ڏيندي اياز جو سنئو بچاءُ ڪيو.

سنڌي ادب جي تاريخ جي حوالي سان "سنڌي نثر جي تاريخ" منگهارام ملڪاڻيءَ جو بهترين تنقيدي ڪتاب آهي جيڪو 1968 ڌاري منظر عام تي آيو. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ کان وٺي نثر جي هر شعبي تي هن تنقيدي راءِ ڏني آهي. انهيءَ طرح جو ڪتاب بعد ۾ عبدالجبار جوڻيجي "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" 1973ع ۾ ڇپايو. هي ڪتابن ٻن ڀاڱن ۾ ڇهن بابن تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ پهريون ڀاڱو انگريزن جي دؤر کان وٺي جديد دور جي عالمن تائين آيل آهي. ادبي تاريخ جي ڪتابن ۾ هيءُ ڪتاب نهايت ڪارائتو ۽ ادب جي شاگردن لاءِ تمام مددگار آهي. جوڻيجو صاحب هر عالم جي لکڻين ۽ صنفن جو جيڪو رايو ڏئي ٿو اهو نه فقط تنقيدي نظر جو نتيجو آهي پر قديم کان جديد دؤر تائين جو وچور به آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي جي موقعي تي هر سال ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ اديب شاهه جي حياتي، ڪم ۽ فڪر تي تحقيقي مقالا پيش ڪندا آهن. جيڪي بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ ايندا رهيا. اهي ئي مقالا تنقيد جو وڏو مواد ناهيندا رهيا. جن ۾ سنڌي ٻولي، تاريخ، ثقافت، موسيقي، سماجيات وغيره جهڙا موضوع شامل رهيا. شاهه جي حوالي سان اهڙن ترتيب ڏنل ڪتابن جي ذميواري پهرين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ذڪر ڪيل سٽ سان پوري ڪندو هو ۽ پوءِ حميد سنڌي اهڙا ڪتاب سهيڙڻ لڳو. هن ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي ورهين کان سنڌ جا بلند پائي جا عالم پنهنجون لکڻيون پيش ڪندا رهيا.

شيخ عبدالرزاق راز جو ڪتاب "تنقيد جو تجزيو" تنقيد نگاري جي فني مهارت تي مشتمل ڪتاب آهي جنهن ۾ شيخ راز تجزياتي طور تي تنقيد کي بيان ڪيو آهي. فني نقط نگاهه سان تنقيد جي اصولن تي روشني وجهندي ان جا معيار جاچايا آهن. ليڪ جو ٻيو ڪتاب به "سنڌي غزل جو

تجزيو" پڻ تنقيدي ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاعري جي صنفن تي تجزياتي روشني وڌل آهي.

شاهه لطيف تي سنڌ جي ٻين عالمن جيان سائين جي ايم سيد به لکيو. هن "پيغام لطيف" ۽ "شاهه جون وايون" ڪتاب ڇپرايا. سائين جي ايم سيد پنهنجي وس آهر جدوجهد ڪري شاهه لطيف کي سنڌ جو قومي شاعر قرار ڏياريو. جيڪا ڳالهه پڻ ساراهڻ جوڳي ۽ تاريخي آهي. ان ڪان اڳي لطيف کي قومي شاعر جي عنوان سان ايڪڙ ٻيڪڙ مضمونن ۾ ته لکيو ويو هو پر مستند طور تي سائين جي ايم سيد ان موضوع کي سگهارو بڻايو. تعليمي ادارن، ادبي تنظيمن توڙي سياسي مذاڪرن ۾ شاهه کي سنڌ جو قومي شاعر قرار ڏنو ويو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تنقيد جي حوالي سان سنڌي ادب کي مختلف موضوعن تي تحقيقي ڪتاب ڏنا آهن. سنڌي ادب، شاعري، ٻولي ۽ تاريخ جي پهلوئن تي هن ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. خاص طور تي تنقيد نگاري تي سندس ساراهه جوڳو ڪم ٿيل آهي. جنهن ۾ سنڌي ادب جو تنقيدي جائزو ماڻڪ موتي لعل (ٻه ڀاڱا – تنقيد)، پرک ۽ پروڙ سنڌي علم، ادب، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، اصول ۽ اهڃاڻ ، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس شامل آهي. ميمڻ عبدالمجيد جي هر ڪتاب ۾ تحقيقي توڙي تنقيدي محنت واضح آهي. سندس ٻيا ڪتاب شاهه ڪريم، سچل، شهباز قلندر، بيدل اسلامي فڪر ۽ نصاب لاءِ لکيل آهن. جن ۾ پڻ ڪافي حد تائين تنقيدي مواد آيل آهي.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو ڪتاب "مضمون ۽ مقالا" ثقافت کاتي پاران شايع ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام، فن ۽ فڪر تي دائود پوٽي صاحب تنقيدي نگاهه سان قلم کنيو آهي. هن ڪتاب ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم، ميين عيسيٰ، شاهه لطيف، بيڪس توڙي قليچ بيگ تائين شامل آهن. محمد دائود بلوچ "چار ڪهاڻيڪار – چار نقاد" سهيڙيو. محمد اسماعيل عرساڻي "چار مقالا"، مير محمد نظاماڻي "سنڌي ڊراما ۽ ان جي ارتقا" جهڙا ننڍا ڪتاب پڻ شايع ڪيا. مراد علي مرزا "ادبي تنقيد جا اصول" انگريزي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو.

شاهه لطيف جي حوالي سان ڊاڪٽر تنوير عباسي جو "شاهه لطيف جي شاعري" تنقيدي ادب جو اهم ڪتاب آهي. هن ۾ شاهه جي ڪلام ان جي فڪر، پيغام، پهلوئن، سندس زماني جي حالتن ۽ ان جي زماني جي سياسي تحريڪن ۽ واقعن تي تاريخي حوالا ڏئي پنهنجي علم ۽ عقل سان شاهه کي پرکيو آهي. شاهه لطيف جي حوالي سان هھڙي تنقيد شايد ڪنهن ٻئي ليکڪ جي هجي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي "تنقيدون" ڪتاب ۾ تنقيدي اصولن ۽ معيار جي فن کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ٻوهئي صاحب تنقيد جي حوالي سان ان جا سمورا قسم ڏنا آهن. نقاد کي ڪهڙي ريت ڪهڙي شئي تي نظر وجهڻ گهرجي ان جي پرک ڪرڻ لاءِ به مختلف نمونا ڄاڻايا اٿس. تنقيد جي معيار کي ان جي تاريخ ڪان وٺي موجوده شڪل تائين ترتيب ڏئي آندو اٿس.

سنڌ مان ڀارت ويل سنڌي اديب هيري ٺڪر سنڌ جي قديم شاعر "قاضي قادن جو ڪلام" جي عنوان هيٺ قاضي قادن جا ڀارت جي صوبي هرياڻا جي هڪ ڊنل پراڻي مندر مان 112 بيت لڌا ۽ انهن لڌل بيتن تي هيري ٺڪر جيڪو مقدمو لکيو آهي، اها ئي وڏي تنقيد آهي. هيري ٺڪر جي دريافت کان اڳي ڪيترن ئي عالمن قاضي قادن جي ستن بيتن (جيڪي شاهه ڪريم جي ڪلام سان آيل آهن) تي ڪيترائي مقالا لکي پنهنجون پنهنجون تجويزون ۽ تبصرا لکيا هئا. ڪيترن عالمن ته قاضي قادن جي ستن بيتن کي شاهه لطيف جو ڪلام چئي ڇڏيو هو پر هيري ٺڪر جي دريافت بعد اهڙيون سموريون تحقيقون ۽ خيال پاڻمرادو رد ٿي ويا.

ممتاز مهر سنن نقادن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن "ويچار" ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي ڪيترن ئي موضوعن جهڙوڪ: ادبي تنقيد جو تاريخي پسمنظر، سنڌي ادب ۾ تنقيد، تخليق ۽ تنقيد، نقاد يا متولي، ادب ۾ علامتي انداز جهڙا لاجواب مضمون لکي تنقيد جي سمورن پهلوئن کي پرڙ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ادب ۽ تنقيد جي حوالي سان نقط نگاهه فني آهي. سندس ڪيترائي اهڙا مضمون آهن، جن ڏانهن اڳي ڪنهن به اديب انهن موضوعن ڏانهن رخ ناهي ڪيو جيئن نئين پراڻي ٿهيءَ جي تضاد متعلق يا نفسياتي ۽ فلسفياڻا جديد موضوع انهن ۾ شامل آهن.

ڊاڪٽر اياز قادري جو "سنڌي غزل جي اوسر" شاعريءَ جي حوالي سان وڏو تنقيدي مواد مهيا ڪندڙ ڪتاب آهي، جيڪو ٻن ڀاڱن ۾ سنڌالاجي پاران ڇپايو ويو. قادري صاحب هن ضخيم تحقيقي مقالي ۾ شاعري جي ارتقا، ان جي تاريخ، فن، قسم ۽ صنفن تان ٿيندو غزل تي پهتو آهي. ان ڪان علاوه قادري صاحب سنڌي ادب جي مختلف پهلوئن تي رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون شايع ڪرائيندو رهيو جن ۾ پڻ تنقيدي مواد آيل آهي. شاهه

لطيف جي حوالي سان "مون مطالع سپرين" ڪتاب ۾ شاهه جي ڪلام ۾ فڪر تي سنڌس اهم مضمون آيل آهن. ڪي نوان موضوع پڻ شامل آهن جيڪي اڳي ڪنهن ٻئي عالم نہ ڪنيا هئا. جنهن ۾ شاهه جا پاراتا ۽ دعائون، شاهه ۽ سنڌ جي سياست، شاهه جو رقيب ۽ شاهه جي قسمت جي عنوان سان مضمون شامل آهن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" جي عنوان سان ڊگهو مقالو شايع ڪرايو. جنهن ۾ لوڪ ادب ۽ اسان جي ثقافتي ورثي جي حوالي سان تنقيدي مواد شامل آهي. اهڙي ريت "پهاڪن جي پاڙ" پڻ سنديلي صاحب جي محنت جو سٺو ثمر آهي. فڪشن جي حوالي سان ڪيترن عالمن ڊگها مقالا لکيا جن ۾ قاضي خادم "سنڌي داستان جي ارتقا"، شمس الدين عرساڻي "آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر"، غلام حسين پناڻ "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" وغيره شامل آهن. ذڪر ڪيل مقالا مڪمل طور تي تنقيدي زمري ۾ اچن ٿا.

شاهه لطيف جي حوالي سان ڊاڪٽر فهميده حسين "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ" تحقيقي مقالو لکي پي ايڇ ڊي لاءِ پيش ڪيو. ڊاڪٽر فهميده حسين ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ "تنقيد نگاري" ۽ "لسانيات" جي موضوعن جي پروفيسر پڻ رهي آهي. هن پنهنجي صلاحيتن ڪي ڀرپور نموني استعمال ڪري هن ڊگهي مقالي ڪي لکيو جنهن ڪي سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران شايع ڪرايو ويو. هن ڪتاب جي ايتري پذيرائي ٿي جو ساڳئي ئي اداري ان کي اردو ٻوليءَ ۾ بہ شايع ڪرايو. ان کان علاوه ڊاڪٽر فهميده حسين تنقيد تي پڻ ڪيئي مقالا لکيا جيڪي مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ پڻ شايع ٿيا. سندس هڪ ڪتاب "ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ" پڻ شايع ٿي چڪو آهي. جنهن ۾ تنقيد جي ارتقا، فلسفو ۽ مختلف مفڪرن جا نظريا پيش ڪندي هن سنڌي ادب جي سمورن نقادن، صنفن ۽ قديم کان جديد تائين جي سرجيل ادب جو جائزو ورتو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ کان پوءِ پڻ ڪيترن ئي عالمن جا اهم تحقيقي ڪتاب پڻ شايع ڪرائي چڪي آهي، جن ۾ گهڻو ڪري تنقيدي مواد ئي ملي ٿو. غلام محمد لاکي "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" جي سري هيٺ ڏاڍو بهترين ڪتاب شايع ڪرايو. جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ بابت انتهائي اهم مقالا ڏنل آهن. خاص طور تي اهڙي تاريخي ڄاڻ آيل آهي جيڪا اڳوڻين تاريخن ۾ تڪراري رهي آهي. مثال طور: دولهه دريا خان، مخدوم بلاول، وتائي فقير ۽ انگريزن جي زماني جي ادب بابت تنقيدي مواد سٺي نموني آيل آهي.

اڪبر لغاريءَ "سنڌي ادب جو مختصر جائزو" جي سري هيٺ ڪتاب شايع ڪرايو جنهن ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" جيان موضوع آيل آهن. پر اڪبر لغاري جي تنقيدي تحرير جو پنهنجو انداز آهي.

شاهه جي ڪلام جي حوالي سان شاهه لطيف چيئر پاران جهوني عالم ۽ شاهه جي پارکو ٻانهي خان شيخ جو ترتيب ڏنل "شاهه جو رسالو" (ٽي ڀاڱا) شايع ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪيل تحقيقي ڪم تي تفصيل سان ٻانهي خان شيخ تنقيد ڪئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ پاران شاهه جي سوانح ۽ ان جي ڪلام مان چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ ڪلام ڪي ايڊٽ ڪرڻ تي ٻانهي خان شيخ، ڊاڪٽر بلوچ جي ڪيل تبديلين جو ترتيب وار ردعمل ڏنو آهي. ساڳئي اداري پاران عبدالغفور ڀرڳڙي جو ڪتاب "زندگيءَ جو سفر" پڻ شايع ٿيو جنهن ۾ رومي، شاهه ۽ اقبال جو تقابلي جائزو ورتل آهي. هن ڪتاب ۾ پڻ وڏي پيماني تي تنقيدي مواد آيل آهي. ساڳئي اداري پاران بدر ابڙي جو ڪتاب "سنڌ جو شاهه" شايع ٿيو جنهن ۾ ليکڪ شاهه جي ڪلام ۾ آيل ماڳن مڪانن ڪي پاڻ ڏسي جاچي انهن ڪي جديد تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. شاهه لطيف چيئر پاران "شاهه لطيف ۽ پاڪستاني ٻولين جا شاعر"، "چپر جي چولي"، "شاهه ۽ سنڌ"، "ڪلاچي" تحقيقي جرنل جهڙا ڪتاب پڻ شايع ٿيا جن ۾ وڏي پيماني تي تنقيدي مواد ملي ٿو. هن مختصر جائزي ۾ سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاريءَ بابت اندازو ٿي سگهي ٿو تہ ڪيتري پيماني تي کوٽ ختم ٿي چڪي آهي پر تڏهن بہ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ ٻين ٻولين جي ادب جي ڀيٽ ۾ خاص ڪري اردو جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ تنقيدي ادب جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. موجوده وقت ۾ انعام شيخ، جامي چانڊيو اڪبر لغاري، همسفر گاڏهي، مختيار ملاح، تاج جويو، رکيل مورائي، انور ابڙو ۽ اعجاز منگي بهترين نقاد آهن. جڏهن تہ نوجوانن جو وڏو تعداد پڻ تنقيدي عمل ۾ سيکڙات واري ڏاڪي تي آهي. ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ادب ۾ اسان کي هن شعبي ۾ ڀورائو ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ پي ايڇ ڊي جي شاگردن جو وڏي تعداد ۾ هلندڙ ڪم بهترين اضافو ثابت ٿيندو.

# سيد ميران محمد شاهہ

(حصو ٻيو ۽ آخري)

**هدايت الله سومرو**

هاڻي مان سچ پچ سرڪار جو رخ سمجهي نٿو سگهان تہ سرڪار ڪهڙي نموني جي همدردي ڏيکارڻ گهري ٿي تنهن ڪري هن هائوس جو فرض آهي تہ سرڪار جي ذهن نشين ڪري تہ هو هڪدم ماڻهن جي ڏک دفع ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي ۽ جيڪا پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي ضرورت هجي سا ڪري، پر پڇائن جو ڪهڙو بہ نتيجو نڪري تہ بہ سرڪار کي ترت قدم کڻڻ گهرجن.

لوڪل بورڊس کي ڪو بہ رزرو فنڊ ڪونہ آهي جو هڙن ڪمن لاءِ خرچ ڪري سگهي، جيئن روينيو سيڪريٽري صاحب صلاح ڏني آهي. مونکي لوڪل بورڊ ڪمن جي خبر آهي تہ هنن وٽ تمام ٿورو رزرو فنڊ آهي. سرڪار وٽ ٻوڏ سهائتا فنڊ وانگر گهڻو رزرو فنڊ آهي ۽ سرڪار کي گهرجي تہ چوٽڪاري لاءِ اُپاءَ وٺي، پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪم بہ انهي فنڊ مان ڪري، جيئن تہ لوڪل بورڊ فنڊن جي ڪوتاهي سبب اهو ڪم نہ ڪرائي سگهندا.

هاڻي مڪڙن جي باري ۾ اسان وقت بوقت ڪمشنر صاحب کي پئي ڏنئيو آهي تہ مصر وانگر انهي آفت سمادي جي برخلاف جوڳا اپاءَ وٺي پر سرڪار انهي باري ۾ ڪجهہ نہ ڪيو آهي. برساتون بند ٿيون تہ ترت ئي مڪڙ آيا ۽ متاهين پٽن تي جيڪي فصل هئا انهن کي ناس ڪري ڇڏيو.


هاڻي هن هائوس کي اختيار آهي تہ خيال ڪري تہ موجوده حالت ڪهڙي قسم جي آهي ۽ ماڻهن نقصان سٺو آهي يا نہ. يا اسين جي ماڻهن جا عيوضي آهيون سي حالت جو وڏاءُ ڪري رهيا آهيون.

(اهو نهراءُ يڪراءِ بحال ٿيو)

ايريگيشن (لائڊ براج) (12 مارچ 1930ع)

مون کي هن ايڏيءَ رٿ بابت ايتري واقفيت ڪانہ آهي جو مان سرڪار جي پاليسي تي ڪجهہ بحث ڪري سگهان پر مان فقط ان سان لاڳو ٻين ڳالهين بابت ڪجهہ چوندس جي مان سنڌ جي ماڻهن جو عيوضي ٿي سرڪار جي ڌيان تي آڻڻ فرض سمجهان ٿو. سنڌ ۾ جيڪا هيءَ هيڏي وڏي رٿ تيار ڪئي وڃي ٿي ان بابت مان پنهنجا خيال ۽ ماڻهن جا خيال جن جو مان عيوضي آهيان ظاهر ڪرڻ گهران ٿو.

هن ڪاتي ۾ جو نصيبن آنربل جنرل ميمبر صاحب جي هٿ هيٺ آهي جو منهنجي قوم جو ۽ منهنجي پرڳڻي جو آهي، جيڪي ملازم رکيا وڃن ٿا تن بابت جيڪي شڪايتون آهن اهي پيش ڪندس. اها ڳالهہ البتہ ڏک جي آهي جو سندس نظرداريءَ ۾ سندس ضابطي هيٺ مسلمانن کي پنهنجي پرڳڻي ۾ پورو حصو نٿو ملي. اڳيئي سنڌ ۾ مسلم قوم ٿورا ماڻهو پيدا ڪري ٿي جن



سيد ميران محمد شاهہ

انجنيئري تعليم ورتي آهي پر اهي ٿورا جن اها تعليم ورتي آهي ۽ هيترا سارا پئسا خرچيا اٿن تن کي هن ڪاتي ۾ همٿايو نٿو وڃي ۽ پنهنجي پرڳڻي ۾ نوڪرين ۾ پورو حصو نٿو ڏنو وڃي. انهن کي هن ڪاتي ۾ نوڪرين جو پهريون حق ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو پس پيش هن ئي پرڳڻي کي خرچ پرڻو آهي. جيڪڏهن توهين هن ڪاتي ۾ مقرر ڪيل عملدارن جي لسٽ چيف انجنيئر کان وٺندي ايگزيڪيوٽو انجنيئر تائين ڏسندا تہ جيتري قدر مونکي خبر آهي تہ سنڌ مان يا مسلم قوم مان ڪو بہ ماڻهو ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي جڳهہ تي مقرر ڪيل نہ آهي. پنجاب جا ماڻهو مقرر ڪيا ويا

هجن پر انهن سان منهنجو واسطو ڪونهي.

مان فقط سنڌ جي پرڳٽي مان پنهنجن ماڻهن واسطي ڳالهايان ٿو. انهن ۾ گهربل لياقتون آهن. مان سچ پچ سمجهي نٿو سگهان ته انهن کي جوابداريءَ جي جڳهن تي ڇو نه ٿو مقرر ڪيو وڃي. ٻه ٽي ماڻهو آهن جي اسسٽنٽ انجنيئر آهن. انهن جي پڻ سندن بالا عملدار دل پيچي رهيا آهن ۽ مونکي خبر نه آهي ته انهن جي قسمت ڪهڙي ٿيندي. اسان کي انهن وٽان پڪارون پئي پهتيون آهن ته انهن کي ڪنهن به طرح همٿايو نٿو وڃي. مان اميد ٿو ڪريان ته آنربل جنرل ميمبر چڱيءَ طرح جاچ ڪندو.

ٻي ڳالهه جنهن ڏانهن مان آنربل جنرل ميمبر جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو سا اها آهي جو سنڌ جي مزدورن جي ڪلاس کي هيڏي وڏي ڪم ۾ نوڪرين ڏيڻ سان همٿايو نٿو وڃي. ايئن ڪرڻ سان هو پنهنجي روزگار کي لڳي سگهندا جو هن ڏکر جي وقت تمام مشڪل آهي. ڪيتي ڪلاس جا ماڻهو سال جي فقط ٿورن مهينن واسطي ڪيتيءَ جي ڪم ۾ رڌل آهن باقي ٻين ڇهن مهينن واسطي انهن کي ڪجهه به ڪرڻو نه آهي. سرڪار انهن کي ڪم ۾ لڳائڻ لاءِ ڪجهه ڪوشش نه ٿي وٺي جنهن ڪري ٻوڏن يا برساتن پوڻ سبب فصلن نه ٿيڻ جي حالت ۾ انهن کي پنهنجي روزگار ڪمائڻ جو وجهه ملي.

ٻاهريان ڪمي گهرايا پيا وڃن جنهن جو اهو سبب پيو ڏنو وڃي ته سنڌي هاري تمام سست آهي ۽ اوترو ڪم نٿو ڪري سگهي جيترو ٻاهريان مزدور ڪري سگهن ٿا مونکي پڪ آهي ته جيڪڏهن پوريءَ طرح ڪوشش وٺي سنڌ جي مزدورن کي ٿاهيو وڃي ته سنڌ جا مزدور به اوترو ئي سنو ڪم ڏيئي سگهندا جيترو ٻاهريان مزدور ڏيئي سگهندا.

ٽين ڳالهه جنهن ڏانهن مان آنربل جنرل ميمبر جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو سا آهي براج جي واهن تي ڍورن جي پيل. البته هيڏي وڏي ڪم لاءِ هيءَ ننڍي ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي پر ويچارا غريب ماڻهو پڪاري رهيا آهن ته جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن موقعي تي سندن مال واهن جي بندن تان لنگهي ٿو ته براج جو زبردست عملو سندن مال ڍڪ ۾ وجهن ٿا ۽ ڏنڊ وصول ڪن ٿا. مان اها ڳالهه انهي ڪري ٿو ڪريان جو اهي زبردست اهي ڏنڊ هضم ڪري وڃن ٿا. مان هن باري ۾ آنربل جنرل ميمبر کي عرض ڪندس ته هو غريب ماڻهن جي مالي حالت ڏسي، خاص ڪري مان پنهنجي ضلع جي هالا ڊويزن جي ڳالهه ڪندس جتي منهنجو تازو وڃڻ ٿيو ۽ ماڻهن مونکي روبرو پڪاريو ته سندن مال زبردست ڍڪ ۾ وجهن ٿا، جيڪڏهن اهو فقط دروازي وٽان لنگهي ٿو. انهن کي خبر نه آهي ته قاعدي موجب اهو مال لوڪل بورڊ جي ڍڪن ۾ وجهڻو آهي.

مان آنربل جنرل ميمبر جي ڌيان تي هيءَ ڳالهه آڻڻ چاهيان ٿو ته اها شڪايت حيدرآباد برانچ تي مٿياري پاڳي ۾ مونکي ملي.

هن ڳالهه جي ويچار لاءِ مان دستوري درخواست ڪندس. منهنجو سوال آهي ته اهي ڏنڊ وصول ڪرڻا نه آهن. بند تي لوهي لوڙهو ڏيڻ گهرجي.

اهو هميشه جو دستور آهي ته ماڻهو ڪن سالن کان اتان لنگهن ٿا، جن کي واهه جي ٻئي پاسي کان چراگاهه آهن انهن جو لنگهه فقط انهن بندن تان آهي ۽ بعضي بعضي ممڪن آهي ته انهن جو مال پڻ بند تان رول ٿي وڃي ٿو. انهن لاءِ هنن کي سزاياب ڪرڻ نه گهرجي، خصوصن جن ماڻهن جي مالي حالت تمام خراب آهي ۽ ويچارن هارين لاءِ هڪ رپيو ڏنڊ پرڻ به تمام بار آهي. مان اميد ٿو ڪريان ته آنربل جنرل ميمبر هن ڳالهه جي جاچ ڪندو ۽ اهو اهنج ماڻهن تان لاهيندو.

ٻي ڳالهه جا مان چوڻ گهران ٿو سا آهي براج واهن تي مورين جو ٺهرائڻ. ايئن ڏٺو ويو آهي ته ڪيترا براج جا واهه ۽ شاخون لوڪل بورڊ رستا لتاڙين ٿيون جنهن ڪري ڪيترن مڪيه ڳوٺن جي آمدرفت ڪپجي وئي آهي. مان خاص ڪري هالا تعلقي جي تاجپور ڳوٺ جو مثال ڏيندس. اهو مڪيه ڳوٺ جتي ڪيترا زميندار ۽ ٻيا رهن ٿا. انهن کي پنهنجون زمينون، پنهنجا قبرستان ۽ ٻيون ڪيتريون جايون آهن پر اهي پنهنجي ملڪ جي باقي ٽڪرن کان ڌار ڪيا ويا آهن. خصوصن جڏهن واهه وهندا تڏهن ماڻهن لاءِ ور واري رستي کان وڃڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو.

مان سمجهان ٿو ته هنن ماڻهن جي خاص حالت ويچار جوڳي آهي ۽ آنربل جنرل ميمبر ۽ ان جو کاتو مڪيه ڳوٺن ۾ (مان فقط مڪيه ڳوٺن جي ڳالهه ٿو ڪريان) اهڙين مورين جي ٺهرائڻ جو بندوبست ڪندو. جيڪڏهن پڪيءَ اوساريءَ جو ڪم نه ڪرايو وڃي تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ ايترو بندوبست ڪيو وڃي جو ماڻهن کي ور واري رستي کان وڃڻ جي تڪليف نه ٿئي.

زوريءَ تعليم بنسبت تقرير
(6 آگسٽ 1928ع)

اسين سنڌ ۾ بلڪل اونده ۾ آهيون. جيڪڏهن اوهان کي سنڌ جي حالتن جي خبر هجي ته اوهان کي خبر پوي ته سنڌ بلڪل اونده ۾ آهي. اسين هڪ قسم جي غار ۾ آهيون ۽ اسين پنهنجن ماڻهن کي روشنائي ڏانهن نيڻ لاءِ ڪوشش وٺي رهيا آهيون. ماڻهو جن پنهنجي سڄي حياتي غار ۾ گذاري آهي

تن کي هڪدم سج جي چمڪندڙ روشنائي ۾ ٻاهر ڪيئي نٿا سگهون. مگر اسان کي انهن کي رفتہ رفتہ ٻاهر ڪيڻو آهي ۽ تعليم جي فائدن مان پوريءَ طرح واقف ڪرڻو آهي تنهن ڪري اهو فقط خوشيءَ سان اسڪولن جي کولڻ جي ذريعي ڪري سگهجي ٿو انهي لاءِ تہ جڏهن وقت اچي تڏهن اهي زوري تعليم لاءِ تيار رهن.

اسين نڪي هڪدم تعلقي ۾ گهڻا اسڪول کولي سگهنداسون نڪي سرڪار ٿي انهن لاءِ ايترا پئسا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندي. جيڪڏهن سرڪار ڪان زوريءَ تعليم لاءِ پئسا گهريا وڃن تہ چيو ويجي ٿو تہ پئسا ڪين آهن ۽ جيڪڏهن خوشيءَ سان اسڪول کولڻ لاءِ پئسا گهريا وڃن ٿا تہ چيو ويجي ٿو تہ قاعدي موجب انهن پيسن ڏيڻ لاءِ بدل نہ آهن ۽ سدائين اهي بهانا پئي ڏيڻ ۾ آيا آهن. جيڪڏهن سرڪار وٽ پئسو نہ آهي تہ سرڪار کي گهرجي تہ ٻين هيڊن مان پئسو ڪيڍي هن ڪم لاءِ ميسر ڪري ڏئي. تعليم مکيہ ڪم نہ آهي ڇا؟ رستن، واهن ۽ ٻين ڪمن تي ڌيان ڏنو ويجي ٿو ساڳئي نموني تعليم تي پڻ ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن قاعدو پورو نہ آهي تہ تعليم جي وزير کي قبول ڪرڻ گهرجي تہ اهو قاعدو هلي نٿو سگهي تہ پوءِ اسين ڪائونسل ۾ ان کي رد ڪرڻ لاءِ ويچار ڪرڻ واسطي تيار رهنداسين پر جيستائين قاعدو عمل هيٺ آهي تيستائين سرڪار بدل آهي تہ تعليم لاءِ پورو پورو بندوبست رکي ۽ انهيءَ ڏس ۾ ماڻهن جون گهرجون پوريون ڪري، جيڪڏهن سرڪار وٽ سيني رٿن لاءِ پئسو نہ آهي تہ حصہ رسد پوريءَ طرح وراثت ڪري ۽ اسان کي وجهہ ملي تہ پئسن جي مدنظر تي آهستي آهستي اسڪول کوليندا وڃون.

مونکي يقين آهي تہ تعليم جو وزير اسان ڏانهن هاڻي اڳين کان وڌيڪ ڌيان ڏيندو.

ريزوليوشن نمبر 1: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ هڪڙو بل سنڌ لئنڊ روينيو ڪوڊ جي نالي سان هن ڪائونسل ۾ پيش ڪيو وڃي تہ هڪ ڪاميٽي هن ڪائونسل جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن جي ناهي وڃي جنهن ۾ غير سرڪاري ميمبرن جو زياده تعداد هجي جا سنڌ ۾ لئنڊ روينيو ڪمن بنسبت جيڪي ڪمشنر صاحب جا اسپيشل سرڪيولر آهن تن کي تپاسي رپورٽ ڪري تہ هر هڪ سرڪيولر ملڪ جي حالتن پٽاندر ڪيتري قدر ڪارائتو ۽ مفيد ٿي سگهندو ۽ انهن ۾ ڪهڙا ضروري سڌارا، تبديليون ۽ درستگيون ڪجن ۽ سنڌ ۾ روينيو پاليسي پڪي بنياد تي قائم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا وڃن. انهن بابت پنهنجا رايا پيش ڪري.

ريزوليوشن نمبر 2: هي ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ سکر بئراج جي روينيو آفيسر کي هدايت ڪري تہ رعايتي اگهن تي زمين نيڪال ڪرڻ وقت جن زميندارن جون زمينون بئراج جي زد اندر نوبت هيٺ ضبط ٿيل آهن پوءِ انهن کي ضبط ٿئي ڪٽي ڪيترو بہ وقت ٿيو هجي تہ بہ اهڙن زميندارن کي ٻين سيني کان پهريون حق ڏنو وڃي.

ريزوليوشن نمبر 3: هي ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ بالغ هارين جي تعليم لاءِ بمبئي ڪاتي جي ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۾ اسڪولن کولڻ جا ترت اپاءَ ورتا وڃن.

ريزوليوشن نمبر 4: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ ترت هن ڪائونسل جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن جي هڪ ڪاميٽي ناهي وڃي جا سنڌ ۾ زناني تعليم جي حالتن بابت جاچ ڪري ۽ ان جي پٺ تي پوڻ جا سبب ڳولي ڪيڍي ۽ عام راءِ جي پسنديدگيءَ پٽاندر انجي واڌاري بابت اپاءَ پيش ڪري.

ريزوليوشن نمبر 5: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ هند سرڪار کي عرض ڪيو وڃي تہ ٽنڊه محمد خان ۽ شاهہ بندر جي وچ ۾ جلد ريلوي جي هڪ شاخ جو بندوبست ڪري.

ريزوليوشن نمبر6: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ هڪ جهونو تجربي ڪار سرڪاري عملدار مقرر ڪيو وڃي جو سنڌ جي ديسي هنرن جي حالتن بنسبت جاچ ڪري ۽ انهن کي وري زنده ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جا اپاءَ پيش ڪري.

ريزوليوشن نمبر 7: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ حيدرآباد کان هالن وارو سرڪاري رستو جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پڪو ڪيو وڃي.

ريزوليوشن نمبر 9: هيءَ ڪائونسل سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ سرڪار بلڪل صفا اکرن ۾ ظاهر ڪري تہ آئينده لاءِ سنڌن اها روش ٿيندي جو ڪڏهن بہ لئنڊ اڪئيزيشن ايڪٽ يا ٻئي ڪنهن چالو قاعدي هيٺ ڪا بہ مسجد يا ٻيا عبادتگاهہ نہ ڊهرائيندي يا نقصان ڪندي يا پنهنجي قبضي هيٺ آڻيندي.

ريزوليوشن نمبر 10: هيءَ ڪائونسل جناب نواب گورنر صاحب در اجلاس ڪائونسل کي سفارش ٿي ڪري تہ هو هند سرڪار تي زور آڻي تہ سنڌ سميت هن ڪاتي جي مسلمانن سان شارڌا ايڪٽ هرگز هرگز لاڳو نہ ڪيو وڃي.

# معاشري مان موڪلائي ويل احساس



مير ذوالفقار چانڊيو



انتهائي افسوس ۽ ڏک جي ڳالھ آهي تہ جھڙي طرح سائنس ترقي ڪندي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي بلڪل اهڙي اسپيڊ سان اسان جي معاشري مان " احساس " جي موڪلاڻي ٿيندي پئي وڃي. جڏهن معاشري مان احساس موڪلائي وڃي تہ نفرتون جنم وٺنديون آهن جن نفرتن سان اهڙا واقعا رونما ٿيندا آهن جن جي ڏسڻ ٻڌڻ يا پڙهڻ سان لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن يڪدم جسم ۾ ڏڪڻي لڳي ويندي آهي مثال طور برادري جهيڙا، ڦرلٽ، چوريون، قتل وغارت، خودڪشي جهيڙا فساد وڌڻ شروع ٿي ويندا آهن جنهن جي ڪري معاشري مان احساس سان گڏ محبتن جي موڪلاڻي ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري هر هنڌ نفرتن جي بازار گرم لڳي پئي هوندي آهي. احساس جي کوٽ سبب معاشري اندر پڻ اهڙا واقعا نروار ٿيندا آهن جنهن جي ڪري ماڻهو ڪنڌ ڪٽي هلڻ جھڙو نہ رهندو آ. ۽ اسان جي ڪنڊ ڪنڊ دل معاشري ۾ پڻ اهڙا واقعا ڄڻ روز جو معمول بڻيل آهن جنهن جا ڪافي مثال ڏئي سگھجن ٿا سڳي يان نڳي پيءُ جھڙي مقدس رشتي احساس جا سڀ ليڪا لتاڙي پنهنجي نياڻي نماڻيءَ سان زنا ڪرڻ يان ان کي ڪنهن بہ الزام هيٺ قتل ڪرڻ يان نافرمان اولاد ملڪيت تي قبضو ڪرڻ پسند جي شادي جي اجازت نہ ڏيڻ تي پيرسن ماءُ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏڻ يان ڪٿي وري ايئن بہ ٿيندو آهي تہ پائر پنهنجي غيرت ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي لاءِ ڇپر ڇانو بڻيل پيئرن کي ڪارو ڪاري جو الزام ڏئي قتل ڪري ڇڏيندا آهن يان وري احساس ڪمتري جو شڪار رهندڙ هڪ ماءُ پيءُ جو اولاد پائر ملڪيت جي لالچ ۾ هڪ ٻئي کي قتل ڪندا آهن هن دنيا ۾ عظيم رشتو جيجل امڙ جو هوندو آهي اها بہ ويچاري پنهنجي ڏکن دردن کي سامهون رکندي احساس جي رشتي کي وساري پنهنجي گلن جھڙن معصون ٻارن کي ڪنهن درياءَ واھ ۾ اڇلائي پاڻ بہ ٽپو ڏئي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيندي آهي اڄ ڪلھ سنڌ ۾ ٻوڏ واري صورتحال هجڻ سبب هر ماڻهو سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر ڪجھ اهڙا سرندي وارا ماڻهو هوندا جن احساس

ذميداري جو مظاهرو ڪندي دل ڪولي ڪافي غريبن مسڪينن جي مدد ڪئي هوندي پر افسوس جي ڳاله آهي تہ معاشري ۾ ڪافي اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن احساس ذميداري جي اصولن کي لتاڙيندي غريبن جي خدمت ڪرڻ پري جي ڳاله آهي پر انهن مسڪينن جي لاءِ ايندڙ مال کي پنهنجي گهرن اوطاقن بنگلن ۾ بند ڪري ڇڏيو باقي غريبن مسڪينن کي نہ ڏئي سگهيا احساس جي کوٽ سبب معاشري اندر جيڪي روزاني دل ڏڪائيندڙ واقعا سامهون اچن ٿا انهن جا ڪافي مثال سامهون اچن ٿا پر لکڻ لاء اخبارن جا ڪي وڏا صفحا کپن ڪي ڏينهن کپن جنهن جي روشنيء ۾ ايترا واقعا مثال بيان ڪجن هون بہ دنيا اندر 2 عظيم رشتا هلن پيا هڪ تہ مٿي مائٽي عزيز رشتيدارن جو رشتو ٻيو وري احساس جو رشتو هڪ عظيم رشتو آهي پر افسوس تہ اسان پنهنجي ڪمن ڪارن ۾ ايترا تہ مصروف ٿي ويا آهيون جو احساس جي رشتي سان گڏوگڏ برادري رشتن کي وساري وينا آهيون پر ياد رکو احساس جو رشتو ڏارين کي پنهنجي ويجهو ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي احساس جو رشتو دشمنن کي دوست بنائي ڇڏيندو آهي. احساس جي رشتي کان سواء انسان نامڪمل آهي. احساس جي رشتي کي سنڀالڻ ۽ ان جي پيروي ڪرڻ هر ڪنهن جي وس ۾ نہ هوندو آ سو ان ڪري اسان سڀني کي هڪ ٻئي جو احساس ڪرڻ گهرجي جنهن سان معاشري اندر وڌندڙ نفرتن ۽ بدامني جهڙن ڏوهن غلط ڪمن کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي جيڪڏهن توهان حقيقي طور تي معاشري ۾ ڀلائي بهتري ڪرڻ چاهيو ٿا تہ ڀرواري جو احساس رکو احساس وارو عظيم رشتو توهان جي سڀني ڪارن ڪرتوتن برائين نفرتن کي ختم ڪري بهتري جي طرف آڻيندو آهي.



# قديم چيني ڏاهپ ۽ فلسفو

شبير احمد مغيري

انسان ڳالهائي ٿو، کائي پيئي ٿو، اٿڻ ويهڻ ۽ زندگي گذارڻ جي طور طريقن ۾ جيڪڏهن سٺي ۽ خراب جي تميز رکي ٿو، پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي نقصانن کي سمجهي ٿو ۽ ان جو لحاظ رکندي مناسب ردعمل اختيار ڪري ٿو ته ان کي ڏاهو، تهذيب يافته، مهذب ۽ سڌريل سمجهيو وڃي ٿو. دنيا جي لڳ ڀڳ سڀني قومن ۾ ڏاها، داناءَ ۽ فيلسوف ٿي گذريا آهن جن پنهنجي علم، تجربي، فڪر ۽ فهم سان پنهنجي قوم کي سڌي راهه جي ساڃاهه ڏني آهي. چيني قوم پڻ پنهنجي قديم دور کان وٺي فيلسوفن ۽ مفڪرن سان مالا مال رهي آهي. ديدرو 1750ع ۾ چينين بابت لکيو هو ”هي ماڻهو قدامت، آرٽ، عقل، دانش، پاليسي ۽ فلسفي جي ذوق جي حوالي سان ٻين سڀني ايشيائي قومن تي برتري رکن ٿا.“ هڪ روايت مطابق چيني بادشاهه فوهسي اندازن 2,852 ق.م ۾ پنهنجي ماڻهن کي شادي، موسيقي، تحرير، مصوري، ماهي گيري ۽ ريشم اٽڻ جي تربيت ڏني. سندس جانشين شيين ننگ زراعت متعارف ڪرائي، هر ايجاد ڪيو ۽ نباتات جي خوبين مان طب جو علم جوڙيو. بادشاهه هوانگ تي چقمق دريافت ڪيو هڪ



رصدگاهہ جوڙائي ۽ ڪيلينڊر کي درست ڪيو ۽ زمين کي نئين سر ورهايو. اهو سرڪاري سطح تي دولت جي ورهاست جو پهريون بيان آهي. ان بعد زوال جو دور شروع ٿيو جنهن کي مشهور فيلسوف لائوتزي (پوڙهو استاد) رد ڪيو. هُو 604 ق. م ۾ پيدا ٿيو هن ”تائوتي چنگ“ (راهہ ۽ ان جي سگهہ) نالي ڪتاب ۾ چين جي تڏهوڪي تهذيب کي رد ڪيو. لائوتزي جو چوڻ هو تہ ”درست رستو عقل جي ڪمن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ فطرت ۽ قديم روايتن ۽ نظرين سان هم آهنگ بڻجي سادي زندگي گذارڻ آهي. فطرت ۾ سڀ شيون خاموشيءَ سان ڪم ڪن ٿيون. اهي ڪا بہ دعويٰ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو فرض سرانجام ڏين ٿيون. هر شيءِ پنهنجي عروج تي پهچڻ کانپوءِ موٽي پنهنجي اصل ڏانهن وڃي ٿي. جيڪڏهن توهان جهڳڙو نہ ڪريو تہ دنيا ۾ ڪو بہ توهان سان وڙهي نہ سگهندو. ايذاءَ جي جواب ۾ مهرباني ڪريو. مان سنڻ سان سنو آهيان ۽ برن سان بہ سنو آهيان. تنهن ڪري سڀ سنا ٿي ويندا. مان خلوص رکڻ وارن سان پرخلوص آهيان ۽ خلوص نہ رکڻ وارن سان بہ پرخلوص آهيان. تنهن ڪري سڀ پرخلوص بڻجي ويندا. دنيا ۾ نرم ترين شيءِ سخت ترين شيءِ تي قبضو ڪري وٺي ٿي.“

لائوتزي وٽ ڏاهپ کي تمام گهٽي اهميت حاصل آهي. ڇاڪاڻ تہ ڏاهپ ڪڏهن بہ فقط لفظن وسيلي اڳتي وڌائي يا منتقل ڪري نٿي سگهجي پر اها فقط عملي مثال ۽ تجربي وسيلي ٻين تائين پهچي ٿي. داناءُ ڪڏهن بہ پنهنجي مشهوري پسند نٿو ڪري. لائوتزي جي بقول ”داناءُ پنهنجي چمڪ کي مڌم ڪري پاڻ کي ٻين جهڙو بڻائيندو آهي. هُو عالم فاضل بدران سادي ۽ عام ماڻهوءَ سان اتفاق ڪري ٿو ۽ سيڪڙات جي اختلاف کي خراب نٿو سمجهي.“

لائوتزي کانپوءِ چيني ڏاهپ ۾ ڪنفيوشس جو نالو اچي ٿو جنهن 35 ورهين جي ڄمار ۾ لائوتزي سان ملاقات ڪندي ساڻس تاريخ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. لائوتزي کيس مختصر جواب ڏنو: ”جن ماڻهن بابت تون پڇين ٿو انهن جون هڏيون بہ ڳري چڪيون آهن. توکي ڪپي تہ پنهنجي ماضي تي فخر ڪرڻ ۽ رعب ڄمائڻ ڇڏي ڏي ۽ سيني فضول مقصدن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪر. انهن سيني ڳالهين مان توکي ڪوبہ فائدو نہ ملندو.“

ڪنفيوشس سندس سخت لفظن ۾ لڪل دانائي ۽ ڏاهپ کي پروڙي ورتو. ڪنفيوشس 551 ق.م ۾ پيدا ٿيو ٽن سالن جو ٿيو تہ سندس پيءُ گذاري ويو. اسڪول کان موٽي سخت مزدوري ڪندو هو تہ جيئن پنهنجوءِ پنهنجي ماءُ جو پيٽ پالي سگهي. 20 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي گهر ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. سقراط وانگر ڪتابن بدران زباني تعليم ڏيندو رهيو. 501 ق.م ۾ کيس پنهنجي ڳوٺ جو مرڪزي مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. سندس سني ڪارڪردگيءَ سبب ماڻهن جي نظرن ۾ هُو ديوتا بڻجي ويو. سندس حاسدن ۽ مخالفن سندس خلاف سازشون ڪيون. جنهن ڪري استعيفيٰ ڏنائين ۽ پنهنجي شاگردن سان گڏجي سفر تي نڪتو. سندس بنيادي فلسفو اخلاقيات ۽ سماجي نظم ضبط کي بحال ڪرڻ لاءِ تعليم کي عام ڪرڻ تي ٻڌل هو. سندس ڪتاب ”عظيم درس“ مان ورتل ٽڪرو سندس تعليم جو نچوڙ پيو وڃي ٿو:

”سڄي بادشاهت ۾ اعليٰ ترين نيڪيءَ کي پيش ڪرڻ جي خواهشمند وڏن سڀ کان پهريائين پنهنجن پنهنجن رياستن وعظ ڪيا. پنهنجن رياستن کي منظم ڪرڻ لاءِ انهن پنهنجن گهراڻن کي منظم بڻايو. پنهنجن گهراڻن کي نظم ۽ ضبط هيٺ رکڻ لاءِ انهن پهريائين پنهنجو پاڻ کي نيڪ ڪيو. پاڻ کي نيڪ ڪرڻ جي خواهش ۾ انهن پنهنجي دلين کي صاف ڪيو. پنهنجي دلين کي صاف ڪرڻ جي خواهش ۾ انهن پنهنجي سوچن کي بي غرض بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سوچن کي بي لوث بڻائڻ جي خواهش ۾ انهن پنهنجي علم کي وڌ ۾ وڌ ماڻهن تائين پهچايو. علم جي اها ڪشادگي شين تي تحقيق ڪرڻ ۾ ئي لڪل آهي. شين تي تحقيق ڪري وٺڻ تي ئي علم مڪمل ٿي ويو. سندن علم مڪمل ٿيڻ تي سوچون بي لوث ٿي ويون. سوچن جي بي لوث ٿيڻ تي سندن دليون صاف ٿي ويون. دل صاف ٿيڻ تي سندن پنهنجي ذات نيڪ ٿي وئي. ذات نيڪ ٿيڻ تي سندن ڪٽنب يا گهراڻا منظم ٿي ويا. گهراڻن جي منظم ٿيڻ تي سندن رياستون درست حڪومت واريون بڻجي ويون. رياستن ۾ درست حڪومتون هئڻ سبب سڄي بادشاهت مطمئن ۽ خوش ٿي وئي.“

ڪنفيوشس بابت سندس هڪ شاگرد لکيو هو ”هو تہ فقط علم جو پرشوق ڳولائو آهي ۽ کاڌو کائڻ بہ وساري ويهندو آهي. هُو پنهنجي خوشيءَ ۾ ڏکن کي وساري ويهندو آهي ۽ پنهنجي پوڙهي ٿيڻ کان بہ بي پرواهہ آهي.“ هن 72 ورهين جي ڄمار ۾ دنيا کان موڪلايو. سندس شاگردن کيس وڏي اعزاز سان دفنايو.

# ڊاڪٽر ڪمال واقعي نالي جيان ڪمال هو!

ڊاڪٽر علي جان ٻرڙو


ڊاڪٽر ڪمال چاچڙو

ڊاڪٽر ڪمال چاچڙو ٻه اهڙن اورچ انسانن مان هو جن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙيندي گذاريو. هن پنهنجي زندگيءَ جو سفر ڳوٺ گل محمد چاچڙو ضلعو خيرپور ميرس کان شروع ڪيو. سندس حياتيءَ جو سفر پهرئين آگسٽ 1972ع کان هليو ۽ 16 ڊسمبر 2020ع تي سول اسپتال ڪراچيءَ جي آءِ سي يو وارڊ ۾ پورو ٿيو.

ڊاڪٽر ڪمال چاچڙي صاحب سان ڏيٺ ويٺ ته ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ علمي ادبي تقريبن ۾ ٿي، پر ساڻن ويجهڙائپ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿي جڏهن 2009ع ڌاري پاڻ اسان جا ايم فل پي ايچ ڊي جا ڪلاس وٺندو هو. ان بعد مان وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ عارضي طور سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس ته سائين ڪمال صاحب جو ساٿ ۽ سرواڻي حاصل ٿي. مون سائين کان تمام گهڻو پرايو. جيتوڻيڪ سائين منهنجو استاد ۽ باس رهيو پر هن ڪڏهن به محسوس نه ڪرايو ۽ هڪ دوست جهڙو رويو ۽ ورتاءُ رکندو هو. اها خوبي تمام گهٽ ماڻهن ۾ ٿيندي آهي.

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر صاحب جي علمي ادبي خدمتن ۾ سنڌي لوڪ ادب کي جديد دور ۾ متعارف ڪرائڻ کي خاص اهميت حاصل هئي، پر گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي سيني تعليمي ادارن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادبي جي تعليم ۽ تدريس کي پنهنجو ڀرپور مقام ۽ مرتبو ڏيارڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي، جيڪا هڪ نهايت اهم ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي درست تعليمي ۽ تدريسي عمل سان ئي زنده رهي سگهي ٿي ۽ اهوئي اسان جي وجود جي انفراديت جو بنيادي حوالو آهي.

ڊاڪٽر ڪمال جيڪو پنهنجي طبيعت ۾ ماٺيڻو ۽ گهڻي ڀاڱي چپ رهڻ وارو ماڻهو هو. جنهن وقت ڏسبو هو ته هُو هر وقت پنهنجي ڪم ۾ گم رهندو هو ۽ جڏهن به سچل ڳوٺ سائين جن جو اچڻ ٿيندو هو ته هو مون کي فون ڪري ملڻ لاءِ گهرائي وٺندو هو. پوءِ سندس سچل واري گهر ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺي ڪچهري ٿيندي رهندي هئي. تاريخ 13_12_2020 آچر جي شام ڊاڪٽر ڪمال چاچڙي جو فون آيو "ڪٿي آهيو؟". مون چيو سائين سچل ۾ آهيان ۽ توهان ڏانهن ئي پيو اچان. سائين چيو اچو. دروازو کڙڪايو سين ته سائينءَ پاڻ هميشه جيان مسڪرائيندي

دروازو کوليو ۽ اندر اچڻ لاءِ چيو. ويهڻ شرط ٿي سائينءَ مهراڻ کي آواز ڏيندي چيو تہ چانه تيار ڪرائي وٺ. ان وقت اعجاز لانگاه بہ مون سان گڏ هيو جيڪو سائين جي گهر جي پرسان رهندو آهي.

سائين پاڻ پنهنجن هٿن سان چانه کڻي آيو ۽ ان سان گڏ مٺيون سيون پڻ آندائين. پاڻ پنهنجن هٿن سان سيون مون کي کائڻ لاءِ ڪڍي ڏنيون. سائين سان ملڪ جهان جي ڪچهري ڪان ويندي اسلام آباد ڪورٽ وڃڻ جي شنوائي تائين ڳالھ ٻوله ٿي. تاريخ 16 تي سائينءَ جو واٽس اپ تي سائين تاجل بيوس جي ياد ۾ سيمينار جو ميسيج آيو. مون سائينءَ کان طبيعت جو پڇيو. ”ڪجه بهتر آهي.“ جو جواب آيو. مان وري پنهنجن ڪمن ڪارن ۾ لڳي ويس. صبح جو آفيس پهچي تہ فيس بوڪ تي مريد چانڊيو جو ڊاڪٽر صاحب جي طبيعت جي حوالي سان اسٽيٽس نظر مان گذريو. مون جمال کي ڪال ڪئي ۽ سائين جي طبيعت جو معلوم ڪيو. جمال چيو ”ادو بهتر آهي، رات تہ گڏ هئاسين اسپتال ۾. مون وراڻيو نہ سائين جي طبيعت ٺيڪ ناهي مون فيس بوڪ تي مريد چانڊيو جو اسٽيٽس پڙهيو آهي.“ جمال وراڻيو ”مان حسن اسڪوائر تي پهچو آهيان ۽ ريڊيو تي پروگرام ڪرڻ پيو وڃان.“ مون اوڪي ڪري ڪال ڪٽي ڇڏي. ٿوري دير ڪان پوءِ سائين جي پاءُ صدام جي ڪال آئي تہ آئون ادي ڏانهن اسپتال پيو وڃان. تہ منهنجي اندر جي عجيب حالت ٿي وئي. مون سائين جي پُٽ مهراڻ کي ڪال ڪئي. تنهن پريشان آواز ۾ چيو تہ بابا جي طبيعت ٺيڪ ناهي ۽ آءِ سي يو ۾ داخل آهي. مون چيو تہ ”سائين هوش ۾ تہ آهي نہ؟“ مهراڻ جهيڻي



آواز ۾ چيو ڪا خبر ناهي اسان کي اندر وڃڻ نہ پيا ڏين ۽ بابا جو بلڊ پريشر وڌي نہ پيو.“ الله سائين خير ڪجانءِ. جيئن جيئن وقت وڌڻ لڳو تيئن تيئن منهنجي ڪيفيت بہ عجيب ٿيندي رهي.

16_12_2020 تي ئي شام جو 4 وڳي 45 منٽن تي جاويد ميمڻ جيڪو پاڻ ڪورونا جهڙي وبا سان جهيڙيندي گهر ۾ آئسوليٽ هيو. جو واٽس اپ آيو تہ ”وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر ڪمال جامڙو لاڏاڻو ڪري ويو.“ مون مٿان ڄڻ بجلي ڪري پئي. مون بنا دير جي جمال جامڙي کي ڪال ڪئي ۽ سائينءَ جو پڇيو. جمال وراڻيو ”خبر سُٺي ناهي.“ مون چيو مان اچان پيو. چيائين اسان نڪرون پيا اسپتال مان توهان گهر اچو. اسان بہ اوڏانهن پيا اچون. 17_12_2020 تي پنهنجن هٿن سان سائينءَ کي دفنائڻ کان پوءِ بہ اجا تائين يقين نٿو اچي تہ سائين ڊاڪٽر ڪمال جامڙو اسان ۾ ناهي رهيو. سائينءَ سان گهاريل هڪ هڪ پل اکين اڳيان گهمي رهيو آهي. ڊاڪٽر ڪمال جهڙا عظيم انسان صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ ڊسمبر جي نياڳي مهيني مون کان منهنجو عظيم استاد کسي ورتو آهي.

محمد علي پٺاڻ

## غزل

خيال جڏهين بہ توکي ئي سارڻ لڳا،
لڙڪ ٿانڊا ٿي چهرو جلائڻ لڳا!

نينهن جي ماڳَ کان پرپرا پَلَ ٿِي،
درد دل ۾ هزارين سمائڻ لڳا!

"وک کُھِجي بہ کڻ". شاه جا ڏَسَ هي،
حوصلو هاريلَ جو وڌائڻ لڳا!

واءُ جهوتا عجب خوشبوئن سان گهُلِي،
عڪسُ هر گُل ۾ تنهنجو پَسائڻ لڳا!

گهاوَ نظرون کٽي، سورَ ساهن تو ڏڳَ،
مُورُ اچٽي نہ آن، پر نِهارڻ لڳا!

## وائي

اَڄُ بہ دَرُ آ کُليل، تون اچي ٿي سگهين،
وقت ناهي ويو...
گهُگهَ ۾ روشنيءَ، جيان رَچِي ٿي سگهين،
وقت ناهي ويو...
عشقَ جيان روحَ ۾، ٿي سَچِي ٿي سگهين،
وقت ناهي ويو...
دل مُهين جي مٿان، تون نچِي ٿي سگهين،
وقت ناهي ويو...
چٽنگ مان مَڇُ ٿي، سَچُ، مَچِي ٿي سگهين،
وقت ناهي ويو...

# ڀَوائِتي تصوير

(ڪهاڻي)

محمد علي پناڻ

"راتِ پڻهين خواب ۾ آيو.."

"ها چاچا؟!.."

"ها، پر ڏاڍو ڏکويل هو.."

"ڏکويل!، ڇو؟.."

"چيائين پئي تہ پُٽَ ڪلياڻُ نہ ڪيو.."

"ڪلياڻُ، الائي ڪهڙي ڳالهہ جو ؟!.."

"ڀَلَوَ جو. معنيٰ هن جي بيگاهہ قتل جي ڀَلَوَ جو.."

"چاچا، ڀَلَءُ ڪيان، تہ گهَرَ جو ٽِپو اونڌو ڪريان نہ.. "

"اُهو ڪيئن؟.. "

"ڀَلَءُ جو ڪيان تہ، مان تہ جيلِ وڃان نہ. پُٺيان منهنجي زالَ ٻن ٻارن سميت پيڪين وڃي. ماءُ مامن جي دَرَ تي ڌِڪا کائي. ائين نہ؟.."

" جُوانَ پوئتي ناهن ڏسندا ۽ هَر مشڪل مرحلي مان شينهن جي دل ڪري نڪري ويندا آهن.. "


"شينهن خونخوار جانور آهي. مان انسان رهڻ ٿو چاهيان چاچا.."

"سِڌي ڳالهہ ڪَرِ نہ، تہ ڊيڄوُ آن. تڏهن تہ بابَهِن ڏڪارو آ ۽ خوابَ ۾ مونکي تنهنجي مِيارَ ڏنائين.."

"چاچا، بابي جي فطرت جي مونکي خبر هئي، هو جيتَ جَڻِيي جو بہ خير گهرندو هو. هن کي مارڻ واري جي ساڻس ڪا بہ شخصي دشمني نہ هئي، پر مخالف ذاتِ جو هُئڻ ڪري بابي کي ماريو هئائين يا مان غلط بياني ٿو ڪريان؟.."

"ها، اها ڳالهہ تہ سَهِي آهي. پر زماني ۾ ڪنڌُ ڪٽي هلڻ مڙس ماڻهائپ جي زمري ۾ ٿو اچي ۽ ڪنڌُ جهڪائي هلڻ بزدليءَ جي. سو نَڪَ تان اها ميرُ تہ ڌوءُ نہ بابا، پيءُ کي خواب ۾ ڏڪارو نہ ڪر. خوشي ڏي ۽ خوشي هن جو پلئہ ڪرڻ سان ئي هن کي ملندي.."

"منهنجا ٻچا اسڪول ۾ پڙهن ٿا. مان انهن کان قلم ڪتاب کسي انهن جو اُجرو مستقبل جهالت جي رسم ورجائي تاريڪيءَ حوالي نہ ڪندس. ٺيڪ آ، بابي جو قاتل ضمانت تي جيل کان ٻاهر آهي. ڏندَ تيزي ٿَهَڪَ ڏئي گهُمي ڦِري ٿو. پر جنهن مالڪ هن ۾ ساهُ وڌو آ، اهو ئي کانئس کسيندو. بابي جو حساب بہ اهو ئي وٺندس. هن جهان ۾ بہ تہ اڳلي جهانَ ۾ بہ. بابو پنهنجي ماستريءَ جي سموري حياتيءَ ۾ وک وک تي اهڙن ماڻهن کان حساب جي ڳالهہ الله جي عدالت تي ئي ڇڏڻ جو درس ڏيندو هو. گندَ سان گندُ ڌوئي هٿن کي گندو ڪرڻ کان پرهيز جو تاڪيد ڪندو هو. سو بابي جي خواب جي، تون پنهنجي سوچ واري اهڙي ڀوائتي تصوير مونکي وري ڪڏهن بہ نہ ڏيکارجانءِ چاچا سائين، پلجي بہ نہ ڏيکارجانءِ.."



محمد علي پناڻ




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ 21 ڪي ايم بي آر تي
ييليو لائين منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هڪ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي.




پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزير اعليٰ هائوس ۾ سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال ۽ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ
سنڌ حڪومت جي اپائن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ هڪ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

DECEMBER - 2022



## علامہ اقبال جي فڪر جي روشنيءَ ۾ خودي ۽ بي خوديءَ ۾ فرق

(خاص ليک اندر پڙهندا)

عام طور خوديءَ جي معنيٰ غرور ۽ تڪبر سمجهي ويندي آهي. انگريزيءَ ۾ خوديءَ کي Self جو نالو ڏنو ويو پر اسان جي شاعرِ مشرق علامہ اقبال خوديءَ جو جيڪو فلسفو پيش ڪيو، اهو ان کان بلڪل مختلف ۽ منفرد آهي. ڊاڪٽر علامہ محمد اقبال جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نا هي. هُو 9 نومبر 1877ع تي سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد شيخ نور محمد هڪ ديندار ۽ صوفي ماڻهو هو. سندس امڙ امام بي بي سندس پرورش ديني ماحول ۾ ڪئي، شروعات ۾ علامہ اقبال کي فقط ديني تعليم ئي ڏني وئي پر پوءِ سندس والد پنهنجي هڪ دوست جي صلاح تي کيس دنياوي تعليم سان پڻ سينگاريو. پاڻ ابتدائي تعليم سيالڪوٽ مان ئي حاصل ڪيائين. پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1905ع ۾ ڪيمبرج ۾ داخلا ورتي. 3 سال لندن ۾ رهيو. فلسفي ۽ معاشيات جون ڊگريون حاصل ڪيائون پوءِ جرمنيءَ روانو ٿيو. هن جرمنيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي، يورپ جو هي سفر سندس لاءِ بي حد لاڀائتو ثابت ٿيو. هڪ تہ کيس مغربي تهذيب ۽ ثقافت کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو مليو، ٻيو تہ اسلام تي سندس عقيدو اڃا بہ پختو ٿيو. 1908ع ۾ پاڻ وطن واپس آيو ۽ شعر ۽ شاعريءَ تي خوب ڌيان ڏنائين.